باب پهريون

داخلي شاهدي :

شاعريءَ جو تنقيدي جائزو

(الف) فني پهلو

(ب) فڪري پهلو

باب پهريون

داخلي شاهدي

شاعريءَ جو تنقيد ي جائزو

(الف) فني پهلو

(1) بولي ءَ اسلوب بيان

بولي ءَ اسلوب بيان جو ڪمال شعر جي خاص خوبين ۾ شمار ٿئي ٿو. مرحوم ثنائيءَ جي ڪلام ۾ الفاظ جو انتخاب، واقعات جي موزونيت، موضوعات جي ترتيب، قافين جو استعمال، روايات جي پختگي، فڪر جي گهرائيءَ ۽ بولي ءَ جي شستگي جون خوبيون خوب پرين آهن. ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته جئن لفظ سندس آڏو هڏا ٻانها ٻڌي بيٺا هجن. جنهن مان مولانا مرحوم جي علمي بصيرت جي گواهي ملي ٿي. بولي ءَ اسلوب بيان جي نقطه نگاه کان ثنائيءَ شعر جي هر هڪ صنف سان پورو پورو انصاف ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ گهٽو ڪري خالص عوامي ۽ عام فهم مقامي بولي استعمال ڪئي آهي. اهڙي جهلڪ سندس شعر جي هيٺين سٽن مان ملاحظه ٿئي:

پرين ۽ پيچ پاتو رنگي زلف چوڑي - اڏيو دام دلبر سسي ۽ ڪيرموڑي
خدا پاڪ جاڙي پيو دام آهي - اندر ڪي آکين ڪي نه آرام آهي
ڪيو نيهن ٽانگو نوائي نهوڑي
پرين ۽ پيچ پاتو رنگي زلف چوڑي (1)

---

(1) ثنائي ثناء الله، 'قلمي بياض'، ٽان

مرحوم ثنائيءَ بهترين ۽ معياري شعراءَ گهربل سوريون تقاضائون پوريون ڪيون آهن. سندس ڪلام فصاحت ۽ بلاغت، روانيءَ ۽ سلاست، جدّت ۽ بلند خياليءَ جي خوبين سان مزيّن نظر اچي ٿو. ۽ منجهس صنايع لفظي توڙي معنوي جون خوبيون اتم موجود آهن، جيڪي مذڪوره مٿيئي خوبيءَ جي مثالن سان اپتار ڪجي ٿي.

(ii) فصاحت ۽ بلاغت

ثنائيءَ جي هڪ ڪاميءَ مان فصاحت ۽ بلاغت جو

مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ڏنگا ڏونگر، ڏڪيا ڏاڪا، وِنگا وَر پيچرا جهاڪا
ويچاري پئي ڪري واڪا، ٽنگي نه مل نهاري وڃ (۱)

پهرين ست ۾ تفسيس حرفي طور 'ڏنگا، ڏونگر، ڏڪيا ڏاڪا' ست جي سونهن ۾ نڪار پيدا ڪري بيٺا آهن. اڳتي 'وِنگا ور پيچرا جهاڪا' جا الفاظ ڏونگرن جي اٽاڪل پنڌن جي نشاندهي ڪن ٿا. پوءِ اهڙي صبر آزما ۽ تڪليف ده منزلي تي ويچاريءَ جا واڪا ڪرڻ فطريءَ عمل آهي. مٽيءَ ستن ۾ ڪيڏي نه سونهن ۽ سادگي سمايل آهي. الفاظ جي اچارڻ ۾ ڪائي هٽڪ ۽ هيڪاڻ نه تي ٿئي. ان کان علاوه انهن ستن ۾ خاص وقت ۽ حال جو ڏڪ ڪيل آهي. پڙهندڙ جو ڏيان هڪدم سورن جي ستايل سڻئي ڏانهن ڇڪجيو وڃي.

---

(۱) ثنائيءَ ثناءالله، 'قلمي بياض'، ٽاڻ

هيٺ مرحوم ثنائيءَ جي مناجات مان فصاحت ۽ بلاغت جو مثال پيش ڪجي ٿو:

اچي لا علم کي ڪر علم وارو
سٽ بي حلم کي، ڪر حلم وارو
اچي گمراهه کي ڏي لاءِ رهبر
ڏيو دلگير کي دلجاءِ دلبر
پرين بي پوش کي ڪر پوش وارو
پلاٻي هوش کي ڪر هوش وارو
اچي بي يار سان ڪر يار يارِي
اچي بي دين کي ڏي ديندارِي
اچي بيڪار کي فرماءِ ڪم تون
اچي غمگين جو هي لاه غم تون (۱)

مناجات جون مٿيون ستون پڙهڻ ٻڌڻ کان پوءِ اسان جي ذهن ۾ گهرائيءَ سان جيڪي سوال اڀرن ٿا، سي هي آهن: ڏهن ستن ۾ ڪوبه اهڙو لفظ استعمال ٿيل نه آهي، جنهن جي پڙهڻ ۾ ڪابه دقت محسوس ٿئي يا لفظ جي معنيٰ ڳولهڻ لاءِ لغت جو سهارو وٺڻ جي ضرورت پوي.

ثنائيءَ جي ڪلام جي فصاحت جو هڪ ٻيو مثال

ملاحظه فرمايو:

(۱) ثنائي ثناءالله: محمود غزلوي عرف سچو عشق، لاڙڪاڻو، پاڪستان پبليڪيشنز، ص ۱۳

ڈسون تا پنھنجي عيبن ڈي ته دوزخ جا ٿيندا آھيون
ڈسون تا جي شفاعت ڈي ته لائق حوض ڪوثر جا (۱)

فصاحت جي لحاظ کان متيون ٻئي سٽون ڪيتري قدر ۽ عام فھم ۽ سولين آھن. جڏھن ته معنيٰ ۽ مقصديت جي لحاظ کان انھن ۾ جيڪا بلاغت پيدا آھي تنھنجو جواب ناھي.

فصاحت ۽ بلاغت غزل جون اھڙيون خوبيون آھن، جن کان سواءِ غزل جو حسن ۽ نزاڪت مفلوج ٿي پوندا. ٽنائيءَ جا غزل فصاحت ۽ بلاغت جو عمدو مثال آھن. ھوڏانھن غزل جي ھڪ سٽ ۾ رقمطراز آھي:

ھوندي پرين عجب آ توکي اڏڻ نہ ايکو
شھباز ٿيڻ تہ شامل پروازِ پي سکي ڇڏ (۲)

غزل جي متين مصراعن تي غور ڪبو تہ انھن مان فصاحت ۽ بلاغت ٻکي ٿي. سٽ ۾ بظاھر تہ شھباز ۽ پرواز جو ذڪر آھي پر جڏھن ان جي اندروني معنيٰ ۽ مطلب تي غور ڪجي تو تہ ان ۾ انسان کي سندس عظمت جو احساس ڏياريو ويو آھي، ”پرين“ مان مراد ”عقل“ آھي. عقل جي نعمت سبب ئي انسان ٻين جانورن تي فوقيت رکي ٿو. ھاڻي جيڪڏھن کو عقل ھوندي ان جو استعمال ئي نہ ڪري

---

(۱) ٽنائي ٽناءالله، ”ديوان نعمتيہ ٽنائي“، لائڪ ڪلاٿ، ويڙھ مومل ڪوٽ مل تاجران ڪتب، ص ۳
(۲) ـــ ايضاً ـــ ”قلمي بياض“، تان

تہ کیس بیوقوف لیکبو، ہي طرف 'شھباز' مان مراد اشرف المخلوق آھي، اسان جیان شھباز کي یہ ہین پکین تي فوقیت آھي، ھا ٹي اشرف ھجڻ جي دعوی کي صحیح ثابت کرڻ لاءِ اسان کي حیاتي جو مقصد سمجھڻ ۽ ان کي حاصل کرڻ لاءِ جدوجھد کرڻ لازمي امر آھي.

ثنائي جي مداھن ۾ فصاحت ۽ بلاغت جون خوبیون خوب پریل نظر اچن تیو. ملاحظہ تئي.

جھڑو تھڑو تنھنجو آھیان یا نبي
دانھن توري ٻي طرف، کاڈ ي نبي
توسوا ڇئہ کوڻ ٻیو کنھن کي کھي
دانھن در در ن جیا اوھان کي ٿي ڈبي
یارسول اللہ عربي الغیاث (۱)

میٹن ستن ۾ کوبہ اھڑو پیچیدہ یا دقیق لفظ استعمال تیل نہ آھي، جنھن جي اچارڻ ۾ کا تکلیف تیندي ھجي. ان کانسواءِ وقت ۽ حال جي عکاسي کھڑي نہ عمدي طریقي سان کئي ویئي آھي ھڪ عاصي ۽ گنھگار نبيءَ در دانھین ٿي اللہ کان مغفرت ڈیارڻ جي التجا کري تو.

ثنائي جي مثنوي مان فصاحت ۽ بلاغت جي جھلک ھیٹ ڏجي ٿي،

---

(۱) ثنائي ثناءاللہ: اشعار ثنائي، شکارپور، مولوي محمد عظیم تاجران کتب ص ۴۴

صبح وقت افلاک تيو خنده زن
پرهه جي قتڻ جو پنهائين دهن
کيو يائين ميان کاري منجهائون تلوار
اڏي پئي کفارن تي کارهن جي کار
ستارا ستا شمس جو تيو شعاع
پرهه جي پکين پي سڏايو سماع
جئن شمس مشرق کان اپرهٽ لڳو
علي سبز چادر مان نکرڻ لڳو (۱) .

متيون سٽون فصاحت ۽ بلاغت جو چٽو دليل آهن. منظر کشي ۽ جو کمال آهي. صبح ويل آسمان تي آهستي آهستي جيڪا هلڪي روشني نمودار ٿيڻ لڳي آهي ان کي ثنائي افلاڪ جي خنده زني سڏي ٿو. اونده جي سمنڊ مان روشني ۽ جو جيکو پهريون ڪرڻڪي نروار ٿئي ٿو ته ان وقت ان اونده کي کاري ميان سان ۽ ڪرڻ کي تلوار سان تمثيل ڏيئي ثنائي ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. اهڙين بلاغت پرين سٽن کانپوءِ شاعر مثنوي جي اصل موضوع تي ايندي ٻڌائي ٿو ته مڪي پاڪ ۾ جيڪي ڪافر نبي ﷺ جي جان جا ويري ٿيڻ لڳا ته ناپاڪ منصوبو سڏي سندن آرام گاهه کي گهيرو ڪيون ويا هئا. ان وقت انهن ڪفارن جي مٿان خدا جي قهار وسي رهي هئي. اهڙي ريت جڏهن چٽو صبح تيو ستارا غائب ٿي ويا، صبح جي هلي

---

(۱) ثنائي ثناءالله: 'هجرت نامو' قلمي بيان، ص ۳۱

روشني نمودار ٿي، پره جي پکين به پنهنجا سهڻا سُر آلاپڻ شروع کيا ته
هيڏانهن مشرق مان سج ڪنهي ڪيدي، هوڏانهن نبي پاڪ ﷺ جي ستر مبارڪ تي
ستل حضرت علي شير خدا سائي چادر هٽائي، ڪافرن کي ڏسڻ ۾ آگريون ڏئي
چڏيون.

فصاحت ۽ بلاغت جو هڪ وڏيڪ مثال پيش ڪجي ٿو.

پلو پور، شهرور ۽ مور آ
ٽکو گور ڪان ۽ ڏکي گور آ
جتي جو اسان جي پوي پئي نظر
نظر ڪان انهيءَ جو قدم آ کسر
مثل برق براق پڙ ڪو پري
تہ اڪ چنبي ۾ فلڪ تي پيو ڦري (۱).

رب ڪائنات پنهنجي پياري پيغمبر کي فرش
ڪان عرش تي گهرائڻ لاءِ جيڪا سڀ کان رفتار سواري موڪلي هئي هتي انهيءَ
مقدس سواريءَ جي تيز رفتاريءَ جو ذڪر ڪيل آهي. پهرين بند ۾ پور،
شهرور، مور ۽ گور جا الفاظ ستن جي سونهن ۾ اضافو ڪري ٻيا آهن. اڳتي
ويت هيلين ستن ۾ اسماني نظر جي انتهاواري مفاصلي کي براق جي وک برابر
به ڪونہ سڏيو ويو آهي. وري برق رفتاريءَ جو هو عالم ڏيکاريو ويو آهي،
جو براق اڪ چنبي ۾ فرش کان عرش تي پيو پهچي وڃي اهو سمورو بيان فصاحت ۽
بلاغت جو بهترين نمونو ٻڌائي پيش ڪيو ويو آهي [۲]

---

(۱) ٽنڊائي ثناءالله، معراج نامو، قلمي بياض، ص ۴
[۲] محمد حفظ الرحمان سولانا، قصص القرآن، جلد چوٿون، لاهور، ناشران قرآن لميٽيڊ، ۱۹۷۴ء، ص ۴۱۰

(iii) روايتي ۽ سلاست

مرحوم ثنائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ روايتي ۽ سلاست جي خوبين سان خوب نياپو آهي. سندس شاعريءَ ۾ اها خوبي تقريباً هر هنڌ نظر اچي ٿي. هت ڪنڊ ڪي آرسي ڏجو! هڪ ڪافيءَ جو بند ملاحظه فرمايو:

رلان تولئه رڳو رڄ ۾ - هلان پٽي ڏيکلي سڄ ۾
آهيان ڏاڍي سڄڻ اڄ ۾ - پنهل پاٽي پيٽاري وڄ (۱)

ميٽون ستون هولي ءَ جي روايتيءَ جو بهترين مثال آهن. 'رڄ'، 'سڄ' ۽ 'اڄ' جا الفاظ نه رڳو سسئي جي سورن جا ترجمان آهن پر انهن جي استعمال سان هولي ءَ ۾ جيڪا روايتي پيدائتي پئي آهي، تنهنجو جواب نه آهي.

مولانا ثنائيءَ جي مولودن ۾ روايتي ۽ سلاست تمام گهڻي نظر اچي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو سندس مولودن کي غير معمولي مقبوليت ملي. هو هڪ مولود ۾ رقمطراز آهي:

هتي به حضرت ڏني آمعافي - هتي به ٿيندو شفيع شافي
هتي به بخشش، هتي به ڪوثر - هتي به عربي، هتي به عربي
ڪندو نبيءَ جي ثنا ثنائيءَ - ته ڪيئن نه ٿيندي سندس سڀائي
نبي نوازي ڇڏيا گداگر - هتي به عربي هتي به عربي (۲)

(۱) ثنائي ثناءالله :، 'قلمي بياض'، ٽان
(۲) ثنائي ثناءالله :، 'قلمي بياض'، ٽان

مرحوم ثنائيءَ جي مولودمان روايتي ۽ سلاست جو
هڪ ٻيو نادر نمونو پيش ڪجي ٿو. ملاحظو ٿئي :

توڻ آن بيشڪ حبيب، خدا کپريا - مه لقا، دلربا، بي بها، دلصفا
آهيون عيب پريا، ڪرنظر نامياڻ - ناجيا، شافعا، حاڪما، حاذقا
ٿي مسيحا اتاريا مٿا ۽ انڌا - لادوا، بينوا، کوڙهيا کيترا
بي نور تنهنجي منجهوڻ ٿي بپا - ابتدا، انتها، والضحيٰ، في السما (۱)

مولود جون ميئون ستون قافيه بندي جو بهترين
مثال آهن، قافين جي روايتي پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ جي طبيعت تي هڪ
وجد جي ڪيفيت طاري ڪري ٿي.

مولانا ثنائيءَ جي مداحن ۾ پڻ روايتي ۽ سلاست
جون خوبيون اٿم نظر اچن ٿيون. مثال طور سندس هڪ مداح جون
ڏهيلون ستون پيش ڪجن ٿيون :

ڪير ٻيندو ماڙ منهنجي توسوا
ڪير منهنجا درد ٻيندو توسوا
ڪير موڪلي قرب ڏيندو توسوا
ڪير منهنجا غم کٽيندو توسوا
يارسول الله عربي الغياث (۲).

(۱) ثنائي ثناءالله : ' قلمي بياض ' تان
(۲) ثنائي ثناءالله : ' اشعار ثنائي ' شڪارپور، مولوي محمد عظيم ص ۴۵

مرحوم ثنائيءَ پنهنجي هڪ نعتيه شعر ۾ پنهنجي اڻڻ جو اظهار ڪيڏن نه عام فهم لفظن ۾ ڪيڏي نه روانيءَ سان ڪيو آهي ملاحظه فرمايو :

خداوندا اسانجي قلب کاري کي منوّر ڪر
محمدؐ جي محبّت جو اسانجي جان ۾ گهر ڪر
رسول الله جي سڪ ۾ رهون لاغرض، بي فڪرا
نه واليءَ ڪر، نه حاڪم ڪر، نه خادم ڪر، نه نوڪر ڪر
محبّت غير جي ۾ ڪين ڪي ڦاساءِ يا مولي
نه ٿر دعوىٰ قلندر ڪ، نه ڪي دارا سڪندر ڪ (۱)

مٿين سٽن ۾ ثنائيءَ جي التجا جو انداز ئي نرالو آهي. روانيءَ ۽ سلاست کان علاوه مقصد ۽ معنيٰ جي لحاظ کان به و ڏو مفهوم سمايل نظر اچي ٿو. اول هو خدا وندڪريم کان اسان جي کاري قلب کي نور سان روشن ڪرڻ جي استدعا ڪري ٿو. پوءِ انهي منور قلب ۾ محمدؐ جي محبّت جاگير ٿيڻ جي التجا ڪري ٿو. بني پاڪؐ جي سڪ کان سواءِ ٻي ڪنهن به غرض ۽ فڪر کي جي ۾ جاءِ نٿو ڏيڻ چاهي، گويا سندس سموريون خواهشون سميٽجي سچي سردار جي سڪ جي صورت اختيار ڪري ٻيليون آهن. هاڻي نه ته ڪيس هفت اقليم کپي ۽ نه ئي وري محمد پاڪؐ جي غلاميءَ کان علاوه ڪنهن ٻي جي نوڪري يا غلامي ڪجو خواهان آهي، ڪنهن به غير جي محبت کي هو ڪٿي به مثل پائيندي، نه قطب ۽ قلندر ٿيڻ چاهي ٿو ۽ نه ئي دارا ۽ سڪندر جهڙي

(۱) ثنائي ثناءالله : ، ديوان نعتيه ثنائي ، لاڙڪاڻو، مرڪز هوملڪتابمل ، ص ۲۷

نعت ۽ بخت ، شان ۽ شوکت جي طلب رکي تو. بلڪ هو مرسلن جي مهندار
ڏين جي آدار سهڻي نبي ص جي محبت کي مٿي مرتبن تي قربان ڪرڻ لاءِ وشان
آهي .

ثنائيءَ جي مذکوره ڪيفيت جو اظهار سندس هر هڪ
نعت مان نمايان نظر اچي تو. ڏسوته ڪيڏيانه روايتي ۽ سان هن پنهنجي عقيدت
کي ظاهر ڪيو آهي :

فهيم فائق ، سليم صادق - لطيف لائق ، شريف شائق
اصيل عاشق ، وڪيل واثق - ڪبير قانع ، رسول شافع
اسا جي هر درد جي دوا آ - بلا جو دافع رسول شافع (۱)

مٿين جي روايتي ۽ تسلسل مان ان گاله جي گواهي
ملي تي ته ثنائيءَ جي آڏو جڏن الفاظ قطار در قطار بڌن بادب ڄيان منتظر
بيٺا هجن ، اهو به ظاهر ٿئي تو ته سندس شاعريءَ ۾ فقط لفاظي ڪونه آهي .
بلڪ جيڪي الفاظ هو شعر ۾ سمويهي تو اهي وڏي معنا ۽ مفهوم جي موتين
سان پريل آهن .

'غزل' شاعريءَ جي اها صنف آهي جنهن ۾ روايتي ۽
سلاست کي خاص اهميت حاصل آهي . ثنائيءَ جي غزل ۾ اهي خوبيون اچ نظر
اچن ٿيون . هڪ غزل جي هن ستن ۾ چوي تو :

هيئون حيران ، من ماندو ، لٽاليڙون ، بدن بيوس
فراق آ قيتو دل کي ، غمن ۾ ٿيو گذر آهي (۲)

(۱) ثنائي ثناء الله : ديوان نعتيه ثنائي ، لاڙڪاڻو ، ويڙهو مل ڪتب خانو ، ص ۴۲
(۲) ثنائي ثناء الله : قلمي بياض ، تان

مٿين ستن مان هوليءَ جي روايتي ۾ سلاست جو پتو پوي ٿو. ان کانسواءِ ثنائيءَ بيحال عاشق جي داخلي کيفيت سان گڏ سندس خارجي حالت به بيان ڪئي آهي. اهڙي عاشق، دلگير جو هيئون حيران آهي ۽ من ۾ مرڪ ڪائي، ويچاري جالنالي تروڙ ٿي ويا آهن ۽ ڪيس پنهنجي جسم تي به اختيار ڪونه رهيو آهي. محبوب جي وچوڙي سندس دل کي گهائل ڪري رکيو آهي. هاڻي سندس گذر غمن ۾ ٿي رهيو آهي.

ثنائيءَ جي غزل مان روايتي ۽ سلاست جي ٻڪ ٻي جهلڪ ملاحظه ٿئي:

ملايو محب آمولا، لڌا اولا، ڀڳا پولا
اسانجي عشق جي ظاهر حڪايت ڀي ته ڄاڻي پير (۱).

ثنائيءَ جي غزل جون هي به ستون پڙ روايتي ۽ سلاست جو بهترين مثال آهن. پهرين ست ۾ 'مولا'، 'اولا' ۽ 'پولا' جي قافين سبب جيڪا روانيءَ پيدا ٿي آهي، سا لاجواب آهي. مولا جڏهن محب ملايو ته سمورا غم الڪافور ٿي ويا ۽ سمورا ضد شا ۽ غلط فهميون دور ٿي ويون. ٻي ٻٽ ۾ عاشق زهر پياڪ لوڪ جي لوس لب کان نڪو ڏجي بلڪ جرئت مندي ڪجواظهار ڪندي چوي ٿو ته جيڪڏهن اسانجي عشق جو چرچو عام ٿي ويو ته ڪاوڙي گاريون ڪاڍه ٿي. هونئن به عشق ۾ مشڪ لکڻ جا تورائي آهن!

---

(۱) ثنائي ثناءُ الله: 'قلمي بياض'، تان

(۱۷) جدّت ۽ بلند خيالي

مرحوم ثناء الله ثنائيءَ جي شاعريءَ ۾ جدّت ۽ بلند خيالي جا بيشمار مثال ملن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ته سندس ڪلام ۾ نازڪ خيالي ندرت ۽ نواڻ جا اهڙا خيال ملن ٿا جيڪي شاذونادر ئي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن. مثلاً سندس هڪ نعتيه غزل جون چار سٽون ملاحظه ٿين:

کِوِل ٻڌي ڪبوتر جي پوان پرن اندر چنبڙي
انڊائي نبيءِ مدينيءَ ڏي، نيابت ري نيڙ مشڪل
نه طاقت آ نه طاعت آ، نه لياقت لائقي موڻ ۾
ثنائيءَ جي سوالي ٿيان، ادب پاران ڇوڙ مشڪل (۱)

مرحوم ثنائيءَ جي شعر جون ميٽون ٻه سٽون خيال جي ندرت، نفاست ۽ نازڪ خيالي جو عمدو مثال آهن. جن ۾ هو مدينيءَ جي قاصد ڪبوتر جي پرن ۾ کِوِل ٻڌي چنبڙي پرين جي پار پهچڻ جي تمنا جو اظهار ڪري ٿو.

اهڙي طرح ثنائيءَ جي ڪافين ۾ جدّت ۽ بلند خيالي جا ڪيئي مثال ملن ٿا جنهن ڪري سندس ڪافين جو معيار ٻين معروف سندي ڪافيءَ گو شاعرن جي مقابلي ۾ ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي. جدت ۽ بلند خيالي جو مثال هيٺ پيش ڪجي ٿو:

---

(۱) ثنائي ثناء الله: "قلمي بياض"، تان.

| وڃهي پاڻ ويهي پرهه ، اندر جو حال ٿي اوريم |
| لکيون سين لوڙ دل ٿي ، جيءَ گرم گفتار جون راتيون (۱) |

اها عاشق جي اولين خواهش هوندي آهي ته محبوب ساڻس گڏ گوڏي ڀڃي ، جنهن سان هو اندر جا احوال اوريندي ڏاڍي ، هاڻي جڏهن اهڙي عاشق جو پنهنجي من گهر ۾ محبوب سان ميلاپ ٿيو آهي ته ان کي پاڻ وڃي پرهه ويهاريو اٿس ۽ ساڻس اندر جو احوال اوريو آهي. اهڙين يادگار راتين ۾ گڏ گهاريل گفتگو کي دل جي تختيءَ تي امر ڪري ڇڏڻ جي خيال ۾ ڪيتري نه ندرت ، نواڻ ۽ نازڪ خيالي آهي .

بلند خيالي ۽ جوهڪ مثال ثنائيءَ جي مداح مان پيش ڪجي ٿو :

| نور تنهنجي جو ظهور و آب چوان |
| ڪاڻ تنهنجي جمله جهاني جگ چوان |
| تون آن وارث ڏيهه سارو وگ چوان |
| تو وڻايو آڏٽيءَ جو دگ چوان |
| يا حبيب الله عربي الغياث (۲) |

مداح جون ميٽون ستون بلند خيالي ۽ نزاڪت جو بهترين مظهر آهن . ثنائيءَ سرور ڪائنات جي ذات اقدس جي

(۱) ثنائي ثناءالله : ، قلمي بياض ، تان
(۲) ثنائي ثناءالله : ، اشعار ثنائي ،

جلوه نمائي جو ذکر کڍڻ ۾ سهٽي پيرايي ۾ ڪيو آهي، جيتوڻيڪ دنيا ۾ پاڻ ڪريم جن بظاهر ته سيني نبين کان آخر ۾ تشريف فرما ٿيا، پر سندن نور جو ظهور خداوند پاڪ ان وقت ڪرڻ فرمايو هو، جڏهن ڪائنات اڃان وجود ۾ ئي ڪانه آئي هئي، نه چنڊ هو نه تارا، نه ڪيتون نه ڪهڪشان. ثنائيءَ ڪمال بلند خياليءَ جو اظهار ڪندي، نبي مڪرم جن کي جملي جڳن (سموري ڪائنات) جي تخليق جو ڪارڻ ڪوٺي ٿو. اهڙي عبريت پوين ٻن سٽن ۾ نزاڪت جو عمدو رنگ پريل نظر اچي ٿو. پاڻ سڳورن جي مبعوث ٿيڻ کان اڳ انسانن جي حالت اهڙي ڇڙواڳ وڳ جهڙي هئي، جنهن لاءِ کوڙ ڏينهن مقرر ڪونه هو. ثنائيءَ ان دور ڏانهن اشارو ڪندي، ساري ڏيهه کي وڳ (ڏڪ) سڏي نبي پاڪ ﷺ کي ان جو وارث وسيلو ۽ ڏيڻهار جو درجو ونائيندڙ ڪوٺي ٿو. آخري سٽ ۾ هنهي جهان جي سردار ۽ الله جي حبيب کي مدد لاءِ پڪاري ٿو.

مولانا ثنائيءَ جي هڪ نعتيه شعر مان جدت، ندرت ۽ نازڪ خياليءَ سان گڏ بلند فڪر جو هڪ نمونو پيش ڪجي ٿو:

فلڪ کان عرش کان، هن خاڪ جو تيو مرتبو اعليٰ	
امانت خاڪ هن ۾، شاه پر انوار جي آهي	(۱)

ميٺون سٽون مرحوم ثنائيءَ جي نبي ڪرم ﷺ جي ذات گرامي سان اٽاه عقيدت ۽ محبت جو بهترين مثال آهن. هن ڏرتيءَ

(۱) ثنائي ثناء الله: ديوان نعتيه ثنائي، لاڙڪاڻو، ويڪهوملڪنڊ ۽ ل، ص ۱۰۰

جي تقدّس جوڏکر ڪهڙي نه انوکي انداز ۾ سهڻي حوالي سان ڪيو آهي.
سندس عقيدي مطابق جيڏن ته هن خاڪ پنهنجي پيٽ ۾ نور مجسم سرور عالم
نبي مڪرمؐ جن جو جسد مبارڪ امانت طور سانديو آهي، تنهنڪري ادهيءَ
سعادت جي نتيجي ۾ سندس عظمت، مانُ ۽ مرتبو آسمانن ۽ عرش کان مٿڙڪ
۽ مٿاهون آهي. ان ماڻ پتو پوي ٿو ته ثنائيَ جي فڪر جي پڪيءَ جي ڪيڏي نه
اوچي اڏام آهي.

جدّت ۽ خيالن جي بلندي غزل جي معيار کي مٿاهون
بنائڻ ۾ وڏي مدد ڏين ٿا. غزلگو شاعر جي ڪلام کي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ
وقت جدّت ۽ بلند خيالي ءَ کي خاص طور نظر ۾ رکيو وڃي ٿو. ثنائيَ جي
غزل جو مطالعو ڪرڻ سان سندس غزل ۾ هي عنصر تمام گهڻو ملي ٿو. هڪ
غزل جي مطلع ۾ رقمطراز آهي:

وڻڻ محبوب جو نالو، عشاقن جي عبادت آ
فنا في الحسن ٿي وڃڻو، اها هڪڙي ولايت آ (۱).

ميٺون شعر بلند خيالي ءَ جو بهترين مثال آهي.
پهرين ست ۾ ثنائيَ محبوب جي فقط نالي وڻڻ کي عشاقن لاءِ عبادت جو درجو
ڏنئي ٿو. ٻي ءَ ست ۾ وري حسن ۾ فنا ٿي وڃڻ واري ڪيفيت کي ولايت واري
منزل سڏي شعر جي معنيٰ ۽ مفهوم کي چار چنڊ لڳائي ٿو ڇڏي. 'فنا في الحسن'
۽ 'ولايت' جا الفاظ غزل جي معيار کي مٿاهون ٻڌائي ٻيٽا آهن ۽ منجهس جدّت

(۱) ثنائيَ ثناءُ الله: 'تلمي بيامن'، ٽان

پيدائتي پئي آهي.

مرحوم ثنائيَ جي شعر جي هيءَ صنف واڱر مثنويءَ ۾ به جدت ۽ بلند خيالي جا بجا نظر اچي تي، ملاحظه ٿئي:

نه تشبيه ڪائي ثنائيَ ڏئي — قلم تو ڏڪي ۽ شرم تو ٿئي
ڪرايو منڌا پاڪ جنت جو سير — اتي گا ٻوٽيٽ حورن تي شعر
ڏگها وار ڪارا ۽ خوشبودار — مثل مارَ جي ڪين هار هردار
اکين ۾ تجلي سندو تاب تيز — هجي قلب پاهڙ، ٿئي ريزريز
دهن درج موتين مثل ڏندها — ستارن کان سهڻا ۽ دلبندها
سندن جسم سارو شفافون شفاف — اٿي ٻاڪالهه ۾ نه ڏري جو خلاف
پلي ۾ پلي جاهتان جي حسين — آگيئون تا جي پاڻي به سونهين سڪين (۱).

هيءَ سٽن ۾ نفاست ۽ نازڪ خيالي ۽ جو ڪمر وٺ عمدو رنگ پريل آهي. اول ته ثنائيَ خلد جي حورن جي حسن جو مثال ڏيڻ کان هٽ ڪري تو، پر تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي به نٿو سگهي. هو نازڪ خيالي ۽ جي مد نظر حورن جي بڻڻ کان خوشبودار وارن جي تمثيل عام شاعرن جيان نانگن سان نٿو ڏئي، چالاءِ ته نانگ نقصان رسائيندڙ جيوءُ آهي ۽ جنت ۾ کو نقصان جو تصور ئي کونهي. آکين جي تعريف ڪندي انهن کي تجليدار ۽ تيز سڏيندي سندن اثر پذير دل کي پرزا پرزا ٻٽائڻ وارو ڏسي تو. اڇري ۽ رنگت ڏندن کي موتين ۽ ستارن جي چمڪ دمڪ ۽ سونهن سوپيا سان پيٽيندي

(۱) ثنائيَ ثناءالله: 'معراج نامو' قلمي بياض، ص۱۸

آھن پر اڌھن پري پيڪر حورن جي شفاف جسم جوڏڪ ڪري ٿو ڏيڻ جي ماه پارائن کي انھن حورن جي حاضري ڏيڻ ڏانھين جي مٽ ۾ نٿو پائين. ٽنائيءَ پر اميد آھي ته مولا ڪيس جنت جو سير ضرور ڪرائيندو ۽ پوءِ اتي حورن جي حسن تي خوب اشعار لکندو. هن مان شاعر جي نفسيات جو اظهار ٿئي ٿو ته ڪيئن نه هو هر وقت ۽ هر هنڌ حسن تي حيران آھي. پوءِ پل اهاجنت جي وادي چونه هجي. مطلب ته سو ڌھن سڌس ڪمزوري آھي.

دراصل هي سڀ ڏسڻ معراج نامي ۾ آيل آھن. ۽ حورن متعلق اهڙو تصور ٽنائيءَ جي پنهنجي تخيل جي پيداوار آھي. حورن جي حقيقي حسن جي ڪيفيت ڄاھوندي.

والله اعلم بالصواب.

ٽنائيءَ جي هڪ ٻي مثنوي مان جدت ۽ بلند خيالي جو مثال ملاحظه فرمايو:

ڏگهاڙ چلڙا عجب ڏار ڏار
ڏسڻ سان ڏنگين وڃڻ وڃن زهرمار
سنهاچپ، سنهاڙ، سنهڙي ڪمر
سنهي سينڌ سهٽي سينگاريل اپر
وڇڻ پر واچوڙي، ڪلڙ پر ڪري
پٽڙ پر نڙالي، بدي ۽ ڪان ٻري

عمر جي ساڻ غلمان غلطان ٿيو
ڏسي حور جي گھور حيران ٿيو
ٽڏھلجي زلف ۾ جئن سگي آپيل
ٽئن دل اسا بجي اتي بند ٽيل (۱) الخ.....

'دلفريب قصي' ۾ ثنائي وزير جي پٽ دلفريب واتان سندس محبوبہ حوران جي حسن ۽ جمال جي سراھ ڪرائي آھي، جنھن ۾ محبوب جي ڏڳھن لچيدار وارن جي تشبيہ زھر مار ناگن سان ڏني ٿو. سنھڙن چپن، سنھڙي ڪمر ۽ سنھي سنواريل سيڊ ڪي سارا ھيواش، ھن پنھنجي حسين ۽ جميل محبوبہ جي ھلڻ واري رفتار کي واچوڙي آسان پيٽيو آھي. جيڪو ٽيڪ ڪلٽي ۽ ٽپڻي آھي، پر ٽڏھن ٻہ ٻدي ۽ ڪان پاسي آھي. وارن ۾ گنڊيل سگي ۽ جيان سندس دل کي محبوبہ پاڻ وٽ ڪٽي وڃوڙي سوگھوڙي چڏيو آھي. ۽ پنھنجي نازن ۽ ادائن سان ھن شھزادي کي گھائي رھيو آھي. ۽ ھوائھي ۽ حور جي گھور ٿي حيران آھي. متيون سٽون نفاست ۽ نزاڪت جو ڪيڏو نہ عمدو مثال آھن. نازڪ خيالي ۽ ھن گھٽ شاعرن کي چيم ڏني چڏيو آھي.

(۱) ثنائي ثناءالله : 'قصو دلفريب' قلمي بياض ، ص ۱۴ ص ۱۵

(۷) پھاڻن جو استعمال

پھاڻن جو استعمال شعر ۾ ڪيو ويندو آھي. ھر شاعر ڪٿي نہ ڪٿي ثناءالله ثنائيءَ پنھنجي ڪلام ۾ سنڌي زبان ۾ مروج پھاڻن جو استعمال ضرور ڪيو آھي. ھي پھاڻ مؤثر ۽ موقعي محل جي مناسبت سان ڪيو آھي. ھاڪاري مثال پيش ڪجن ٿا:

ڀلا ڪير مري پاءُ ته ٻاجھ نہ پئي ٻھڙي ڪي

مرحوم ثنائيءَ ھن مشھور پھاڪي کي پنھنجي ھڪ اصلاحي غزل جي مصراعن ۾ ھن ريت سمويو آھي:

مري جي پاءُ پيو پر ۾
نہ پچندو ڪوانھيءَ کي ٻيو (۱)

ڇٽو ڇور، دانھينءَ کي ڏاھو ٻيو

مثنوي جي صنف ۾ مولانا ثنائيءَ ادھيءَ پھاڪي جو استعمال ھن طرح ڪيو آھي:

محمد دانھن واري ڏي مرشد ڪري
چپائين نہ ڏنڀ ۾ ڪڪڙ ڏي ڀري
سمورو تنھنجي زال ڏي ڏوه آ
ملنگ جي دل ۾ نہ ڪو ڏوه آ

(۱) ثنائي ثناءالله: ڪليات، ص ۱۸۰

| موالي ۽ ڏسو خيصلو ڇا ڪيو |
| چنو چور دانهين ۽ ڪي قاهو ٻيو (۱) |

ڏينگرن تي انوهارڻ

مولانا ثنائي ساڳي مثنوي جي ٻن مصراعن ۾ اڳيئي محاوري کي هن نموني آندو آهي:

| منوڪين ٻي ڏين سان مار جي |
| ڏينگرن تي انوڪين کي هار جي (۲) . |

سائي جا سالا به گهٽا، سڄي جو پيٽو به ڪونہ

مرحوم ثنائي پنهنجي هڪ اصلاحي غزل ۾ مٿين ڇهاڪي کي شعر جي سٽن ۾ هن ريت سمويو آهي:

| سالو سائوءَ سڏ وسڻ کو |
| مٺا چاريون ڪٽي آهن (۳) |

ڪنڊي ۽ ڪي به ڪَنَ

هڪ مثنوي جي مصراعن ۾ ثنائي اڳيئي مشهور محاوري جو استعمال هن طرح ڪيو آهي:

| ملان هن طرح سان چياتي سخن |
| سياڻا چون جو ڪنڊي ڪي به ڪَنَ (۴) |

---

(۱) ثنائي ثناء الله ، 'ملان ۽ موالي' شڪارپور، منظور بوڪ اسٽور، ۱۹۸۲ء ، ص ۴۶
(۲) ايضاً (ڇاپو ٻيون) ص ۳۵
(۳) ثنائي ثناء الله ، 'قلمي بياض' ، ٽان
(۴) ثنائي ثناء الله ، 'ملان ۽ موالي' ، شڪارپور، منظور بوڪ اسٽور، ۱۹۸۲ء ، ص ۱۸

ڪئل جي آڪ ، نانگ جو پير ، مُلان جو خير

سنڌي زبان جي هڪ مشهور چوٽيءَ ڪي مولانا ثنائيءَ پنهنجي هڪ مثنوي جي مصراعن ۾ هن ريت پيش ڪيو آهي :

ڏيو مال مولا جي نالي چون
مگر پاڻ ڪنهڪي نه ڪوڏي ڏين
نه ڪئلين کي آکيون ، نه نانگن کي پير
نه مُلان کي موريون ، خيرات خير (۱)

منهن تي ڪنو مهٽڻ

مرحوم ثنائيءَ پنهنجي هڪ مثنويءَ ۾ هن محاوري جو نهايت موزون استعمال ڪيو آهي. هو مثنوي جي چئن مصراعن ۾ رقمطراز آهي :

خدا مان تو کي هو ڪيڏو ڏنو
وڃائي ڇڏيئه مهٽ منهن تي ڪنو
نه مون هڪ سجدي کان انڪار ڪيو
سبب جنهنجي الله بيزار ٿيو (۲)

---

(۱) ثنائي ثناء الله ، ' مُلان ۽ موالي ' شڪارپور ، منظور بوڪ اسٽور ، ۱۹۸۲ء ، ص ۳۸
(۲) ثنائي ثناء الله ، ' حليما ' قلمي بياض ، ص ۲۴

(VIII) ٻين هولين جي لفظن جي آميزش

ٻيون هوليون سڪ ۽ انهن متعلق وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جو تعلق ۽ شوق ڏهين ۽ ذڪي انسان جي نشاندهي ڪري ٿو. مولانا ثناء الله ثنائي اهڙن ئي ذهين ۽ زيرڪ انسان سنڌ ۾ هو. هن کي ٻين هولين متعلق معلومات حاصل ڪرڻ جي جستجو ۽ جاکوڙ جي عادت هئي. تنهنڪري مولانا ثنائي مشرقي هولين کان علاوه مغربي هولين ۾ به غير معمولي دلچسپي ورتي. جنهن جا ڪيترائي مثال سندس ڪلام مان ملن ٿا. نموني طور هڪ مثال ملاحظه فرمايو:

سڪيا سي اسان سٽ هيٺ گوديٽر
وساري چڏيسين اڳين پاڻ پر
اسان انگلش جا ڪلو ڏڻ ڪيا
نه گهرجن سبيل سنڌ وارا ٻيا
کپي ٽيڪ جي لاءِ ايڏي چيٽر
نه ٽيبل ٽي ٽائيم جي واڇ ور
پليٽون کپن ڪوپ ساسر کپي
نه اسپون ٽي پيوهجي ميز ٽي
نه ٽي پاڻ، ٽاول، ٽري پي هجي
هريڪ فاسٽ لاءِ ڪيڪ تازو جي (۱) الخ.....

(۱) ثنائي ثناء الله: ، ترڪي ٽوپي، لاڙڪاڻو، انقلاب پرنٽنگ پريس، ص ۱۵

مرحوم ثنائي ميٽن پنجن بندن ۾ وڌيڪ انگريزي زبان
جا لفظ استعمال ڪيا آهن. ڏٺو وڃي تہ مذڪورہ مضمون اختيار ڪرڻ جي آخر
ثنائي کي ضرورت ڇو محسوس ٿي! مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن اهو انداز
اصلاحي تنقيد طور اختيار ڪيو. جنهن جو پس منظر اهو هو تہ سندس ڪتاب
'ٽهڪي ٽوپي' جي ڪهاڻيءَ ۾ وڏيري علي خان جو پٽ پنهنجي پيءُ جي
انتقال کان پوءِ حصي ۾ آيل ملڪيت جي ڪيئن ٿو ويئي پيو. هاڻي وڏيرو
ڪبڙ خان شهرين وارا شوق ڪرڻ لڳو. ۽ انگريزن جي ريتن رسمن تي هلڻ ۾
فخر محسوس ڪرڻ لڳو. اسانجي معاشري ۾ اهڙا ڪيئي مثال ملندا. ڪمتريءَ
جي احساس ۾ مبتلا ٿي اسانجا نوجوان اباڻي ميراث ۽ اعليٰ اقدار وساري ويٺا
آهن.

هيٺيون شعر ثنائي جي هندي پوليءَ ۾ دلچسپيءَ جو مظهر
آهي. ملاحظه فرمايو:

هڏي هي گاهه پوپڙ يل چوڻ ٿيو
رگو ڏهڪ رات جي معلت ڪٽي ڏيو
ڏيان سوگند مان اقرار ڏهاڻي
اچي ڏيڊ س سري لوڪي سپاڻي (۱)

ميٽن سڄن ۾ هندي زبان جو لفظ 'سوگند' استعمال
ڪيو ويو آهي. جنهن جي معنيٰ 'قسم' آهي. جيتوڻيڪ ان لفظ جا سنڌي زبان

(۱) ثنائي ثناءالله : 'محمود غزنوي عرف سچو عشق' ص ۱۹

۾ ڪيترائي نعم البدل آهن. مثلاً سنهن، قسم ۽ ساک وغيره. پر 'سوگند' جو لفظ استعمال ڪرڻ مان ٿنائي جو ٻين ٻولين جي مطالعي ۾ مهارت جو ثبوت ملي ٿو.

شعر جي متن سٽن جو پس منظر هن ريت آهي:

سلطان محمود غزنوي عادل بادشاهن جيان چمڙا پوش ڏکي رات جو پنهنجي رعيت جي خبر گيري ڪرڻ لاءِ شهر ۾ نڪتو ته اوچتو هڪ چور ڪي وزير جي محلات ۾ ٽپندي ڏٺائين ۽ ڪيس سوگهو ڪري ورتائين. تڏهن چور بادشاه کان هڪ رات جي مهلت گهرڻ لڳو (چاڪاڻ ته محبوب سان سندس ٻول ٻڌل هو) ۽ سياڻي ٿي اڳي عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جو حلفيه اقرار ڪرڻ واسطي به تيار هو.

(۷۱) نج سندي لفظن جو استعمال

ٹنائي شعر ۾ نج سندي لفظن کي خوب استعمال ڪيو آهي، جنهن سبب شعر جو رنگ خالص عوامي ٻڌجي پيو آهي. ٻيٽ سنڌس شعر جي مختلف صنفن ۾ نج سندي لفظن جي استعمال جا مثال پيش ڪجن ٿا.

ٹنائي جي ڪافين ۾ جتي ٻين ٻولين جي لفظن جو استعمال ٿيل آهي، اتي عام فهم ۽ نج سندي ٻولي ۽ جون خوبيون به اتم موجود آهن. هڪ ڪافي ۽ مان اهڙو مثال ملاحظ ٿئي:

عشق سنڌي آسيرا اويڙي
منجهه درياه ٻڌي ٿي ٻيڙي
موج سنڌي سا اوج اکيڙي
چوليون چوه چڏائي ڪير (۱)

مٿي فقط هڪ بند ۾ 'سيرا' 'اويڙي' 'اکيڙي' 'چوليون' ۽ 'چوه' جهڙا عام فهم لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. جيڪي اسانجي سنڌي معاشري ۾ روزمره مستعمل آهن.

اهڙي طرح ٹنائي جي هڪ ٻي ڪافي ۽ مان عام فهم، نج ۽ مستعمل لفظن جو مثال پيش ڪجي ٿو:

سنڌ ٿوڙيو نه ڇاتم
پيڇ جتن سان پاتم

(۱) ٹنائي ٹناءالله: 'قلمي بياض'، تان ورتل

اوني وياڻ اشاري
هلي چوريءَ ويا چائي (۱)

مذڪوره ستن ۾ 'ڏوتريو'، 'جاتم'، 'پيچ' 'اوني' ۽ 'چائي' جا الفاظ ڪافيءَ ۾ عام فهم ۽ نج هوليءَ جي استعمال جي شاندهي ڪن ٿا.

ٽنائيءَ جي مداحن ۾ نج سنڌي لفظن جو استعمال گهٽ نظر آيو تنهنڪري سندس مداحن نه فقط عام فهم ۽ سولين ٿيٽي پيون آهن، پر انهن ۾ هڪ انفراديت ۽ حسن پڻ اچي ويو آهي. مداح پڙهندڙ، ٻڌندڙ توڙي ياد ڪندڙ لاءِ آسان بڻجي پيئي آهي. مثال طور ڪجهه ٽڪرا پيش ڪجن ٿا:

آسري الله جي چرخو چري اٽ چورتون
ڏورِ ڏاهي جاڻي، تنهن ڏورسان ڏک ڏورتون
طلب جون تارِيون وهائي، ٽڪ سٿوت ۾ توريون
پرت جا آٽي پهاڻ سڪ جي سڳي ڪي سوريون
ڪٽ ڪچو، احمد اگهائيندو، نه ڪي ٽڪ توريون
عربي ۽ ملتان ان ائٽ واڳ، سرهائي گهوريون
حال حضرت ساڻ سارو، عاجزيءَ سان اوريون
يارسول الله بيوانهن سندي حاوا هڪ
بي وسيلن جو وسيلو ٿي نجيب نگاهه ڪر (۲)

(۱) ٽنائي ثناءالله: قلمي بياض تان ورتل
(۲) ٽنائي ثناءالله: "قلمي بياض" تان

مٿن سٽن به کوبه دقيق يا غير مستعمل لفظ نظر نٿو اچي. بلڪ سمورا لفظ عام وهم آهن. مثلاً چرخو، ڏور، ڏاهي، تاڙيون، ٽڪ، سنوت، پڇا، سگهي، ڪٽ، ٽڪ ٽور، ائٽ، اور، بيواهن، واه وسيلو وغيره اهڙا الفاظ آهن، جيڪي اسانجي روزمره جي هولي ۽ هم مٿريوئي پيا استعمال ڪاچن.

ٽنائيَ جي مناجات ۾ پڻ عام فهم ۽ روزمره جي هولي ۽ هم استعمال ٿيندڙ لفظ عام ملن ٿا. جيئن فقط هن سٽن جي مثال مان معلوم ٿي ويندو. ملاحظه ٿئي:

گهليا جهل جا سخت جهولا دنيا ۾
مُجو ملڪ ۾ ڪا ڏي هير وارث (۱)

مٿن سٽن ۾ گهليا، جهولا، مُجو، هير ۽ وارث اهڙا لفظ آهن جيڪي اسان جي هر طبقي لاءِ عام وهم آهن ۽ انهن جو استعمال عام ٿوڙي خاص ۾ آهي. جئن چوندا آهيون: ٻاهر هوا ٻئي گهلي، هيل ڏاڍا جهولا لڳا، بهار جي سند ۾ ڏاڙي هير لڳندي آهي، ولهي ۽ جو وارث وسيلو ٿي ۽، وغيره وغيره. 'مجو' جو لفظ اسانجي ٻولي ۾ عام مستعمل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'موڪليو'. جئن ڪنهن کان پڇبو آهي: ادا! تو موڪلڻ ماڻهو ته ڪونه 'مُجو' هو؟ 'مُجو' لاءِ 'مُڪو' جو لفظ به استعمال ٿيندو آهي.

---

(۱) ٽنائي ٽناء الله، 'قلمي بيات'، تان

(viii) پوليءَ جون خاميون
(لفظي، معنوي، محاورتي)

مرحوم ثنائيءَ جي شاعريءَ ۾ جتي ايتريون فڪريون، فني توڙي معنوي خوبيون سمايل نظر اچن ٿيون، اتي ڪجھ فني ۽ معنوي توڙي محاورتي خاميون به پڙهندڙ کي کڻڪن ٿيون، جيتوڻيڪ اهڙين خامين جو تعداد گهڻو ڪونہ آهي. تاهم انهن کي درگذر ڪري نٿو سگهجي، هيٺ ڪجھ اهڙين خامين جي نشاندهي ڪجي ٿي. هي مثال ملاحظہ فرمايو:

اهو ٿون شمس آهين فيض وارو
وٺي ٿو نور جنهن مان هر ستارو
اهو آهي اثر تنهنجي نظر کي
ڏسڻ سان جو ڪري لعل و پٿر کي (۱)

دراصل شاعر ٻڌايو پاڻ جن جي نظر جي اثر جو ذڪر ڪندي ٻڌائڻ گهري ٿو تہ جيڪڏهن پاڻ ڪريم جن پٿرتي نظر وجهڻ فرمائن تہ اهو لعل بڻجي پوي. پر چوٿين ست مان اهو مفهوم نٿو نڪري. ثنائيءَ رقمطراز آهي:

ڏسڻ سان جو ڪري لعل و پٿر کي

هتي لعل ۽ پٿر جي وچ ۾ 'و' جو استعمال سموري

---

(۱) ثنائي ثناءالله، محمود غزنوي عرف سچو عشق، الاڪاڻ، پاڪستان پريس، ص ۱۳

معنيءَ مفهوم کي ختم ڪري ٿو ڇڏي. جوڻ 'وَ' جي معنيٰ 'ءِ' آهي. هاڻي جڏهن اسمي ءَ معنيٰ جي ڪري وشي ءِ سٽ کي سڏو ڪجي تو ته مطلب ٿئي ٿو ڪري. سوال تو پيدا ٿئي ته ڏسڻ سان لعل ءِ پٿر کي چا ڪري تو؟

هتي ٽين سٽ جي وزن ءِ قافيي سان فقط لهڪائي ٻيهاريڻ ظاهر لعل ءِ پٿر جي وچ ۾ 'وڏو ويو' آهي. جيڪڏهن اهاسٽ هن ريت سمجهي ها ته معنيٰ ٿوري مفهوم مجروح نه ٿئي ها

| ڏسڻ سان لعل ۾ ڦيري پٿر کي |

مرحوم ثنائيءَ جي شاعريءَ ۾ لفظن جي غلط معنيٰ ۾ استعمال جو هڪ وڌيڪ مثال حاضر آهي:

| ستريل هن خاڪ کي اڪسير ڪري ٿون |
| منجهيل موڳي کي پرتاثير ڪري ٿون |
| سياه دل مون سنڌيءَ کي ڏي صفائي |
| ڪٽيل ڪائيءَ کي بخشيج روشنائي [1] |

ٽيئن سٽن سان پهريون ٽي سٽون پنهنجي اندر پورو معنيٰ سمائين ٿيون. مثلاً ستريل خاڪ جو اڪسير ٿي پوڻ، منجهيل موڳي ۾ سچيتائيءَ سياه پيدا ٿيڻ، سياه دل جو صاف ٿيڻ اهڙيون خواهشون آهن جن مان شاعر جي اندر جي اڌمن جو اظهار ٿئي ٿو. پر چوٿين سٽ ۾ ڪٽيل ڪائيءَ کي روشني بخشڻ وارو خيال سمجهه ۾ نٿو اچي. ڪٽڻ يا رنگ ڪنهن ڏاتوءَ ۾ چڙهندو آهي. خاص طرح

[1] ثنائي ثناءالله: 'محمود غمر نڪي عرف سچو عشق'، لاڙڪاڻو، پاڪستان پريس، ص ۱۳

لوه يا ٽين کي ڪٽ وغيره آهي. ياوري حس، ڪٽ يا رنگ جو لفظ محاوري طور دل جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جئن دل تي رنگ چڙهڻ، قلب کي حس يا ڪٽ لڳڻ وغيره. ڪائي تي داغ يا ڏهوتو لڳندو آهي. منهن، پاڻي، هاڻ يا دونهين سبب ڏندن لوٽن تي پوندو آهي، باقي ڪائي تي ڪٽ چڙهڻ جو محاورو غلط ۽ نامناسب آهي.

ٻين هولين جي دقيق لفظن جو استعمال

شاعري ۾ ٻين هولين جي لفظن جو استعمال کو عيب نه آهي پر اهي لفظ فقط ان صورت ۾ استعمال ڪندي سوڌندا، جڏهن پنهنجي زبان ۾ انهن جو ڪو مناسب ۽ موزون نعم البدل کونه هجي. پر جيڪڏهن اهڙن لفظن جو استعمال ناگزير هجي تہ به اهڙا سولا ۽ سهنجا لفظ چونڊجن جيڪي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃن، يعني انهن لفظن جو استعمال آکاڻ ڪيا اسانجي زبان ۾ رچيل وسيل رهندو هجي.

ٽنائي پنهنجي غزل ۾ ڪٿي ڪٿي عربي ۽ فارسيءَ جا اهڙا ترڪيب الفاظ استعمال ڪيا آهن، جو غزل جي مصرع جو مفهوم ۽ مطلب سمجهڻ لاءِ پڙهندڙ کي لغت جو سهارو ولٽو پوي ٿو. جيڪا گاله غزل کي معيوب بڻائي ٿي ڇڏي. ڇڏاهڙن لفظن جا مثال پيش ڪجن ٿا.

عارض، گلعذار، شادان، شڪ هوبان، ذقن، گلوگير، سحاب، حذر، احمر، ناسوت، رقاقت، حساست، صباحت، وجاهت، نقاهت، ثقاهت، ذڪاوت، خدامت، خباثت، نجابت وغيره وغيره.

جيتوڻيڪ متين لفظن جا آسان معنيٰ وارا لفظ گولھڙ سان سنڌي زبان ۾ ملي پئي سگھيا، پر ثنائيَ اھڙن گھرن لفظن جي استعمال سان فقط غزل جو اصل فارسي رنگ برقرار رکڻ جي کوشش ڪئي آھي.

معنوي نقص

مولانا ثنائيَ ٻڌھنجي شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي ٻولي ۽ جا معنوي نقص ڪري ويو آھي. مثال ھيٺيون سٽون ملاحظہ فرمايو:

گلن جي باس مان چاڪائون چاٽي
سدائين ڪرپٽيءَ جي طرف تاڪي (۱).

ھتي 'باس' جو لفظ 'خوشبوءَ' جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آھي، جيڪو بلڪل غلط آھي. لفظ 'باس' ان ھميشہ 'بدبوءَ' جي معنيٰ ورتي ويندي آھي. چئو آھي، 'ڏاڍي باس آھي'، يا 'الائي ڇا جي باس آھي'، وغيرہ. گلن ۾ تہ سڪندءِ سرھاڻ ھوندي آھي.

محاوري جون خاميون ۽ ڏڏوکيرو ري ٽيٽن کوہ پوندو آھي

مرحوم ثنائيَ جي شاعري ھوئين تہ سھڻو سون آھي، پر ڪٿي ڪٿي ڪي محاوري جون خاميون سون ۾ مٽ مثل محسوس ٿين ٿيون. ھيٺ محاوري جي خامين جا ڪجھ مثال پيش ڪجن ٿا:

اھا آھ توبہ جي توبہ ڪجي
گناھن کي موتي نہ سر پوڏ جي

(۱) ثنائيَ ثناءالله، 'محمود مزھوي عرف سچو عشق'، لاڙڪاڻو، پاڪستان پريس، ص ۵۹

| انهيءَ طرح ڏوهن کان رهجي پري |
| ڏڏو ڪيڙ تڙ ڏي نڙ جئن وري | (۱)

بيشڪ اهائي توبه انسان جي چوڪاري جو سب ٻڌجي ٿي جيڪا انهيءَ نيت سان ڪئي ويئي هجي ته وري اهو گناهه يا غلطي ٻيهر ڪانه ڏمرائجي ۽ اها غلطي وري واقعي سرزد نه ٿئي. مثنوي جون پهريون ٻه ستون ته پنهنجي اندر مڪمل معنيٰ ۽ مفهوم سمائين ٿيون. مگر ٻيون ست ۾ ڏنل تمثيل معنيٰ توڙي مفهوم جي نقطه نگاه کان ناموزون نظر اچي ٿي. هن ۾ گناهن کان پري رهڻ جي تشبيه 'ڏڏو ڪيڙ وري تيڙن نه پوڙ' واري محاوري سان ڏني ويئي آهي. جڏهن ته اهو محاورو واهڙي موقعي لاءِ ڪم ايندو آهي، جڏهن انسان کان اهڙي غلطي ڪري ويندو آهي، جنهن جو ڪفارو ڪفارو ادا ڪري ڪونه سگهبو آهي. تنهنڪري هتي ان محاوري جو تمثيل طور استعمال غير موزون ليکيو ويندو.

غلط محاوري جو هڪ ٻيو مثال

اصل محاورو آهي : **مينهن چيو ڪپوڙن کي هل ٿري پيچ ڪاري**

ٻنائي رقمطراز آهي :

| ڪپوڙن کي چيو مينهن تر پيچ ڪري |
| ڏٺئه پاڻ ۾ ڪانه ڪا رڌهن ڏري | (۲)

---

(۱) ٻنائي ثناءالله : 'شاهنامه اسلام' قلمي بياض ، ص ۱۰۵

(۲) ٻنائي ثناءالله : 'سلان ۽ موالي' ص ۲۰

هيٺ ساورڻ جي ترڪيب تي ڏنل هولي ڏيڻ نقص آهي،
اول ته ڳڻڻ ڪي چيو ويندو، جي ترتيب غلط آهي. جيڪو اصل ۾
آهي "ويندو چيو ڳڻڻ ڪي"، ٻيو ته ساڳي سٽ ۾ "پڄ ڪرڻ"
استعمال ڪيو آهي، جيڪو آهي "هل ڏولاڻ ساروڻ". ڳڻڻ جو پڄ ڪرڻ
نه ٿيندو آهي بلڪ ساروڻ ٿيندو آهي. تنهنڪري هيءُ ساورو
ڏي غلط ڏنل آهي. صحيح ساورو هن ريت آهي:

| ويندو چيو ڳڻڻ ڪي هل ڏولاڻ ساروڻ |

اها ويندو جيتوڻيڪ پاڻ سڄي ساروڻ آهي پر سندس
نگاهه پنهنجي ساروڻ ڏي ڪانه ٿي پوي. هنڪي ڳڻڻ جو فقط ساروڻ
پڄ ۾ وڃي ساروڻ واڳ ڏو نظر اچي. جڏهن ته پاڻ سراپا سياه آهي.

(۱۸) صنعت جو استعمال

صنعت تلميح

هن صنعت ۾ شاعر پنهنجي شعر ۾ قرآن حڪيم جي ڪنهن آيت ، نبي مڪرم جي ڪنهن حديث يا ڪنهن قصي ، مسئلي يا اصطلاح ڏانهن اشارو ڪندو آهي (۱) .

مرحوم ثنائي پنهنجي ڪلام ۾ هونئن ته صنعت تلميح گهٽ استعمال ڪيو آهي . پر هتي سندس غزل ، بيت ، مداح ، مناجات ۽ مثنوي مان مثال پيش ڪجن ٿا . صنعت تلميح مان غزل جو مثال ملاحظه ٿئي :

ڪئي طالبن تياري ، خاصي خليل واري
نمرود باهه ياري ، ڏسي عشق جي عنايت (۲)

غزل جي مٿين سٽ ۾ حضرت ابراهيم خليل الله جي ايمان جي پختگي ۽ نمرود جي آڙاه جو ذڪر تلميح طور پيش ڪيو ويو آهي . سچا سالڪ پڻ خليلي صفت جا مالڪ هوندا آهن ، جيڪي حق جي راهه ۾ پنهنجي جان جي قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا آهن .

صنعت تلميح جو غزل مان هڪ ٻيو مثال حاضر آهي :

رب ارني ڪنهن ڪيو ۽ لن ترانيٰ ڪنهن چيو [۳] [۴]
بي خبر موسيٰ ٿيو ، آهي اهو ڪنهن جو قصور (۵)

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي ، بحر الفصاحت ، ۱۹۲۶ء ، ص ۱۱۳ (۲) ثنائي ثناءالله ، قلمي بياض ، ڄام
[۳] قرآن حڪيم : ، پاره ۹ - ۹ ، سورهٔ : الاعراف
[۴] ايضاً ، قلمي بياض
(۵) ثنائي ثناءالله :

غزل جي متين مصرعن ۾ ثنائيءَ قرآن حڪيم جي ان واقعي جي تلميح طور پيش ڪيو آهي، جنهن جو ذڪر سورة الاعراف ۾ ڪيل آهي (۱)، حضرت موسيٰ جنهن کي ڪليم الله جو خطاب ملڻ آهي، طور سيناجبل تي چڙهي خداوند تعالىٰ سان همڪلام ٿيندو هو. حضرت موسيٰ جي دل ۾ جڏهن جانب جو جلوو پسڻ وارو اشتياق انتهائي رسيو تہ آخر هن مالڪ حقيقي سان ملاقات ۾ پنهنجي انهيءَ محبت جو اظهار ڪري ڏنو، رب العالمين طرفان کيس تنبيهه آئي تہ اي موسيٰ! تون مقدس نور جو جلوو پسي ڪونہ سگهندين. پر حضرت موسيٰ جو اصرار جاري رهيو ۽ آخر جڏهن رب جي ذات پنهنجي نور جي پردن مان کيس صرف هڪ تجلّي پسائي تہ حضرت موسيٰ کي غشي طاري ٿي ويئي.

مولانا ثنائيءَ جابيت به صنعت تلميح کان واڌيڪ ڪونہ آهن هن پنهنجي ڪلام ۾ هنڌ هنڌ هن صنعت جو استعمال ڪيو آهي. هيٺ مرحوم ثنائيءَ جي بيتن مان صنعت تلميح جو مثال پيش ڪجي ٿو.

جي تون گهرين تہ مولىٰ ملي تہ شهرت لاءِ نہ مَرُ
پاڻ ٿي ناموس جي، موڪا لاءِ نہ مَرُ
اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى [۱] ڏسي چئي فرعوني فَرُ
اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ [۲]، ڏاتر کان پيو ڏَرُ
ساجن جو سدا سائو، سڪل ناهي سَرُ
ڪوتر هو وٺي تَرُ، تہ سَرَ ڪي ملين ثنائيءَ چوي

---

[۱] قرآن حڪيم، پارو ۳۰ - سورة النّٰزعٰت، رڪوع - ۱
[۲] قرآن حڪيم، البقرة، رڪوع - ۳۴

رونمائيڙ بابت بڌو وڃي ٿو سيئي بيحد سرهائيا.

هن بيت جي پهرين ست ۾ آيا عرش عظيم تان ’وارن لفظن ۾ معراج النبيؐ واري واقعي ڏانهن تلميح طور آندا ويا آهن.

ثنائيؒ جي مداحن ۾ سندس شعر جي ٻين صفتن وانگر صنعت تلميح جو خوب استعمال ڪيل آهي. مثال ملاحظه فرمايو:

تنهنجي آئي دين کل منسوخ ٿيا
عزّٰ عزيٰ جو ويو ٿي لات لا
موسيٰ ۽ عيسيٰ ڪلما پڙهيا
تنهنجا دشمن در بدر قادر ڪيا
يارسول الله عربي الغياث (۱).

هتي تلميح طور ان واقعي ڏانهن اشارو آهي، جڏهن ڪائنات جي ڪارٽي حضور پُرنورؐ جن جي تشريف آوري ٿي ۽ خانه خدا ۾ رکيل بتن جو انتهائي برو حشر ٿيو. عزّيٰ جو عزّ ختم ٿي ويو. لات جو وجود باقي نه رهيو. جڏهن پياري پيغمبر سچي دين جي پرچار شروع ڪئي ته حضرت عيسيٰؑ ۽ حضرت موسيٰؑ جا پيرو ڪار ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيڻ لڳا.

مرحوم ثنائيؒ جي مناجات ۾ به تلميح جو پورو استعمال ٿيل آهي. جنهن جو مثال هن ريت آهي:

معشوق ڏيئا جو ميمي چونه غلامي
الله جو محبوب آ ڏيشان محمدؐ

(۱) ثنائي ثناءالله، اشعار ثنائي، شڪارپور، مولوي محمد عظيم ص ۴۳ ص ۴۴

هتي بيت جي ٽين ست ۾ 'صنعت تلميح' طور قرآن حڪيم ۾ بيان ڪيل ان قصي ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ فرعون کي راهِ راست تي آڻڻ لاءِ ربّ العالمين، حضرت موسيٰؑ کي موڪليو، جنهن کيس عصامان اژدها بڻجي وڃڻ وارو معجزو ڏيکاريو. پر فرعون پوءِ به ان کي نه مڃيو. واپس پهچي ماڻهن کي جمع ڪري اعلان ڪرايائين: اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى، يعني مان توهان جو سڀ کان وڏو ربّ آهيان. پر آخر خالق ڪائنات کيس دنيا ۽ آخرت جي عذاب ۾ ڪرڻ ڇڏيو.

مرحوم ثنائيءَ جي بيت مان صنعت تلميح جو هيءُ مثال ملاحظه فرمايو:

آيا عرش عظيم تان، جٽ جاني جلوي ڏار
پرينءَ جي پوشاڪ مان هلي ٿي هيڪار
ثنائيءَ عاشق سڀ، اڇي مڙيا وٽ مهندار
گوهر جي گفتار، سٽي سڀ سرها ٿيا (۱)

ٽئين بيت ۾ نبي ڪريمؐ جن جي معراج ماڻڻ واري مبارڪ واقعي جو بيان ڪيل آهي. جڏهن ذات پاڪ پنهنجي پياري حبيب ڪي پنهنجو جلوو ۽ جمال پسائڻ خاطر عرش اعليٰ تي گهرايو ۽ پنهنجون نشانيون پسايون. جڏهن پاڻ سڳورا داور جي ديدار جي سعادت حاصل ڪري واپس تشريف فرما ٿيا تہ سندن پوشاڪ اطهر معطر هئي. شمع رسالت جي پروانن جڏهن خدا جي پياري پيغمبرؐ جن جي زباني ان مبارڪ واقعي جي

(۱) ثنائيءَ ثناءالله: 'قلمي بياض' ٽان

| موسیٰ کي ڏري طور جي بيهوش ٻڌايو |
| هڪ رات هئو ذات جو مهمان محمدؐ (١). |

هتي مناجات جي آخري ٻن سٽن ۾ اسلام جي ٻن تاريخي واقعن ڏانهن اشارو آهي، اول کوهِ طور جو ذڪر آهي، جتي حضرت موسیٰؑ، خالق ڪائنات جي نور جي پرتوي پوڻ سان بيهوش ٿي ويو، ٻيو معراج النبيؐ واري واقعي کي بيان ڪيو ويو آهي.

(١) ثنائي ثناءالله، <u>قلمي بياض</u>، ٽاڻ

مولانا ثنائيءَ جي مثنوين ۾ پڻ صنعت تلميح، جو ڪثرت سان استعمال نظر اچي ٿو. مثال ملاحظہ ٿئي:

جيڪي سهڻي سرڪي ساهن - سي تاڪُنن ۾ ڪاهن
جي سِرَ جو سانگ لاهن - تن موج آهه مائٽي (۱).

هتي صنعت تلميح جو استعمال ڪندي ثنائيءَ سهڻيءَ جي قصي ڏانهن اشارو ڪيو آهي. جيڪا ميهار جي محبّت ۾ سر جو سانگو لاهي ڪُنن جي ڪٽڪن ۾ ڪاهي پوندي هئي. ۽ آخر هوءَ پنهنجي مَن گهريي ميهار سان موجن ۾ وڃي آرامي ٿي هئي.

ثنائيءَ جي مثنوي مان صنعت تلميح جو هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو:

ڪرڙ نيارَ آنو رَ وارن جو ڪم
تڪبّر آ شيطان ڪاري جو ڪم
ڪيو خاڪ جو نور وارن نيارَ
ٿي ابليس آتش جي گردن دراز (۲)

سڄوم ثنائيءَ مثنوي جي مٿين سٽن ۾ تلميح طور ٻڌائي ٿو تہ فرشتا نوري نور جي پيدائش آهن، پرانهن جي فطرت ۾ نيارءَ شرّت سمايل آهي. اهوئي سبب آهي جو انهن خدا جي حڪم سان منڻءَ مان جوڙيل انسان آدم کي پنهنجا ڪنڌ جهڪايا جڏهن تہ شيطان جيڪو باه جي تخليق هو، تنهن مالڪ جي حڪم عدولي ڪئي ۽ تڪبّر ڪان ڪنڌ اوچو ڪري ڇڏيو.

(۱) ثنائيءَ ثناءالله: قلمي بياض، تان
(۲) ثنائيءَ ثناءالله: حليما، قلمي بياض ص ۱۱

ڊرامي جي اسٽيج تي ڪيترائي پردا تنگيل هوندا آهن ۽ هر پردي پٺيان هڪ نئون منظر تيار ٿيل هوندو آهي. هڪ سين کانپوءِ ٻي سين جو پردو هٽايو ويندو آهي. مرحوم ثنائيءَ ڏينهن ۽ رات جي گردان کي اهڙي اسٽيج سان تشبيهه ڏيندي لکيو آهي ته جڏهن رات جو پردو هٽي ٿو ته صبح جو سج اپرٽ سان سڄو ملڪ روشن ٿي وڃي ٿو، ۽ ڏينهن جو منظر اسٽيج تي اچي ٿو، ۽ ري جڏهن شام جو سج لهي وڃي ٿو ته گويا اسٽيج جو پردو ڪيو وڃي ٿو ۽ ستارن جو سهڻو نظارو ڏيکاري اچي ٿو. قدرت جو اهڙو نظام آٽ ئي پهر عمل ۾ آهي. اسٽيج جي پردي تي جيئن مختلف ڪردار اچي پنهنجو پنهنجو پارٽ ادا ڪندا آهن. ساڳي ريت دنيا جي اسٽيج تي اسانکي شب و روز ليلا ۽ مجنون جا ڪيئي ڪردار نظر اچن ٿا. ثنائيءَ پنهنجي هڪ مثنوي ۾ رقمطراز آهي:

ڏسو شمس کي ڪيئن ٿو اپري لهي
نه ڪسبجي نه ڪٿجي نه هرگز ڏهي
حقيقي تيل آهي بجلي بپا
سڄو ملڪ روشن اٿڻ سان ادا
ٿو شمس پردو ڦهري ويو ٻيو
ستارن جو سهڻو نظارو ٿيو
اٽ ئي پهر اهڙا نظارا نوان
پسون ٿا پيا ڪيترا مون چوان
پٽي آ ڏسي کوٽ مجنون کوٽ
لڻن ٿا پيا ليلى جا مفتون کوٽ

الخ ..... (۱)

(۱) ثنائي ثناءُ الله ' قلمي بياض '

صنعت مبالغو

هن صنعت ۾ شاعر کنهن جي تعريف يا ذم ڪندي تمام ڳهڻو مبالغو ڪري. يعني اهو حدڪان وڌيڪ، ناممڪن يا عقل ۽ عادت جي برخلاف هجي تہ اهڙي صنعت کي صنعت مبالغو چئبو آهي (۱).

شاعري ۾ هڪ حد تائين مبالغو مباح سمجهيو وڃي ٿو.

هن صنعت جي استعمال سان شعر جي سونهن ۽ ڪشش ۾ اضافو ٿيندو. پر ڪنهن ڪنهن شاعر هن صنعت جي استعمال ڪندي سموريون حدون اورانگهي ويندا آهن. مولانا ثنائي جو ڪلام هن صنعت کان بہ واڌيڪ نہ آهي.

هتي صنعت مبالغي سان آراسته فقط غزل، ڪافي ۽ مثنوي مان مثال پيش ڪجن ٿا:

پيو هي پٽ تي آ لاش منهنجو، اچي تون جلدي جيئار دلبر
خدا جي ڪارڻ کو جام خضري، پيار وار و پيئار دلبر (۲)

غزل جي مٿين مصراعن ۾ ثنائي دلبر کي مسيحا تصور ڪندي ڪيس التجا ڪري تہ اي دلبر! سندم پٽ تي پيل لاش ۾ تون جلدي اچي جان وجهه. ۽ خدا ڪارڻ کو امرت (آب حيات) جو پيالو اچي پيئار، جئن مان سدا حيات ٻڌجي پوان. سدا حيات هجڻ جو تصور هو حضرت خضر ؑ کان ورتي ٿو. مذهب اسلام ۾ قرآن مڪيم جي حوالي سان حضرت خضر ؑ جو وجود مسعود ثابت آهي.

هاڻي ڏسجي تہ ڪٿي هڪڙو محبوب کي مسيحا ٻڌو آهي، جنهن جي پيڪار ڪرڻ سان ۽ ڪٿي وٽس کي خضري جام يا آب حيات هوندو آهي، جنهن جي پيڪار ڪرڻ سان

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي، بحر الفصاحت، لکنؤ، منشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۱۰۹۵

(۲) ثنائي ثناء الله: قلمي بياض تان

هو پنهنجي عاشق کي امر بڻائي سگهي . تاهم ايتري مبالغي جي باوجود مذکوره سٽون پنهنجي اندر وڏي ڪشش رکن ٿيون ۽ پڙهندڙ واه واه ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي .

هيڏي ٻي غزل جي مصرعن ۾ ثنائيءَ عاشق جي آه جو اثر بڏائيندي ، رقمطراز آهي :

| اسانجي آه ۾ اهڙو اثر پيدا ٿيو آهي |
| ڏسان ٿو رات اٽڪيهين بدر پيدا ٿيو آهي (۱) |

هاڻي عاشق جي آه وزاريءَ جي نتيجي ۾ اٽڪيهين اونداهيءَ ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ اپريو پوي ، سا گهڻ ته اڻ ٿيڻي ۽ سراسر مبالغي تي مبني آهي . البته اهڙو سو ممڪن آهي ته اوسيڙي بعد عاشق جي آهُن جي اثر سندس محبوب کي آٽڪ ٿي آندو هجي ، جنهن ڪري هو اٽڪيهين اونداهه ۾ چوڏهينءَ جي چنڊ سان تشبيه ڏيندو هجي

ثنائيءَ جي ڪافين ۾ به هن صنعت جو استعمال عام ٿيل آهي . اهڙي هڪ ڪافيءَ جو مثال پيش ڪجي ٿو :

| ڏينديس آءٌ ڪنهن ڏينهن الا - لا ساهه سيڊ جي سڪ ۾ |
| واکا ڪيون وجود مان ، وسي محبّت مينهن الا لا (۲) |

هتي ٻي ٿ ۾ صنعت مبالغو استعمال ڪيل آهي

وجود مان محبّت جي مينهن جو واکا ڪري وسڻ مبالغو آهي ،

---

(۱) ثنائي ثناءالله ، 'قلمي بياض' ، تان

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ

مرحوم ثنائيءَ جي ڪافيءَ مان صفت مبالغي جو هڪ ٻيو مثال ملاحظه فرمايو :

| ثنائي عشق زوراور - وڏو شوڪت پريو لشکر |
| ڪري حملو نوائي نه - ڏوڳر هن کي تون ڏاري وڃ |(۱)

ثنائيءَ مٿين ست ئي مبالغي کان ڪم ويٺي عشق کي زوراور ڪوٺي سندس هت هيٺ وڏو شان شوڪت پريو لشکر ڏيکاريو آهي. جيڪو وڏن وڏن جُنگ جوانن کي به نوائي ٿو رکي ، اهو سراسر مبالغو آهي. عشق زوراور ته ضرور آهي ، پر سندس ڪا باقاعده فوج مقرر ڪانهي ، جنهن کان مرد مٽيرا به ڪوڪائيندا هجن . هاالبت محبوب جي غازن ۽ غمزن جي تمثيل هٿيارن سان ڏئي سگهجي ٿي . جئن ابرو جو خنجر ، نظرن جو تير وغيره وغيره .

مرحوم ثنائيءَ جون مثنويون به هن صنعت سان مزيّن نظر اچن ٿيون . سندس هڪ مثنوي جون ستون هن ريت آهن :

| اتارڻ نند مان ناهي مناسب - اساکي اڄ ڏيڻ سڃاڻ واجب |
| ڀجاهن جي وچي مان سڃڙيان ٿو - اتي دربار ۾ حاضر تيان ٿو |
| جڏهن عدت سندا ايام گذرن - ڏکڻ جا ڏينهن ۽ ماتام وسرن |
| ته پوءِ هن دوست سان ڪجان شادي - ڏنم رخصت اها والله هادي (۲) .

واقعي جو اختصار هن ريت آهي ته محمود غزنوي رات جو رمايا جي خبرگيري ڪندي چور پڪڙي ٿو ، چور هڪ رات جي مهلت گهري ٿو ته ان لاءِ پنهنجو پيارو دوست ضامن ڏئي ٿو ، سلطان چور ٿو ڇڏي

(۱) ثنائي ثناءالله : قلمي ڀياڻ ، تان
(۲) ثنائي ثناءالله : محمود غزنوي عرف سچو عشق ،

ڪنس دوست جي نقل وحرڪت تي ڪجهي طرح ڪڙي نظر رکي ٿو. ضمانت بعد
چور پنهنجي دوست سان درد جو داستان سڏڻ بعد محبوبہ سان آخري
ملاقات لاءِ روانو ٿئي ٿو چوته ڪيس پڪ آهي ته موت جي سزا ملندي.
سلطان جي مٿس مسلسل نظر رهي ٿي. وزير جي ذي ءُ سان آخري ملاقات
ڪري چور واپس رات جي پيٽ ۾ ئي دوست جي گهر پهچي وڃي ٿو. جتي
ڪيس گهري نند اچي وڃي ٿي. ان موقعي تي سندس دوست پنهنجي زال
سان مٿس ٿيل ڪريت گفتگو ڪري ٿو.

ٽنائي مثنوي جي مٿن ستن ۾ جيڪو مبالغو ڪيو آهي
سوهن ريت آهي ته عملي زندگي ۾ اهو ممڪن نه آهي ته کو دوست
جي خوشي ۽ خاطر ايڏ سر جو سودو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ۽ مٿان وري
زال کي به اهڙي اجازت ڏيڻي ڇڏي. فقط قصي کي وڌيڪ رنگين ۽ جاذب
بڻائڻ لاءِ اهڙي مبالغي کان ڪم ورتو ويو آهي. جيڪو جيئري جاگندي دنيا
۾ ناقابل يقين آهي.

صنعت هزل کالجد

اهڙو ڪلام جو ظاهري ۾ چوهجي، پر باطني لحاظ کان ان مان ڪا ضرور ڪا يا نصيحت جهڙي ڳالهه نڪري تہ ان کي صنعت هزل ڪالجد سڏيو ويندو آهي (۱).

مولانا ثناءَ الله جي ڪلام ۾ عمومي طور هن صنعت جو گهڻو استعمال ٿيل آهي. هو پوءِ ڀرجهن ۾ نصيحت ڪار آهد ڳالهيون چئي ويو آهي. هتي مثال ۾ فقط هڪ ڪافي جي چند سٽن تي اعتنا ڪجي ٿي. جڏهن تہ هن صنعت تي مولانا جي مڪمل ڪتاب جو ذڪر پاڻ ئي باب ۾ تفصيلي طور ڪيو ويو آهي. هڪ ڪافي مان مثال ملاحظہ ٿئي:

| مست قلندر، سچا سڪندر، روڙا نوڙا متي اڳاڙا
| نوڙ ڪا لينگ ڏيون نا ڏهه ڏهم، ٻيهر ٻار نہ گهرجي تو (۲).

مٿين سٽن ۾ ظاهر تہ چرچي پوءِ ڪان وڌيڪ ڪجهه نظر نٿو اچي. پر جڏهن مٿين ڪافي جي مطلع کي نظر ۾ رکي وري بند جي باطني معنيٰ ۽ مطلب تي غور ڪجي تو تہ ان ۾ وڏو مقصد سمايل نظر اچي ٿو. مطلع جون سٽون هن ريت آهن:

| اسين پاڻ شڪار پنهل جو آهيون، ٻيو تہ شڪار نہ گهرجي تو
| سچو تہ يار اسانجو آهي، ڪوڙو تہ يار نہ گهرجي تو (۳)

مٿن تہ عاشق الهي محبوب جي پريت جي پيڇي ۾

(۱) نسيم بيگ مرزا، اصول مانڪ، ڊاڪٽر پبلڪيشن، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۹۸ء، ص ۲۲۷
(۲) ثناءَ الله، قلمي ديوان، تان
(۳) ايضاً

اڪيل آهي، تنهنڪري هو پنهنجي مٿان مٿيد بار وڌڻ نٿو چاهي. پر ساڳئي ئي سٽ مان ظاهري مطلب ڇڏي ڇڏي جڏهن ڪري ٿو ته اهو روڊو ٽوڊو متي اگهاڙو ٿورهو ڪري ڏڏ ڏڏ ٽينگ ڏيڻ وارو سچو پنهنجي ٽڪڙ ٻڌي وارن جو بار برداشت نٿو چاهي. بلڪ ڪيس ڪري جڏهن ٿورهه مان ڏاڍو مزو ٿو اچي.

صفت تفسير

جڏهن ڪو شاعر پنهنجي شعر ۾ ڪي اهڙا مبهم لفظ آڻي، جڏهن جي تفسير يا بيان ڪرڻ ضروري ٿي پوي ته شاعر انهن لفظن جو تفسير انهن سٽن ۾ پاڻ ئي ڪري وڃي ته اهڙي صفت کي صفت تفسير چئبو آهي (۱).

مولانا ثنائي جي ڪلام ۾ صفت تفسير جا مثال ملن ٿا. هڪ نحتيه غزل مان نمونو پيش ڪجي ٿو:

تنهنجي عشق اندر ۾ هي هار ڏيئا
علم جا، فيض جا، نور جا، شوق جا
ويا ثنائي جي سيني مان خطرا خفا
نفس جا وسوسا، حرص جا زلزلا (۲).

مٿين سٽن ۾ ڏيئن جو لفظ مبهم آهي جنهن جو تفسير هي ست ۾ ڪيو ويو آهي. سرور، دوجهان ۾ جي عشق جا ثنائي جي سيني ۾ جيڪي ڏيئا روشن ٿيا اهي علم، فيض، نور ۽ شوق جا آهن. اهڙي ريت جڏهن سندس سينو روشن ٿي ويو آهي ته پوءِ دل مان سمورا خطرا، خوف، نفس جا وسوسا ۽ حرص جا زلزلا ختم ٿي چڪا آهن.

---

(۱) فهيم بيگ مرزا، 'سندي ويا ڪرڻ' (پاڻ چونڊن) چاپو پهريون، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ ۱۹۷۱ء، ص ۱۸۱

(۲) ثنائي ثناءالله، 'قلمي بياض'، تان

صنعت غير منقوط

جڏهن شعر ۾ سمورا لفظ اهڙا استعمال ڪيا وڃن جن جي حرفن مان ڪنهن ۾ به ڪو نقطو نه اچي تہ اهڙي صنعت کي 'صنعت غير منقوط' چيو ويندو آهي (۱)

هي صنعت تمام مشڪل آهي، عام شاعر وڏي جاکوڑ کانپوءِ مس ڪي ٻہ ٽي سٽون جوڙي سگهندو. چالاڪ تہ هن صنعت ۾ فقط غير منقوط لفظ چونڊ ٽانہ آهن. پر خاص خيال اهو رکڻو آهي تہ اهي لفظ پڻ معنا هجن، ۽ شعر کي وزنائڻ ۽ معيار ۾ ٽڙائي بيهن.

مرحوم ثنائي پنهنجي شاعري ۾ هن صنعت ۾ ڪامياب تجربا ڪيا آهن. هڪ سندس ٽهڪ غزل مان مثال پيش ڪجي ٿو:

سردار سور صدها، رس رحم کر سگهو کو
دلدار رحم ڪردم، درڪار آ گدا را
ڪر داد داد وارا، ڏه دوس کو دلاسو
مرڪاءِ ميرمرسل، مالڪ مدام ما را
اسم اصل اهو آ، اول مداح مولا
مادح مدح گو آ، ممدوح معجزارا (۲)

هتي آخري ٽڪ ۾ مولانا ثنائي پنهنجي تخلص جو هم معنا لفظ 'مدح گو' 'ثنائي' طور استعمال ڪري صنعت سان خوب نباهيو آهي.

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي، 'بحر الفصاحت'، لکنؤ، منشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۹۷۷

(۲) ثنائي ثناءالله: 'قلمي بياض'، تان

صنعت تشبيه

تشبيه جي لفظي معنا مشابهت ڏيڻ ، مقابل بيهارڻ يا هڪ جهڙو ڪري پيش ڪرڻ آهي . اصطلاحي معنا موجب هڪڙي شيءَ کي ڪنهن ٻي شيءَ سان ڪن صفتن ۾ مقابلو ڪرڻ ، جنهن شيءَ سان پيٽ يا مقابلو ڪجي يا مشابهت ڏجي انهيءَ کي 'مشبه' چئبو آهي ، جنهن صفت ۾ مشابهه ڪري انهيءَ کي 'وجه تشبيه' چئجي ، جيڪي لفظ تشبيه طور گهرايندا آهن ، انهن کي 'حرف تشبيه' سڏبو آهي (۱).

مولانا ثنائيءَ جي ڪلام ۾ 'صنعت تشبيه' جا بيشمار مثال ملن ٿا ، جن ۾ هن نهايت معنا خيز تشبيهون ڏيئون آهن ، سندس هڪ مثنويءَ مان مثال ملاحظه ٿئي :

ڪرائج بيت پنهنجي جي زيارت
ملي سڀ سان موڪلي بشارت
ايئن آجوگنا هن کان تيان پو
لٽو جئن صاف صابڻ سان ٿئي ٽو (۲) .

مناجات جي متين ستن مان آخري بند مصراعن ۾ 'صنعت تشبيه' استعمال ڪئي ويئي آهي ، جنهن ۾ گناهن جي غلاظت کان آجو ٿيڻ جي تشبيه صابڻ سان صاف ۽ پاڪ ٿيل ڪپڙي سان ڏني ويئي آهي .

'صنعت تشبيه' جو مثال مرحوم ثنائيءَ جي غزل مان پيش ڪجي ٿو

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي ، بحر الفصاحت ، لکنؤ ، منشي نول ڪشور ، ۱۹۲۶ء ، ص ۸۰۸

(۲) ثنائي ثناء الله ، 'قلمي بياض' تان

صنعت واسع الشفتين

هن صنعت ۾ شعر اندر اهڙا اکر استعمال ٿيندا آهن. جن جي پڙهڻ سان چپ چپن سان نه لڳن.

مولانا ثنائيءَ جي کلام ۾ صنعت واسع الشفتين جا مثال ملن ٿا. جيتوڻيڪ هي صنعت تمام مشڪل آهي. جنهن لاءِ شاعر کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي. پر مرحوم ثنائيءَ هن صنعت سان واه جو نياپو آهي. سندس هڪ غزل مان مثال پيش ڪجي ٿو:

سڀ سر سور جي لاهين
سدا سو سِرُ وڃي سَرِ ٿئي
سلوڪ جو نسنگ نسري
ڪيو جنهن سخت سهيو آ (۱).

مٿين سٽن ۾ سمورا اهڙا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، جن جي اچارڻ سان چپ چپن سان نٿا لڳن.

---

۱) محمد نعيم الغني، بحر الفصاحت، لکنؤ، منشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۹۸

۲) ثنائيءَ ثناء الله: قلمي بياض، تان

صنعت تضمين

اها صنعت جنهن ۾ کو شاعر پنهنجي شعر ۾ کنهن ٻي شاعر جي مصرع کي آڻي ۽ سندس نالو ظاهر ڪري ، کن صورتن ۾ نالو ظاهر نه به ڪندو آهي (۱) .

مولانا ثنائيءَ جي شاعريءَ ۾ صنعت تضمين جو استعمال ڪافي جاين تي ڪيل آهي ، هتي اول سندس مداح مان مثال پيش ڪجي ٿو :

ڏئي دل کي دلجاءِ پيئوءَ کي پهراءِ
پائڻ کي ٻه پاءِ ٻيهر ٻه جاءِ
اڃن جي اسان لئه رهبر ملي راءِ
ڪريما به بخشائے ٻر حال ما [۲]
ڪجهو سوال و ٻناء مرسل هنا (۳)

مداح جي هن مصراع جي چوٿين ست ۾ ثنائيءَ فارسي زبان جي معروف شاعر شيخ سعدي شيرازي جي جگ مشهور مثنوي 'ڪريما' جي شروعاتي ست 'ڪريما به بخشائے ٻر حال ما' تضمين طور ڪم آندي آهي .

مرحوم ثنائيءَ جي بيتن ۾ به صنعت تضمين جو استعمال ڪيل آهي . نموني طور هڪ بيت پيش خدمت آهي :

---

(۱) سنديلو عبدالڪريم ، 'علم بديع' ، چاپوٽيون ، لاڙڪاڻو ، قادريه پريس ، ۱۹۶۵ء ، ص ۳۷

[۲] سعدي شيرازي شيخ : 'ڪريما' ، بمبئي ، مولوي محمد صديق تاجر ڪتب ، ۱۹۰۱ء ، ص ۲

(۳) ثنائي ثناءالله : ـــــــــ 'قلمي بياض' تان

جي ٿون گھرين تہ موڪلي، تہ رھبر ري ڪہ ٿون
مرشدوٽ مريد ٿي ، رس منزل ڪي مھڻون
لاشيخ لہ فشيخہ الشيطان[1] ، پڌاءِ پٽائيءَ جو مضمون
وليءَ جي وجود ۾ ، ٿي عالم گوناگون ۽ الخ.....

مٿين بيت جي ٽين ست ۾ صفت تفضيل جو استعمال ڪندي ، ٽنائيءَ مرحوم پاڻ نشاندهي ڪئي آهي تہ هي پڌاءِ جي بيت تان اخذ ڪيو ويو آهي .

---

[1] ' شاه جو رسالو ' سُر ص

(۲) ٽنائيءَ ثناء الله :، ' قلمي بياض '

صنعت مراعات النظير

هن صنعت کي 'متناسب' به چوندا آهن . هن ۾ اهڙا لفظ ۽ مضمون جو اهڙو اسباب آڻبو آهي، جن جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو هوندو آهي . انهن جي مناسبت هوندي آهي (۱)

مولانا ثنائيءَ جي ڪلام ۾ مراعات النظير جا ڪيئي مثال ملندا . هتي سندس غزل مان به مثال پيش ڪجن ٿا . ملاحظو ٿيءِ :

يقين سورج ٿيءِ منوّر ، فنا قنديل ، وجن وهم جا
بخار ڪيئي ، غبار ڪيئي ، ملهار ڪيئي ، سحاب ڪيئي (۲)

مٿين مصراعن ۾ 'صنعت مراعات النظير' جو بهترين نمونو پيش ڪيو ويو آهي . جنهن ۾ نه فقط فني نقطه نگاه کان خوبيون رکيل آهن ، بلڪ انهن بن سٽن ۾ معنا ۽ مقصد جا موتي به سمايل آهن . جيڪڏهن کوماڻهو فنا جي حقيقت کي تسليم ڪري ، بقا لاءِ سمر جوڙي ته هوند سندس دل ايمان جي روشنيءَ سان منوّر ٿي وڃي ، ۽ وهمن ۽ وسوسن جا غبار ، بخار ، ملهار ۽ سحاب هٽي وڃن .

ٻيو مثال هن ريت آهي :

وڏيرن ۾ وڏائي آ ، غريبن لئه ڪيون پيدا
قيامت اڄ ، شامت اڄ ، عداوت اڄ ملامت اڄ
نڪو همراه ۽ همدم نه ڪوئي باوفا آ دوست
جماعت ۾ بغاوت اڄ ، ظرافت ۾ خباثت اڄ (۳)

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي ' بحر الفصاحت ' لکنؤ ، منشي نول ڪشور ، ۱۹۲۶ء ، ص ۱۰۲۸
(۲) ثنائي ثناء الله : ' قلمي بياض '
(۳) ——— ايضاً ———

اڄوڪي زماني جي حالات جي عڪاسي ڪندي ثنائيَ غزل جي مذڪوره مصراعن ۾ صنعت مُراعات النظير ' کي تمام مؤثر موزون انداز ۾ پيش ڪيو آهي. پهرين بن سٽن ۾ وڏيرن جي ڪٽن ڪرتوتن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته انهن غريبن لاءِ آزار ئي آزار ئي ڏيو آهي. مسڪين لاءِ اصل صفا قيامت برپا ڪري ڇڏي آهي. جيئن متن کي شامت نازل ٿي هجي. دشمني ۾ جنهن وقت جو نشانو فقط غريب کي ئي بڻايو ويو آهي.

ٻي مصراع ۾ سچي دوستيءَ جي اڻاٽ جوڙ ڪري آهي. هن دور ۾ ڪو به سچو همدرد، همراهه يا همدرد ڪي ملڻ محال ۽ مشڪل ئي پيو آهي. جماعتون بغاوت جو شڪار آهن. روزمره جي گفتگو ۾ شائستگي يا ظرافت جي جاءِ غليظ زبان اچي وئي آهي.

صنعت ملمع

جڏهن هڪڙي شعر جي هڪ مصرع عربي ۽ ٻي فارسي يا ڪنهن ٻي ٻولي جي هجي يا وزن ۾ هڪڙي مصرع يا بيت عربي ۽ ٻيو فارسي يا ڪنهن ٻي ٻولي جو استعمال ڪيل هجي تہ اهڙي صنعت کي صنعت ملمع چئبو آهي(۱) .

هن صنعت جو استعمال شاعر جي علمي بصيرت ۽ ٻين ٻولين تي مهارت جو دليل آهي . ساڳي وزن ۽ بحر تي ست جو جڙاءُ، جنهن مان مقصد پورو معنا نڪري، ڪمالیت جو ڪم آهي . مولانا ثنائي جي ڪلام ۾ صنعت ملمع جا عمدا مثال ملن ٿا . هوهڪ غزل ۾ رقمطراز آهي :

هيو عرب کو سڪيل ثنائي، ڏسي صنم تنهن چيو سودائي
فقال ما اسمک ، فقلت لولو ، فقال لي لي ، فقال لا لا (۲)

ثنائي جي غزل جي ٻين ستن مان نہ فقط سندس فن ۽ فڪر جو پتو پوي ٿو ۽ علمي بصيرت جو اظهار ٿئي ٿو، پر سندس عربي ٻولي سان رغبت ۽ محبت جو ثبوت ٻہ ملي ٿو. جڏن تہ ٻين ست عربي ٻولي ۾ آهي تنهن ڪري ثنائي ٻين ست ۾ ٻہ عرب جوئي ذڪر ڪيو آهي . ۽ اهڙي طرح شعر جي مصراعن کي نهايت پرڪشش ۽ بامعنا بڻائي چڏيو آهي .

---

(۱) قليچ بيگ مرزا 'سندي وياڪرڻ' پاڪو چوڻن ، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء ص ۱۸۷

(۲) ثنائي ثناءالله : 'قلمي بياض'

صنعت توشيح

هن صنعت ۾ اهڙا لفظ کم آڻبا آهن، جن جي گڏڻ سان يا انهن جي مهڙ واري حرف ملائڻ سان کو نالو، لقب يا کو مثل ذکر ٿيندو آهي. هن جا گهڻا قسم آهن پر عام قسم اهو آهي ته هر بيت يا مصرع جو پهريون اکر گڏي کو نالو يا لقب ڪيو ٿو آهي (۱)

مرحوم ثنائيءَ جي شاعريءَ مان هن صنعت جو به مثال مليو آهي. جيتوڻيڪ هيءَ صنعت گهڻي محنت طلب آهي. جو مطلوبه لفظ جي هر هڪ حرف جي استعمال لاءِ وڏي حرفت درڪار ٿئي ٿي، تنهن ثنائيءَ جي هڪ مثنويءَ مان مثال پيش ڪجي ٿو:

مڙن جو منڊ مبدء ميم آهي
ڇڏيو هڪ حرف هي هو ملڪ ناهي
سمجهڻ ۾ جي عيان ٿي کل حقيقت
ڪهي ناهي شريعت ۽ طريقت
وري هي ميم سان مقصد ٿين تا
مڙئي مومن ڇڻن تا ۽ جيئن تا
دنيا ۽ دين جو منڊ دال آهي
محمدؐ جو وڏو اقبال آهي (۲).

هن ستن سان اسم پاڪ 'محمدؐ' جڙي ٿو. 'مبدء' جي منڊ وارو 'م'، 'حقيقت' جي شروع واري 'ح'، 'مقصد' جي منڊ وارو 'م' ۽ 'دنيا' تورِي 'دين' جي شروع ۾ ايندڙ 'د' جڏهن ملائبا تہ 'محمدؐ' جو مٿونالو جڙي پوندو.

(۱) محمد نجم الغني مولوي، 'بحر الفصاحت'، لکنؤ، منشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۹۵۸
(۲) ثنائي ثناء الله: 'محمود غزنوي عرف سچو عشق'، ص ۹

صنعت ممتنع

اهو شعر جو ڏسڻ ۾ آسان هجي، مگر انهيءَ جي معنيٰ اوڏهي، پر اڏهين ۾ مشڪل هجي تہ اهڙي صنعت کي 'صنعت ممتنع' چئبو آهي (۱). هي صنعت ڏسڻ ۾ واقعي سولي ٿي اچي پر لکڻ ۾ ڏاڍي ڏکي آهي. جالاءِ تہ هن جي معنيٰ ۾ مطلب گهمورڪو ٿو پوي.

مولانا ثنائيءَ جي ڪلام ۾ هن صنعت جا مثال ملن ٿا. جئن هو پنهنجي هڪ مثنويءَ ۾ رقمطراز آهي:

خدا پاڪ ماڻهو نہ هرگز ٿئي
دلو ڪين هرگز ڪنهن جهان ٿئي (۲).

ڏٺو وڃي تہ مثنوي جي مٿين بند ۾ ظاهري معنيٰ نهايت آسان آهي. اٽل حقيقت آهي تہ انسان هرگز خدائي نٿو سگهي. ۽ نہ ئي وري ڪو دلي کي ڪنهن کوٽي سگهجي ٿو. پر مصراعن جي پاڙهين معنيٰ تي غور ڪجي ٿو تہ انهن ۾ رڳو متضاد ۽ مطلب سمايل نظر اچي ٿو. ثنائيءَ چوڻ ٿو چاهي تہ انسان ڪاملي آهي. جڏهن تہ الله پاڪ جي ذات غلطين ۽ خطائن کان مبرا ۽ پاڪ آهي. هوهن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. انسان جيڪو مخلوق ۾ شمار ٿئي ٿو، سو ڪڏهن بہ خالق واري جاءِ ونڊي نہ سگهندو. يعني مخلوق ڪڏهن خالق بڻجي نٿي سگهي. تنهنڪري ڪو بہ انسان جڏهن خدائي جي دعويٰ ڪري تہ اهو ڪوڙو ۽ ڪذاب ليکبو. جئن دلي جو صاف ڪنهن هوندو آهي جيڪو ان کاريگر جي فقط فن جو نمونو آهي. دلو پاڻ ڪڏهن ڪنهن بڻجي کوٽہ نہ سگهندو.

---

(۱) تلسي بيگ مرزا 'املهه ماڻڪ'، پاڙو پهليون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۸ء، ص ۲۲

(۲) ثنائي ثناءالله ا، 'ملان ۽ موالي'، ص ۵۴

صنعت عکس

هن صنعت ۾ اهڙا لفظ کم ايندا آهن، جيکي هڪڙي مصرعي ۾ سٽاءِ پوءِ ٻي مصرعي ۾ ورجي ابتدا يا آخري پوءِ ٿي ايندا آهن (۱).

مولانا ثنائي جي شاعريءَ ۾ 'صنعت عکس' جو استعمال بهتر آهي. جنهن جو مثال سندس هڪ نعتيه غزل مان پيش ڪجي ٿو:

اسان جي پئي نڙي ٿي دل، ڏڏي نالو محمدؐ جو
ڏڏي نالو محمدؐ جو، اسانجي پئي نڙي ٿي دل (۲)

مٿين سٽن جي بيهڪ مان 'صنعت عکس' جو عکس واضح نظر اچي ٿو. پهرين سٽ جو پهريون حصو، ٻي سٽ جي ٻئي حصي واري جاءِ تي اچي بيهي ٿو. اهڙيءَ ريت پهرين سٽ جو ٻيو حصو، ٻي سٽ جي پهرين حصي جي جاءِ واري ٿو. جيتوڻيڪ بظاهر ٻنهي سٽن ۾ ورجاءِ ڪيل آهي، تاهم سٽن جي اهڙي تنظيم ۾ هڪ قسم جي ندرت ۽ نواڻ ضرور نظر اچي ٿي.

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي، 'بحر الفصاحت'، لکنؤ، منشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۱۸۴

(۲) ثنائي ثناءالله: 'قلمي بياض'، تان

صنعت مکرّر

جڏهن شعر ۾ ساڳيو لفظ ٻه يا وڌيڪ ڀيرا اچي ۽ هر ڀيري پنهنجي پنهنجي معنيٰ ڏيکاري تہ اهڙي صنعت کي صنعت مکرّر چيو ويندو آهي (۱).

مرحوم ثناءالله ثنائيءَ جي بياض ۾ صنعت مکرّر جا مثال ملن ٿا. هو پنهنجي هڪ کافيءَ ۾ رقمطراز آهي:

کهين ڏينهن بي قياس کي قياس ٿيندو
سچڙ کي ملڙ لاءِ احساس ٿيندو
سڏيندو هلي اڄ ثنائي ثنائي (۲).

آخري مصرع ۾ ٻه ڀيرا 'ثنائي' جو لفظ استعمال ڪيل آهي. ڀرين دفعي 'ثنائي' شاعر جي تخلص طور ڪم آندو ويو آهي. جڏهن تہ ٻي ڀيري 'ثنائي' لکڻ جو مطلب اهو آهي تہ گويا سندس محبوب ثنائيءَ کي سڏيندو هجي تہ منهنجي 'ثنا' ۾ سارهہ ڪرڙ وارا 'عاشق تون مون ڏانهن هلي اڄ'، يعني ٻيو دفعو 'ثنائي' جو لفظ 'تعريف ڪرڙ وارو' جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

---

(۱) قليچ بيگ مرزا 'سنڌي وياکرڻ'، پاڳو چوٿون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء

(۲) ثنائي ثناءالله: 'قلمي بياض'

صنعت سوال و جواب

جڏهن ڪنهن مصرع ، بيت يا ساري شعر ۾ سوال ۽ ان جو جواب ڏنو وڃي تہ اهڙي صنعت کي 'صنعت سوال و جواب' سڏيو آهي (۱) .

مولانا ثنائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ 'صنعت سوال و جواب' جو استعمال نهايت وقتائتو ۽ موزون لفظن ۾ ڪيو آهي جنهن جا هيٺيان مثال پيش ڪري سگهجن ٿا . پر هتي فقط غزل ، مثنوي ۽ مدح مان نموني طور ڪجھ ڏنو ويو آهي .

ثنائيءَ جي غزل ۾ جن صنعت جا گهڻائي مثال موجود آهن . جيڪي پنهنجي اندر وڏي ڪشش رکن ٿا . هت ڪنڊ ڪي آرسي ڏجي تہ وا مثال ملاحظہ ٿئي :

چيم تہ رخسار تو سنڊي ٿي ، سنها سنها چو هي خال آهن
چيئن ڏنڊن جا هي خال هوندا ، چيم تہ ڪنهن ڪنهن چيئن تہ بابا (۲)

مرحوم ثنائيءَ غزل جي ميٽن سٽن ۾ 'صنعت سوال و جواب' استعمال ڪندي ڪيڏي نہ تجسّس جي ڪيفيت پيدا ڪئي آهي . محبوب جي رخسار ٿي سنهڙا نشان ڏسي عاشق جي دل بيتاب ٿي وڃي ٿي . هو ڪائنس انهن نشانن جي وضاحت گهري ٿو . جواب ۾ سندس محبوب اهي لفظ چئي تہ : اهي نشان ڏنڊن جا هوندا عاشق جي من کي ماڻ وڪري ٿو رکي ، سندس تجسّس جي ڪيفيت وڌي وڃي ٿي . هو بيقرار ٿي محبوب کان پڇي ٿو تہ اهي ڏنڊن جا نشان پلا ڪنهن جا آهن !؟ سندس سهرين هڪ ئي لفظ ۾ عاشق جي

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي ، 'بحر الفصاحت' ، لکنؤ ، منشي نول ڪشور ، ۱۹۲۶ء ، ص ۱۰۳۳

(۲) ثنائي ثناءالله : ، 'قلمي بياض' ، تان

بدگمانيءَ جي بتن کي پاش پاش ڪري ٿو ڇڏي، جڏهن جواب ۾ هو 'بابا' چوي ٿو. يعني سندس پيءُ پدرانه شفقت ۽ محبت جو مظاهرو ڪندي پنهنجي نياڻيءَ کي رخسار تي مٺي ڏني، جنهن جا نشان چوڪريءَ جي گني تي بڻجي پيا. جيڪي عاشق جي اندر جي آڪٽماند جو سبب بڻيا.

شريعت جي رُو کان پيءُ پنهنجي جوان نياڻيءَ کي پيشانيءَ تي چمي ڏئي سگهي ٿو. رخسار تي چمي ڏيڻ کي ناجائز ۽ معيوب ليکيو ويندو آهي.

مرحوم ثنائيءَ جي مثنوي ۾ هن صنعت جو پورو استعمال ٿيل آهي. جنهن جا هيئي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. مٿ مان هڪ پورڪٽ جي مصداق هڪ مثال ڏجي ٿو. ثنائيءَ رقمطراز آهي:

چيو هيئن مُلان پڙهه خدائيءَ نماز - چوي هُوته گهر جي اندر جو نياز
مُلان چيو ته مسجد جو عالي آشان - موالي ءَ چيو پر ويلو آهڪان
مُلان چيو ته تسبيح ڏاري ته ڏس - موالي چوي چرس گاري ته ڏس
مُلان چيو ته ڏاڙهي ٻڌي ءَ جي اٿئي - چيو هن ته شهپر علي ءَ جا اٿئي
مُلان چيو شريعت چڏڻ آ گناه - چوي هو طريقت ۾ سڀ کي مباح (۱).

متين ستن ۾ مُلان ۽ موالي ءَ جي مناظري جو ڏيک مثنويءَ جي متين ستن ۾ نهايت دلپذير انداز ۾ تحرير ڪيو ويو آهي. هڪ پنهنجي مؤقف تي اٽل آهي. ۽ ٻي گالهه کي رد ڪرڻ لاءِ دليل ڏئي رهيو آهي.

مرحوم ثنائيءَ جي مداحن ۾ هن صنعت جا جيڪي مثال ملن ٿا، انهن مان هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

(۱) ثنائي ثناءالله: 'مُلان ۽ موالي'، ص ۳۴

کير شيندو ماڙ منهنجي توسوا
کير منهنجا درديندو تو سوا
کير مونکي قرب ڏيندو تو سوا
کير منهنجا غم کٽيندو تو سوا
يا رسول الله عربي الغياث (۱)

هن بند ۾ ثنائي اول سوال ٿو ڪري ۽ گويا وري پاڻ ئي جواب ٿو ڏئي. اول پڇي ٿو ته : منهنجي ماڙ ڪير ڪندو؟ ۽ وري ڪير 'تو سوا' چئي پاڻ ئي جواب ڏئي ڇڏي ٿو. جنهن جو مطلب ٿيو ته تو سوا منهنجي ماڙ ٻيو ڪير ڪونه ٿيندو. اهڙي ريت قربداري ۽ غمگساري به الهيءَ جي ذات اقدس کي سڏي ٿو. آخر ۾ رسول عربي ﷺ کي مدد لاءِ ساري ۽ پڪاري ٿو.

(۱) ثنائي ثناءالله : 'اشعار ثنائي'، ص ۴۵

صنعت مجاز مرسل

جڏهن استعاري وانگر کي لفظ غير معمولي معنا ۾ ڪم اچن تہ اهڙي صنعت کي 'مجاز مرسل' چئبو آهي (۱).

ميان ثنائي جي شاعري ۾ صنعت مجاز مرسل جا به مثال ملن ٿا. هتي سندس هڪ مثنوي مان نموني طور مثال پيش ڪجي ٿو:

مدينو جون ماڻهون به مرڪن پيون
جي جنت جي حورن سان پرجي ويون
ڏسڻ لاءِ آيون ائين عورستان
جئن سنگ مرمر سندون مورستان (۲).

هتي صنعت مجاز مرسل جو استعمال ڪندي نبي ڪريم جي هجرت واري واقعي جي منظرڪشي ڪئي ويئي آهي. جڏهن پاڪ نبي جي آمد جو يثرب (مدينو) جا ماڻهو روزانه شدت سان انتظار ڪندا هئا. ۽ آخر اهو سڏ ورو ڏينهن به آيو، جڏهن سچا سرور مختصر قافلي سميت يثرب ۾ داخل ٿيا. ان وقت مدينو جون ماڻهون به مرڪي رهيون هيون ۽ انهن ٿي جنت جون حورون جمع ٿي ويون هيون. هي ديدار لاءِ ايڏ ٽهورتون ايترين ته سهيڙيون ۽ من موهيڙون هيون جو انهن ٿي سنگ مرمر جي مورتين جهڙ جوگمان پيو ٿئي. ساڳي ڏينهن جي ان وقت مدينو جو بيجان ماڻهون ته واقعي کوڙ ٿي مرڪيون ۽ نہ ٿي اهي ماڻهون جنت جي سچين حورن سان پرجي ويون هيون. دراصل ماڻهن جي مرڪڻ مان مراد ماڻهن ديدار جي شوق ۾ جمع ٿيل حورن جهڙين حسين عورتن جو مرڪڻ ۽ خوش ٿيڻ آهي.

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي، 'بحر الفصاحت'، لکنؤ، منشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۸۶۵

(۲) ثنائي ثناءالله، 'هجرت نامو'، قلمي بياض، ص ۴۴

صنعت ذو قافیتین

شاعر جڏهن شعر جي هر هڪ مصرع ۾ هڪ قافيه کان وڌيڪ قافيا آڻي تڏهن اهڙي صنعت کي 'صنعت ذو قافيتين' چيو ويندو آهي (۱).

مرحوم ثنائي جي ڪلام ۾ 'صنعت ذو قافيتين' جا بيشمار مثال ملن ٿا. هن پنهنجي شعر ۾ بعض اوقات پنهنجن ڪجهه شعرن ۾ بيڪ وقت اَٺ اَٺ قافيا استعمال ڪيا آهن، جيڪا وڏي شاعراڻي حرفت ليکي وڃي ٿي. هتي ثنائي جي غزل، مولود ۽ خطبي مان مثال ورتا ويا آهن.

مولانا ثنائي جي غزل مان هي 'صنف پنهنجي سموريين رعنائين سان جهلڪي رهي آهي. ملاحظه ٿئي:

ثنا پي عشق وارن جي ، گلا پي عشق وارن جي
وفا پي عشق وارن جي ، جفا پي عشق وارن جي
عشاقن واسطي آهن ، بهاريون پي بيماريون پي
دوا پي عشق وارن لئه ، بلا پي عشق وارن جي (۲).

غزل جي متين ستن ۾ 'ثنا'، 'گلا'، 'وفا'، 'جفا'، 'دوا' ۽ 'بلا' جا پنا قافيا استعمال ڪيا ويا آهن. 'عشق وارن جي' رديف طور ڪم آندو ويو آهي.

ثنائي جي هڪ مولود مان 'صنعت ذو قافيتين' جو مثال پيش ڪجي ٿو. جنهن ۾ هن هڪ ئي وقت پنج قافيا استعمال ڪيا آهن. اسان اهڙي صنعت کي جيڪڏهن 'صنعت خمس قافيتين' سڏيون تہ غلط نہ ٿيندو:

(۱) محمد نجم الغني مولوي 'بحر الفصاحت'، لکنؤ، منشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۹۴۹
(۲) ثنائي ثناء الله: 'قلمي بياض'، تان

تون آن درد دلين جي جي دلبر دوا - مصطفيٰ ، مجتبيٰ ، رهنما ، پيشوا
سڀ صلواتون اوهان تي پڙهن ٿا پيا - انبياء ، اولياء ، اصفياء ، اتقياء
تون آن بيشڪ حبيب ، خدا کي پيارا - مه لقا ، دلربا ، بي بها ، دل صفا
آهيون عيبن پريا ، نظر ۾ ناميارا - ناجيا ، شافعا ، حاڪما ، حاذقا (١).

متين ستن پر ڪيڏي نه برجستائي ۽ روانيءَ سان هر مصرعي ۾ پنج پنج قافيا استعمال ڪيا ويا آهن. تمام ڏورن سنڌي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي ٻرپت هڪ ئي وقت ۾ ايتري روانيءَ سان ايترا قافيا استعمال ڪيا آهن.

مرحوم ثنائيءَ جي خطبن مان هڪڙو خطبو اڻ قافين تي مشتمل آهي. جنهن کي ضعت مقفيٰ سڏجي تہ بيجا نہ ٿيندو. ملاحظہ ٿئي :

ڪرڪ نظر ، بڏ هي ڏيهر ، ڪاري قبر ، آمنجهه ڪلر
اي بي ثمر ، جوڙج جوهر ، ڪرڪ ڪثر ، ٻاري ڏيا
شهباز هي ، پرواز هي ، نَٽَ نازَ هي ، سُر ساز هي
آواز هي ، انداز هي ، آغاز هي ، آهن غنا (٢).

هڪ ئي وقت ايترن قافين جو استعمال شاعر جي علم ، ۽ شعور جو روز روشن دليل آهي . ان کانسواءِ ان مان سندس ڪلام جي روانيءَ ، الفاظ جي ذخيري ۽ خيالن جي وسعت جو پتو پوي ٿو.

---

(١) ثنائي ثناءالله : ، 'قلمي بياض'
(٢) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

صنعت سياقة الاعداد

شعر ۾ چڏهن کي عدد ترتيبوار توڙي بي ترتيب ڪم آڻجن، ياکي صفتون يا گالهيون شمار ڪرڻ ۾ اچن تہ اهڙي صنعت کي سياقة الاعداد چئبو آهي (۱).

مولانا ثنائيءَ جي ڪلام ۾ 'صنعت سياقة الاعداد' جا به ڪيترائي مثال ملن ٿا. هتي سندس غزل، مناجات ۽ بيت مان مثال پيش ڪيا وڃن ٿا. سڀ کان اول غزل مان مثال ملاحظہ ٿئي:

هڪ سونهن ۾ صداقت، ٻيون نازِ نزاڪت
اهڙو حبيب هنج ۾، پوءِ ڪيئن نہ ٿئي قيامت (۲)

مٿين ست ۾ 'هڪ'، 'ٻيو' ۽ 'ٽيون' جا عدد سلسليوار آيل آهن. تنهي عددن ۾ محبوب جي سونهن، صداقت ۽ نازِ نزاڪت جو ذڪر آهي. ٻيءَ ست ۾ اهڙي محبوب جي قربت کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪيو ويئي آهي، جو غزل جي حسن ۾ نکار ۽ روانيءَ ۾ روانيءَ پيدا ٿي پئي آهي.

مرحوم ثنائيءَ جي مناجات مان صنعت سياقة الاعداد جو مثال پيش ڪجي ٿو:

هڪڙو آهي مسڪيني، ٻيو ڏري آبي تسڪيني
ٽيون آملڪ ۾ بيچيني، چوٿون آهي جي ديني
يادڪريون صحبت ديريني، روئندي گذاريم هفتاماه
مٿس رسول ڏي ڪر واه
هم هميشه شامل شاه (۳)

(۱) محمد نجم الغني مولوي، 'بحر الفصاحت'، لکنؤ، مشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۹۵۳
(۲) ثنائي ثناء الله، 'قلمي بياض'، تان ص ۴۹
(۳) ثنائي ثناء الله، 'اشعار ثنائي'

مٿين سٽن ۾ ثنائي پنهنجي قلبي سڪون جي ڪمي کي
اظهار ڪندي سرور ڪونين ﷺ جي ذات گرامي ۽ کي مدد لاءِ پڪاريو آهي. هتي
'هڪڙو'، 'ٻيو'، 'ٽيون' ۽ 'چوٿون' جا الگ صنعت سياقة الاعداد طور استعمال ڪيا
ويا آهن.

هيٺ ثنائي جي بيت سان مثال ڏجي ٿو:

جي ٿون گهرين ته مولا ملي ته نور نبين هي دار
اول صبر ڪر رنج ۾، ٻيو گنج ۾ شڪر گذار
ٽيون قناعت ڪر ميان، چوٿون علم نه وسار
پنجون يقين ڪر رب تي، ڇهون توڪل سان ڪر تار
ستون رضا ۾ راضي رهي، اٺون سلامتي سار
نائون حوالي رب جي، مڙهي ڪر ڪم ڪار
ڏهون ٿي ٿول ستدار، نه سڙ ڪي ملين ثنائي چوي (۱)

ثنائي مٿين بيت ۾ پهرين، ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون، ڇهون، ستون، اٺون ۽ نائون جا عدد آٽي صنعت سياقة الاعداد کي خوبصورت طريقي سان استعمال ڪيو آهي.

(۱) ثنائي ثناء الله: 'قلمي بياض'، تان

صنعت ارسال المثل / ارسال المثلين

صنعت ارسال المثل اهڙي صنعت کي سڏبو آهي، جنهن ۾ شعر جي ستن ۾ کو پهاڪو يا مثال کم آندو وڃي، جو عام لاڳو ٿجي. جڏهن هڪڙي ئي بيت ۾ ٻه مثال ڏنا وڃن تہ ان کي 'ارسال المثلين' چيو ويندو آهي(۱)

مولانا ثنائي جي شاعري ۾ هن صنف جا ڪيترائي مثال ملن ٿا جنهن مان سندس شاعراڻہ حرفت جو پتو پوي ٿو. سندس مثنوي مان مثال ملاحظہ ٿي:

ڏجي اڏبٽ مرد ۽ زال جي
نہ ٿڪ جنس ٻڌجي سندن حال جي
پوي پيهري ۾ ڪبوتر سان ڪاڻ
ٻهي ويڙهہ ۾ ٿين ڪاڙ جو ٽاڻ
ڳهي دل ڪبوتر جي اڏري مٿي
چوي ڪاڻ چوڙو ڪڪڙ جو ڪٽي (۲).

مٿين ستن ۾ هڪڙو مثال 'ڪبوتر ۽ ڪاڻ' جو ٻڌ پيهري ۾ پوڙ' ۽ ٻيو 'ويڙهہ ۾ ٽاڻ پڇڙ' جو ڏنو ويو آهي، ان کان پوءِ ڪبوتر ۽ ڪاڻ جي فطرت ٻڌائي ويئي آهي، انهن مثالن مان ثنائي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جنهن گهر ۾ نر ۽ مٽس جي خيالن ۾ ٻڌ جهڙائي نہ هوندي تہ اهڙي گهر جو هلڻ مشڪل ۽ محال آهي.

مرحوم ثنائي هنن ستن ۾ متضاد طبيعت جي مٽس ۽ نر جا مثال ڪبوتر ۽ ڪاڻ سان ڏنا آهن، جيڪي هڪڙي ئي پيهري ۾ گڏ رهڻ گذاري نٿا سگهن. ڪبوتر کي پرواز جو اونو هوندو. جڏهن تہ ڪاڻ چاهيندو تہ ڪيس کي چوڙو ملي وڃي تہ ڪائي رڄ ڪري.

---

(۱) تلميح بيگ مرزا 'املهہ ماڻڪ' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۸ء، ص۲۴ ص۲۵

(۲) ثنائي ثناءالله : 'شاهنامو شريف'، ص۱۱۰

صنعت مردّف

شعر ۾ جڏهن قافيي کانسواءِ ان کان آڏي يا پوءِ اهڙا لفظ استعمال ڪيا وڃن جيڪي بامعنا هجن ۽ تلهه خواه مصراعن جي موت ۾ بار بار ورجائجن تہ اهڙي صنعت کي 'صنعت مردّف' چئبو آهي (۱).

مرحوم ثناءالله ثنائيءَ جي ڪلام ۾ هن صنعت جا مثال به ملن ٿا. هتي سندس غزل، مولود ۽ مناجات مان مثال ڏيئا ويا آهن.

'صنعت مردّف' جو غزل مان مثال هن ريت آهي:

سِري منهنجي اگر تو کي آهي درڪار - بسم الله
خوشيءَ سان نوڏيان تو کي وڏي سرڪار - بسم الله (۲)

ٻنهي ٻنهي سٽن ۾ 'بسم الله' جو ردیف انتهائي خوبصورت ۽ بامعنا طريقي سان استعمال ڪيل آهي. جيڪو تلهه توڙي مصراعن جي وراٽ ۾ معنا ۽ مطلب جي لحاظ کان ڪافي ۽ ڪي خوبصورت رنگ ڏيئي ٻيلو آهي.

مولانا ثنائيءَ پنهنجي مولودن ۾ ڏاڍا اعمدا ردیف چونڊيا آهن، جن ۾ نہ فقط روانيي آهي پر اهي پنهنجي اندر وڏي معنا ۽ مفهوم سمائي ٿا. ردیف جو تڪرار سندس شعر جي حسن کي دوبالا ڪري ٻيهي ٿو.

---

(۱) تلیم بیگ مرزا، 'سندي ويا ڪرڻ'، پاڪو چوٽون، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ع
(۲) ثنائي ثناءالله 'قلمي بياض'، تان

مثنوي مان هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو:

پهوٽي پيغمبر جو شاعر نه شان
اڏي سرڙ سبهي ڪيڙ آسمان
قُلڪوه اندر قهري ڏيڏري
پئي ملڪ ماپي سخن پهوري (۱)

مٿين بند ۾ هڪ ئي وقت ۾ محاورا پيش ڪيا ويا آهن، جيڪي اسانجي روزمره جي هولي ۽ ڏيهه وقتاً فوقتاً پيا استعمال ٿيندا آهن. 'سرڙ جو سبهي آسمان ڪيڙ لاءِ اُڏڻ' ۽ 'قُلڪوه جي ڏيڏري جو ملڪ ماپڻ' مثنوي ۾ 'ارسال المثلين' جي صنعت جو عمدو مثال آهن.

(۱) ثنائي ثناء الله: 'اعتقاد نامو'

تشبيه مشروط

جڏهن هڪڙي شيءِ جي ٻي شيءِ سان ڪن شرطن هيٺ مشابهت ڪجي ۽ چئجي ته هي شيءِ هن جهڙي آهي، بشرطيڪ هوءَ هون ڪجي، تہ ان کي تشبيه مشروط چئبو آهي (۱).

مرحوم ٽنائيءَ جي شاعريءَ ۾ تشبيه مشروط جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. هتي مثنويءَ مان مثال پيش ڪجي ٿو:

نبي پاڪ هن طرح آهي چيو
جو داخل ٿئن مسجدن ۾ ٽيو
ٿي داخل انهن ۾ پڙهيائن نماز
مٽيءِ ڏوه بخشيا ڏٺي بي نياز
گناهن کان آجو ويو ٿي ائين
نئون پيٽ مان ٻار ٻاڻو جيئن (۲).

مثنويءَ جي متين ستن ۾ نبي مڪرم جن جي حديث مبارڪ جو حوالو ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ پاڪ ڪريم جن فرمايو:

جيڪو مسلمان مسجد قباءِ مسجد نبوي ۾ داخل ٿي نمازون ادا ڪندو تہ بي نياز مولا ان گنهگار جون مٽيءِ مدايون موراڻون ميٽي ڇڏيندو ۽ ائين گناهن کان ائين آجو ٿي ويندو، جئن ماءُ جي پيٽ مان نئون ڄاول ٻار معصوم هوندو آهي. هتي لازمي شرط اهو آهي تہ گناهن کان آجو ٿيڻ لاءِ مذڪوره مقدس مسجدين ۾ داخل ٿي عبادت جو حق ادا ڪري.

---

(۱) قليچ بيگ مرزا، 'سندي وياڪرڻ'، پاڪو چونڊ، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء ص ۶۷
(۲) ٽنائي ثناءُ الله، 'هجرت نامو'
(۳)

صنعت کنایه

هن صنعت ۾ شاعر کنهن گالهه ڏانهن فقط اشارو ڏيندو آهي ان کي چئو بيان کونه کندو آهي (۱).

مولانا ثنائي جي ڪلام ۾ صنعت ڪنايه ۽ گهٽائي مثال ملن ٿا، پر هتي فقط سندس بيت ۽ مثنوي مان مثال پيش ڪجن ٿا:

جي تون گهرين ته مولي ملي ته چگائي پيو جئه
قوانفسكم واهليكم نارا[۲]، بلكل تار ج پئه
من پي اچي كنهن مرد جي دل كي تهدل تئه
سچي كي سچ چوڻ مان نه ٿي نبهڙ ٽ سان ڏئه
لات چگي پيولئه ته سر كي ملين ثنائي چوي (۳).

ٽئين بيت جي پهرين چئن سٽن ۾ حق کي حاصل ڪرڻ لاءِ همیشه چگائي چوڻ جي تلقين ڪيل آهي. قرآن حڪيم جي آيه ڪريمه جي حوالي سان انتباه ڪيو ويو آهي ته پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي اهل وعيال کي ان باه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر هوندا.

آخري سٽ ۾ ثنائي صنعت ڪنايه جو استعمال ڪندي چگائي چوڻ واري عمل کي پڪين جي سهٽي لات لنوڙ سان تشبيه ڏئي ٿو. هن ۾ صرف تشبيه 'پڪي' آهي جنهن کي مبهم ڪيو ويو آهي.

---

(۱) قليچ بيگ مرزا 'سندي ويا ڪرڻ' پاڪو چوڻن، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء
[۲] قرآن حڪيم :، پاره ۵۸ - ۲۸، سورة 'التحريم'، رڪوع - ۱
(۳) ثنائي ثناءالله :، 'علمي بياض' تان

ثنائيءَ جي مثنوي مان صنعت، ڪنايه جو مثال ملاحظه ٿئي:

اسان جي عيبداريءَ ڏي نه ڏس توڙ
عنايت جا ابر، هر جاءِ وس توڙ[1]

هتي ربّ پاڪ جي ذات والا صفات کي 'عنايت جوابر' يا مُهرپريو ڪري ڪوٺيو ويو آهي. ڇالاءِتہ اهڙا پاڪ ذات تشبيه کان بالاءِ برتر آهي، تنهنڪري هتي جيان، جيئن، وانگر، جهڙو جا لفظ صرف تشبيه طور ڪم آڻي ٿا سگهن.

---

[1] ثنائي ثناءالله، 'محمود غزنوي عرف سچو عشق' ص ۱۳

صنعت کلام جامع

اهڑو شعر جيڪو نصيحت ۽ حڪمت سان پريل هجي. ۽ عام سان لاڳو هجي تہ ان کي 'صنعت ڪلام جامع' چئبو آهي (۱).

مرحوم ثنائيءَ جو شعر 'صنعت ڪلام جامع' سان بہ خوب سينگاريو ويو آهي. سندس ڪيترائي اهڑا شعر آهن، جيڪي ونهبي اندر وڏي معنيٰ جا موتي سمائين تا ۽ منجهن حڪمت ۽ نصيحت ڪتا پنڌ هان آهن. هتي ثنائيءَ جي غزل مان مثال پيش ڪجن تا.

مثل فرهون جي دنيا ڏسي چو دمن ٿي ساريين
نوڙ جا ٻيڙن گڏي دنيا، مٿو قارون حسرت سان (۲)

مٿيون سٽون نصيحت ۽ حڪمت سان پريل آهن. ثنائيءَ دولت جي پوڄاري انسان کي تنبيهہ ٿو ڪري تہ ڏس فرهون واڱر دولت گڏ ڪري گهمنڊ ۾ چو اچي ويو آهين! ڇا تو کي خبر نہ آهي تہ قارون دولت جا انبار گڏ ڪرڻ باوجود سوَ مصيبتون ڪٽي انهيءَ ٽئي دولت جي ڏاڳ ۾ دفن ٿيا ويو.

ثنائيءَ هتي فرهون جي رهوليت ۽ هٺ، ۽ ڏي قارون جي بي انتها خزانن جو ذڪر ڪندي نصيحت ٿو ڪري تہ دولت انسان ۾ وڏائيءَ ۽ تڪبّر پيدا ڪري ٿي. تنهنڪري دولت جي انهيءَ هاڪار حرص ۽ هوس کان جيترو پاسو ڪجي اوترو ويلو آهي.

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي، 'بحرالفصاحت'، لکنؤ، منشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۱۱۰۷

(۲) ثنائيءَ ثناءالله: 'قلمي بياض' تان

ثنائي جي هڪ ٻي ناصحانه غزل جون چار مصراعون هن ريت آهن،

لکين لشڪر هڻاجن وٽ، عجائب تخت هاتن وٽ
چڏي ياسي کٽ وڇي پياپٽ، جهان آخر فنا آهي
عجب انصاف جن ٿي ڪيا، پتو نا هي ته عاڦي ويا
وڃي سي خاڪ ۾ گڏيا، جهان آخر فنا آهي (۱)

ميٽن سٽن ۾ اهڙن شهنشاهن جو ذڪر آهي جيڪي وڏا انصاف جا صاحب سڏ ٻاهڻا، جن وٽ لکن جي تعداد ۾ لشڪر هئا، جيڪي طاؤسي تختن جا مالڪ هئا، پر آخر اهي سڀ جاه و حشم ڇڏي هڪ ڏينهن زمين جي پيٽ ۾ هليا ويا.

ثنائي اهڙن قيصر و ڪسريٰ جي والين ۽ حشمت ڏسين حاڪمن کي آخر ڏرتي جي سيني ۾ دفن ٿيندي ڏيکاري وقت انهائيت ٿوڪر ڪري ٿو هن بي بقا جهان ۾ ڪنهن کي به سدائين رهڻو ناهي. آڳ يا پوءِ هتان هر ڪنهن کي هلڻو آهي. تنهنڪري هن حياتيءَ واري مختصر وقت ۾ اهڙا عمل اختيار ڪجن جيڪي انسان لاءِ آخرت جو سامان بڻجي سگهن.

---

(۱) ثنائي ثناءالله، 'قلمي بياض'، تان

صنعت ترجمه

جڏهن کو شاعر هڪڙي ٻولي‌ءَ جي بيت يا مصرءَ جو ترجمو ڪنهن به ٻي ٻولي‌ءَ ۾ آڻي ته اهڙي صنعت کي صنعت ترجمه سڏيو ويندو آهي (۱).

ترجمو هڪ نازڪ ۽ مشڪل صنف آهي. چالاڪ ۽ تہ جهن ٻولي‌ءَ تان ترجمو ڪيو وڃي ٿو، ان ٻولي‌ءَ ۾ شاعر جيڪا ڳالهه جهن پيرايي ۾ بيان ٿو ڪري ۽ جيڪو تاثر پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تائين پهچائڻ چاهي ٿو ان کي ٻي‌ءَ ٻولي‌ءَ ۾ جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ سولو ڪم نه آهي.

مولانا ثنائيءَ جهن نازڪ ۽ مشڪل صنف سان به خوب ٻاڦايو آهي. ۽ سندس ڪلام ۾ صنعت ترجمه جي جهلڪ گهڻ ئي هنڌن تي نظر اچي ٿي. هتي سندس غزل ۽ مثنوي مان مثال پيش ڪجن ٿا. ثنائيءَ جي هڪ نعتيه غزل ۾ صنعت ترجمه جو استعمال ملاحظه ٿئي:

توانائي تو نگر آ ، خدا کان بعد اکبر آ	
خدا جو دوست دلبر آ ، ته ظاهر ۾ نهين آهي (۲)	

ثنائيءَ هن شعر ۾ فارسي زبان جي معروف شاعر مولانا جاميءَ جي مشهور آفاقي شعر 'بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر' جو ترجمو نهايت سليس ٻولي ۾ فقط اڌ مصرءَ جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي.

صنعت ترجمه جو غزل مان ئي هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو:

---

(۱) قليچ بيگ مرزا، 'سندي وياڪرڻ' پهرئين چوڻ، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء

(۲) ثنائي ثناءالله: 'قلمي بياض'، تان

| يقيناً يادڪر ڪُل مَن عَليهَا فَان[1]، رڪ تون من |
| دنيا جي دوستي پئي پن، جهان آخر فنا آهي | (۲)

ثنائيَ متين مصراعن ۾ ضعت ترجمه جو پورو پورو حق ادا ڪيو آهي. پهرين ست ۾ قرآن حڪيم جي آيت 'ڪل من عليها فان' جو سندي ترجمو ٻي ست جي آخر ۾ 'جهان آخر فنا آهي' لکي نهايت سليس ۽ عمدو ترجمو ڪيو آهي.

ثنائيَ جي مثنوي به ضعت ترجمه کان وانجهي نه آهي. مولانا رقمطراز آهي:

| نه جاهل گريزده چون تير باش - نيا ميخن شڪر شيرباش |
| جهالت کنان پچ تکو تير جيان - گذايل نه هج ڪنڊ ۾ ڪير جيان | (۳)

ثنائيَ مثنوي جي متين ستن ۾ شيخ سعدي رح جي 'ڪريما' مان ۾ ستون پيش ڪري اٿن جو سندي زبان ۾ منظوم سندي ترجمو ڪيو آهي. جيڪو ڪري فارسي نه ڄاڻندڙ ماڻهن لاءِ اٿن جو مطلب سمجهڻ آسان ٿي پيو آهي. ٻئي لفظن ۾ ستن جو مفهوم اهو ٻڌائي ٿو ته جاهلن جي صحبت کان تير جيان نيٺ ٻچي پاسو ڪجي ۽ اٿن جي ماحول ۾ ڪنڊ ۾ ڪير وانگر هڪ ڳنڍ ۾ رهي ملي نه وڃڻ گهرجي. اهو اياڻن جو ڪم آهي.

---

(۱) قرآن حڪيم: پاره - ۲۷، سورة: الرحمٰن، آيت - ۲۶

(۲) ثنائيَ ثناءالله: 'قلمي بياض'، تان

(۳) ثنائي ثناءالله: 'ملان ۽ موالي'

تشبيه مطلق

جڏهن ڪنهن هڪڙي شيءِ کي ڪنهن نه ڪنهن ٻي ٻيءَ شيءِ سان مشابهت ڏجي پر حرف تشبيه ظاهر يا بلڪل ڪم ۾ اچي، تہ ان کي تشبيه مطلق سڏبو آهي (۱)

مرحوم ثنائيءَ جي غزل مان تشبيه مطلق جو مثال پيش ڪجي ٿو:

ٻئي پروان ڏنگيون تن جون، ڪمان جي مثل آهن
تڪا پيڪان پنبيڻ جا، هٽن تا نام سان ناهي (۲)

غزل جي مٿين سٽن ۾ ثنائيءَ محبوب جي پروڻ جي تشبيه ڪمان سان ڏني آهي. جڏهن تہ پنبيڻ جي وارن کي تيرن سان تمثيل ڏني ٿو. چوڻ اهو ٿو چاهي تہ محبوب ٻنهنجي پروڻ جي ڪمان ۽ پنبيڻ جي تيرن سان ناهي ٿا عاشق جي دل جو نشانو وٺي ڪيس گهائل ڪري ٿو چڏي.

ثنائيءَ جي غزل مان هڪ وڌيڪ مثال ملاحظہ ٿئي:

وار تنهنجا مان ڏسي، خوش ٿي چيو منصور جيان
عاشقن جي لئہ اڏي آيار ڪاهي واہ واہ (۳)

هتي محبوب جي وارن کي سوريءَ سان تشبيه ڏني ويئي آهي. جڏهن تہ عاشق پاڻ کي منصور سڏي محشوق جي ان اڏيل کوڙ کوءَ ۾ قاسڙ جي هام ٿو پري،

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي 'بحر الفصاحت'، لکنؤ، منشي نول ڪشور، ۱۹۲۶ء، ص ۸۰۸
(۲) ثنائي ثناء الله 'قلمي بياض' تان
(۳) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

مرحوم ثنائيءَ جي مثنويءَ ۾ تشبيه مطلق جا گهڻائي مثال ملن ٿا. ملاحظه فرمايو:

ڀلا پاڪ الله جا جي رسول
اهي ڪين دڙڪن تي ٿيندا ملول
ڪندا ڪان ڪان ڪان پيا ڪيترا
ته شهباز جهندا نه تر جيترا
ڪندا ٽينهن کي چاهڙائين شغال
اجايو اونايون، اجايا اچال (۱).

مثنوي جي ميٽن سٽن جي ندرت اها آهي جو ثنائيءَ ٻن تشبيهن کي هڪ ئي وقت اختيار ڪيو آهي. خداوند ڪريم جي پاڪ پيغمبرن جي صفت ۽ ساراهه ڪندي ٻڌائي ٿو ته اهي دين جي دشمنن جي دڙڪن ڪان ڪڍهن به خوفزده ڪونه ٿيندا آهن. ۽ نه ئي وري سندن طبيعت تي ڪاماپو سبب ملال طاري ٿيندا آهن. انهن جو مثال شهبازن جهڙو آهي، جن جي اڳيان ڪيئي ڪانگ پيا لڙ لائيندا آهن، ته به شهبازن کي ڪا پرواه ئي ڪانه هوندي آهي. خدا جا اهي نيڪ بانها اهڙن ٽينهن وانگر آهن، جن جي چوڌاري هزارين گدڙ پيا اونايون ڪندا آهن ته به اهي ٽينهن جو ڪجهه به بگاڙي ڪونه سگهندا آهن.

مولانا جي مثنوي مان هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو:

عابدن کان گنهگارن لاءِ رحمت گهٽي
جيترا ڏوهي ته رحمت اوتري ڏينڊو ڏيڻ
جوڻو ميرو گهٽو تنهن تي گهٽو پاڻي پوي
رب جي بخشي ته ماڻهو ڪونه ڪوان کي چوي (۲)

(۱) ثنائي ثناءالله: 'شاهنامو شريف' ص ۲۱

(۲) ثنائي ثناءالله: 'تلسي بياض' تان

تشبيه العكس

جڏهن شاعر بن شين مان هڪڙي ۽ کي ٻي ۽ سان ۽ ورجي انهيءَ کي پهرين ۽ سان مقابل يا مشابه ڪري ڏيکاريندو آهي ، اهڙي تشبيه کي تشبيه العڪس' چئبو آهي (۱) .

مولانا ثنائيءَ جي ڪلام ۾ 'تشبيه العڪس' جو استعمال گهٽ ڪيل آهي ، پر هتي فقط سندس مولود ۽ مثنوي مان مثال پيش ڪجن ٿا .

ثنائيءَ جي مولود مان مثال ملاحظه ٿئي :

حسن ۾ همیشه یگانو آیوسف	
مگر مصطفیٰ سان مقابل نه ٿیندو	
حبیب خدا سان زلیخا جو دلبر	
شرافت شفاعت ۾ شامل نه ٿیندو	(۲) .

مٿين سٽن ۾ ثنائيءَ 'تشبيه العڪس' جو تمام سهڻو عڪس پيش ڪيو آهي . اول حضرت يوسفؑ جي حسن کي سارهيو اٿس . ان کانپوءِ ان کي نبي اڪرمؐ جن سان تشبيه ۾ آڻيندي ٻڌائي ٿو ته سردار انبياء جي حسن سان حضرت يوسفؑ جو حسن مقابل ۾ نٿو سگهي . سهڻي رسولؐ جي برتريءَ جو ٻيو مثال ڏيندي چوي ٿو ته حضرت يوسفؑ ته فقط زليخا جو دلبر هو ، پر محمد ڪريمؐ ته خدا جو حبيب آهي . شرافت ۽ شفاعت جي گٽ ۾ به محمدؐ جو رتبو اتاهون آهي

مرحوم ثنائيءَ جي مثنوي مان 'تشبيه العڪس' جو مثال ملاحظه ٿئي :

---

(۱) ڪليم بيگ مرزا ، 'سندي ويا ڪرڻ' ، پاڪو چوٽون ، حيدرآباد ، سندي ادبي بورڊ ، ۱۹۷۱ء

(۲) ثنائي ثناءالله : ، 'قلمي بيامن' ، تان

جئن سپ ۾ موتي هجن پيا هزار
مثل درّ، يڪتا نه ٽين نامدار
محمدؐ به يڪتا هو گوهر جميل
سندن سپ هئي هاجران اسماعيل (۱).

جهڙي ريت سپ جي سيني ۾ هزارين موتي سرجندا آهن، پر سڀ ۾ انمول موتي ڪوهڪ اڏئي نڪرندو آهي، پوءِ اڻڻ هزارن موتين جو قدر ۽ قيمت ان درّ يڪتا جيترو هرگز ڪونه هوندو آهي، اهڙي ريت محمد پاڪؐ جي هستي به گرانقدر ۽ انمول موتيءَ مثل آهي. ۽ جنهن سپ جي پيٽ پڙهن ۾ نسري اسري اهو درّ يڪتا روشن ٿيو، اهي به پڙهه حضرت بيبي هاجران ۽ حضرت اسماعيل هئا.

هتي رحمة للعالمين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ذات والاصفات جي تشبيه سپ جي سيني ۾ پيدا ٿيندڙ انمول موتيءَ سان ڏني ويئي آهي. ۽ري حضرت بيبي هاجران ۽ حضرت اسماعيلؑ جي تمثيل سپ جي پيٽ پڙهن سان ڏني آهي، جنهن جي سيني ۾ اهڙو بي بها موتي سرجندو آهي.

---

(۱) ثنائي ثناء الله: 'شاهنامو شريف' لاڙڪانو، حاجي گل محمد شيخ ۱۳۸۳ھ/ ص ۹۱

تشبيه الاضمار

هن کي باطني تشبيه به چئبو آهي . جڏهن هڪڙي شيءَ کي بي ءَ سان ظاهري طرح مشابه ڪجي ۽ انهيءَ کي عيب ڪڍ جي يا اعتراض آڻجي ، مگر باطني طرح ائين ڪرڻ مان تعريف جهڙو مدعا هجي تہ اهڙي تشبيه کي تشبيه الاضمار ، چئبو آهي (۱) .

مرحوم ثنائيءَ جي ڪلام ۾ 'تشبيه الاضمار' جا مثال به ملن ٿا . هتي سندس بيت مان مثال پيش ڪجي ٿو :

پير تہ پهرائڙ جهڙا ، پر اکيون جي نہ هجن ،
هلندي هوت پنهون ڏي ڪنڌ پرکيرائين ،
پير غلام اکين جا ، هر دم حڪم محين ،
هي منڌ ۾ محڪوم ٿي ، هن طرف هل چون ،
پسڙ ري پرين جي ، هي پيرپنڌ نہ ڪن ،
هي اوچيون رهن عرش تي ، هي ڌرتي تي ڏسجن ،
اکين ري عجيب ڏي ، هوند هرگز ڪين هلن ،
آکين جي احسان کي ، هو پيرا ڪين پڇن ،
ثنائيءَ کي سمجهن ، عاشق الهيءَ اسرار کي

(۲) .

مولانا ثنائيءَ جي بيت مان 'تشبيه الاضمار' جو هي ءُ

---

(۱) تليڀ بيگ مرزا 'سندي ويا ڪرڻ' ، چوٿون پاڪو ، حيدرآباد ، سندي ادبي بورڊ ، ۱۹۷۱ء ص ۱۶۲

(۲) ثنائيءَ ثناءالله : 'قلمي بياض' ، تان

هڪ بهترين مثال آهي.

بيت ۾ آڻين ۽ پيرن جوڏڪر ڪندي مولانا ثنائيءَ آڻين کي پيرن
تي فوقيت ڏني آهي. تاهم پيرن جي اهميت کان به انڪار ڪونه ٿو ڪري. بقول ثنائيءَ
جيڪڏهن آڻيون نه هجن ته محبوبن جهڙا ماڳ تي رسڻ کيڏو نه مشڪل ٿي پوي.
فقط پيرن ته طالب کي پنڌڻ پيچرن ۾ جهيڙ ڪنڊ ۽ ڪيڙائي رکن. پيرن به ته آڻين
جي ئي غلامي ڏين ٿا. آڻيون ئي صحيح معنا ۾ مشعل راه آهن، جيڪي مغز جي
حڪمراني ٿيون به قابض ٿيو وڃن. جيتائين آڻيون پيرن کي نيٽون پسن، تيستائين
پير به پنڌ ڪونه ٿا ڪن. ڇهين ست ۾ ثنائيءَ آڻين جي اهميت ۽ افاديت کي
اڃاگر ڪندي چوائي ٿو ته آڻين جي پهچ عرش تائين آهي. آڻين جا پيرن جي
مٿان اڻ ڳڻيا احسان آهن. عشق جي اڻهي ۽ اوڻهي اسرار کي ڪير عقلمند
انسان ئي پرهجي ۽ پروڙي سگهندا.

هتي باطني طور پيرن ۽ آڻين جي تشبيهه هن ريت ڏني
ويئي آهي. پنهي جو بنيادي عمل ساڳيو آهي يعني ٻئي پيرن تائين پهچڻ ۽ پسڻ جا متمني
آهن. بيت ۾ پيرن جي جيڪا عيب جوئي ڪئي ويئي آهي تنهن مان شاعر جي مراد تعريف
ڪرڻ ئي آهي. جنهنجو اظهار هو پهرين ست ۾ ئي 'پير ته پهرائڙ جهڙا' لفظ چئي
ڪري ٿو.

تجنيس تام

تام جي معنا ڪامل يا پورو آهي . شعر ۾ جڏهن به يا ٻن ڪان وڌيڪ لفظ اهڙا ڪم اچن جيڪي لکڻ خواه پڙهڻ ۾ بلڪل هڪ جهڙا هجن ، مگر معنا ۾ مختلف هجن (۱) .

مولانا ثنائيؒ جي ڪلام ۾ تجنيس تام جا بيشمار مثال ملن ٿا . هتي سندس مثنوي ، غزل ۽ بيت مان مثال ورتا ويا آهن .

سڀ کان اول مثنوي مان مثال ملاحظه ٿئي :

ثنائي محمدؐ جي ساراهه ڪر
وڃ بهشت جي لاءِ ساراهه ڪر (۲)

ٻئين سٽ ۾ لفظ 'ساراهه' ٻه ڀيرا استعمال ڪيو ويو آهي . پهرين 'ساراهه' جي معنا 'واکاڻ' يا 'تعريف' آهي . ٻيو ڀيرو 'ساراهه' مان مراد 'اهاوات' يا 'اهورستو' آهي .

مولانا ثنائيؒ جي مثنوي مان ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو :

اهاپاڪ ٻيبي هئي پارسا
تري بهر اونهو پئي پارسا (۳)

پهرين پارسا جي معنا 'پاڪ' 'پاڪيزه' يا 'بي گناه' آهي . جڏهن ته ٻيو ڀيرو 'پارسا' جو مطلب 'اهاوڃي پار پهتي' 'اهااڪري ويئي'

---

(۱) محمد نجم الغني مولوي 'بحر الفصاحت' لکنؤ ، منشي نول ڪشور ، ۱۹۲۶ء ، ص ۸۹۴

(۲) ثنائي ثناء الله : 'اعتقاد نامو' ص ۳۱

(۳) ثنائي ثناء الله : 'شاهنامه اسلام' 'قلمي بياض' ص ۳۲

'اها تري ويئي' يا 'اها وڃي ڪنڊي ۽ پيٺري تي' آهي.

هتي ثنائيءَ جو اشارو ان واقعي ڏانهن آهي، جڏهن ام المومنين حضرت عائشه صديقه رضه جي پارسائيءَ بابت خداوند تعالىٰ طرفان آيت مقدس جو نزول ٿيو ۽ مٽائس بهتان جا بادل هٽي ويا. تڏهن پاڪ بيبي گويا غمن ۽ گوندرن جي گهري بحر کي اکري وڃي پار پهتي.

مولانا ثنائيءَ جي مثنويءَ مان تجنيس تام جو هڪ وڌيڪ دلچسپ ۽ مزيدار مثال پيش ڪجي ٿو:

هٿس گرچه مينهون گهٽون بي شمار
ڇوڪيرِ جو پر نه پٽو هو يار
جوئر، دال، گهاٽي لسي ۽ بهر
سکو ساڳ سنڀهي، هڪڙ ڪان ڪٺر
پَلِي ڪان پَلِيا پاڙ، ڪائي پَلِي
تہ آکي انهي ڪُجي پَلِيءَ تي پَلِي (۱)

هيءَ تجنيس تام جو بهترين مثال آهي. هتي مثنوي جي پنجين ست ۾ 'پَلِي' ۽ پيرا استعمال ٿيو آهي. جنهن مان پهرين 'پلي' جي معنا 'پلي جي ڇڻي' آهي ۽ ٻيو پيرو 'پَلِي' جو مطلب 'پاڙ کي پلي'، پنهنجي مٽان قابض ڪي، يا 'خواهش کي ختم ڪري' آهي. اٺين ۽ ريت ساڳي ست جي آخر ۾ ۽ ڇهين ست ۾ ڪل ٿي پيرا 'پَلِي' جو لفظ ڪم آندو ويو آهي. جنهن مان پهريان ۾ پيرا 'پَلِي' جو لفظ 'مٽڻ يا ڇڏڻ جي پَلِي آهي. جڏهن تہ آخر ۾ استعمال ڪيل 'پَلِي' جي معنا 'پلجي پيئي' آهي.

(۱) ثنائي ثناء الله :: 'ترجمي نويسي'

پس منظر : ثنائي جي ڪتاب 'تحڪي توپي' جو هڪ ڪردار وڏيرو علي خان آهي. جنهن وٽ سڀ ڪجهه هوندي به 'ڪين جو ڪُنو آهي'. الله ڪيس ڪجهه نصيب ئي ڪونه ڪيو آهي. پين لفظن ۾ ته هو هوندي سوندي سڪتو آهي . مٿين مثنوي جي ستن ۾ سندس ڪنجوسيءَ جو مثال پيش ڪيو ويو آهي. وڏيري ملڪي چوس وٽ ماهيو توڙي گاؤمال به جام آهي. پرهن ڏڻهن پنهنجي چپن ڪي ڪيرا جي چسي به کائه چڪائي آهي. جوئر جي مانيءَ ، دال ، گهانٽي لسيءَ ۽ بصر سندس من پسند خوراڪ هئي . وڏيري ڪي سڪي سڄاڻ مان ڪڙڪ ڪان وڌ لذت ايندي هئي. پلي جهڙي هنڌ ، لڏيڏ ۽ مٽالي ميءَ ڪان پاڻ پلي چڏيو هئائين . بلڪ پاڻ سان گڏ ناڪاره گاهن جي سڙ سموري آڪ ڪي به پئي ڪاتايائين. هن سورهن پائين ڪي پلي پڃاڻ پلي ۽ تي پئي پاليو. اها ڪنجوسيءَ جي انتهائي حد آهي .

ثنائي جي غزل ۾ تجنيس تام جو استعمال تمام گهٽ تيل آهي .

محبوب جي حسن جي تعريف غزل جي وصف ۾ شامل آهي . ثنائي جي غزل ۾ هي عنصر غالب نظر اچي ٿو. هيٺ هڪ غزل جو مطلع ڏجي ٿو . جنهن ۾ حسن جي واکاڻ سان گڏ گڏ تجنيس تام جو استعمال ڪيڏي نه حرفت سان ڪيل آهي . ملاحظو ٿيو:

ڏنم پري رُو گلاب جهڙو ، هٿن تي معمندي ڪنن ۾ والا
چيم چمي ڏي چيئين ته هاها ، هتوڻ هليو وڃ ڪين نه هاها (۱)

پري پيڪر گلابي چهري واري محبوب تي عاشق جي نظر پوي ٿي . جنهن جي هٿن تي سينديءَ جي لالاڻ آهي ۽ سڌس ڪن ۾ گول

۱، ثنائي ثناءالله ، 'قلمي بياض' تان

والا جهڪي رهيا آهن. هو ديوانو محبوب کان محبوبي منهن تي بوسو ڏيڻ جي تمنا جو اظهار ڪري ٿو. جواب ۾ سندس محبوب هڪ پير وهاڪار ڪري ٿو پر ٻيو شايد آسپاس جي ماحول کي نظر ۾ رکي اڻهيءَ خوشي جي پيش نظر نه متان منجهي عاشق صادق کي ظالم سماج کو نقصان نه رسائي هوڪيس اتان هليو وڃ جو حڪم ڏئي ٿو.

هتي ٻي ست ۾ ٻهريون دفعو 'هاها' مان مراد 'اقرار' يا 'هاڪار' آهي. جڏهن ته ست جي آخر ۾ آيل 'هاها' جو مطلب 'مار موچڙو' يا 'بي عزتي' آهي.

مولانا ثنائيءَ جي بيت ۾ تجنيس تام جو استعمال عام نظر اچي ٿو.

هڪ بيت جون سٽون ملاحظه فرمايو:

جي تون گهرين ته مولا ملي ته شهرت لاءِ نه مَرُ
پاڻ تي ناموس جي، موڪلا لاءِ نه مَرُ (۱)

مٿي ٻه پيرا 'مَرُ' جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پهرين 'مَرُ' جي معنيٰ 'مرڻ' آهي. جڏهن ته ٻي 'مَرُ' ڪي 'ميرُ' جي مفهوم ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

تجنيس تام جو هڪ مزيد مثال پيش ڪجي ٿو:

غفلت جا ڪيئن ڪَنَ مان ٻوڙا
دل سان لاءِ نصيحت ٻوڙا (۲)

سٽين سٽن ۾ 'ٻوڙا' جو لفظ ٻه پيرا استعمال ڪيو ويو آهي.

---

(۱) ثنائي ثناءالله :، 'قلمي بياض' تان

(۲) ثنائي ثناءالله :، 'مجاز ثنائي' لاڙڪاڻو

تجنيس تام جو هڪ نهايت عمدو مثال ملاحظه شئي:

ثنائي ثناگر، ثناگر ڪري
ست ئي فلڪ سارا پناگر ڪري
حشر تائين ثنائون چيون پيو چوي
تڏهن ٿي پتي ڪانه پوري پوي (۱).

هتي پهرين سٽ ۾ گڏ وگڏ ٻه ڀيرا 'ثناگر' جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن مان پهرين 'ثناگر' جي معنى ثنائي، يا ساراه ڪندڙ آهي. جڏهن ته ٻيو ڀيرو 'ثناگر' مان مراد 'جيڪڏهن تعريف يا ثنا ڪري' آهي. ڏاڍو وڃي ته ثنائي پنهنجي تخلص جي معنى ڪي نهايت انوکي انداز ۾ استعمال ڪيو آهي. معنى ۽ مطلب جي لحاظ کان به عقيدت ۾ ٻڏل لفظن ۾ رب جي ساراه ڪئي ويئي آهي. ثنائي سڄي ئي آسمان کي پنا ٻڌائي حشر تائين رب جي حمد وثنا لکڻ ۾ به اها هام نٿو هڻي ته کو رب جي ساراه جو حق ايئن ادا ڪري سگهندو، بلڪ سندس اهو ايمان آهي ته جيڪڏهن اهو ممڪن ٻڌي ته به ساراه جي پتي به پوري ڪري ڪانه سگهبي.

هڪ مزيد مثال پيش ڪجي ٿو:

ڪاف ڪڏي لک تسبيون سوڙين - دل ۾ پيا پياڪيا توڙين
ڪين اندر جي جنگ کي چوڙين - دل سان نوڙن الله کي اوڙين
ڏيکو ڪندءِ ڏمي ڏيکاروَ - ڏيکاري تي ڏيکاروَ (۲)

هتي آخري ٻن سٽن ۾ 'ڏيکاروَ' جو لفظ هڪ ڀيرو 'پاڻ ڀائڻ' يا 'غرور ڪرڻ' آهي. جڏهن ته ٻيو ڀيرو 'ڏيکڙ' 'بندڪرڻ' يا 'ختر ڪرڻ' جي معنى ۾ آيو آهي.

(۱) ثنائي ثناءالله: 'قصو دلفريب'، قلمي بياض، ۱۹۱۷ء ص ۲
(۲) ثنائي ثناءالله: 'قلمي بياض'، تان

تجنيس حرفي

شعر ۾ جڏهن هڪ کان وڌيڪ اهڙا لفظ اڇن جنجو پهريون حرف ساڳيو هجي ۽ اهي هڪ ٻئي لفظ هڪ ٻئي جي ڪي ايڏا هجن جو اهڙي ترتيب کي 'تجنيس حرفي' چئبو آهي (۱)

مرحوم ثناء الله ثنائي جي شاعري ۾ تجنيس حرفي جا ڪيئي مثال ملن ٿا. هتي مثنوي، نعت، مدح، ڪافي ۽ بيت مان اهڙا مثال ڪيا ويا آهن. مثنوي جو مثال ملاحظ ٿئي:

بشارت بشر کي آ بخشي بشير
آن مسجود ملڪن جو نامياڪ نذير (۲)

پهرين ست ۾ 'تجنيس حرفي' جو بشارت، بشر، بخشي، بشير ۾ سمورا لفظ حرف 'ب' سان شروع ٿين ٿا ۽ انهن جي پڙهڻ ۾ روانيءَ کان علاوه هڪ شاندار لئي ۽ ترنم پڻ سمايل نظر اچي ٿو.

مرحوم ثنائي جي نعت مان 'تجنيس حرفي' جو هڪ مثال ڏجي ٿو:

ڪرم ڪاد دادوارا، ڏي دائما دلاسو
مرڪاءِ مور مرسل مالڪ مدام مارا (۳)

ٻنهي ٻن ستن مان آخري ست مان 'تجنيس حرفي' ظاهر آهي. جنهن ۾ حرف ميم (م) جو تڪرار آهي. ساري ست ۾ هڪ ٻئي جي ڪي اهڙا الفاظ آيل آهن، جيڪي حرف 'م' سان شروع ٿين ٿا. انهن مان هر هڪ

---

(۱) سنديلو عبد الڪريم 'علم بديع' چاپوتيون، لاڙڪاڻو، قادريه پريس، ۱۹۶۵ء، ص ۱۸
(۲) ثنائي ثناء الله: 'اعتقادنامو' ص ۳۵
(۳) ـــــ ايضاً ـــــ 'ديوان نعتيه ثنائي' ص ۴

لفظ پنهنجي اندر معنيٰ رکي ٿو.

مرحوم ثنائيءَ جي مدح ۾ تجنيس حرفيءَ جا هيٺيءَ مثال ملن ٿا.

هيٺ هڪڙو مثال ملاحظه ٿئي:

تون رسول الله ختم المرسلين - تون خدا جو خاص پيارو ۽ امين
تون خدا سان منهنجو مرجي همنشين - تون شوروتون نرمل تارين
يارسول الله عربي الغياث (۱)

هتي چوٿين سٽ ۾ 'شوروتون نرمل تارين' جا لفظ 'تجنيس حرفي' طور ڪم آندا ويا آهن. جن ۾ صرف نُونَ 'ن' جو ورجاءُ آهي. سموريا لفظ بامعنيٰ ۽ موقعي محل جي مناسبت سان رکيا ويا آهن. جنهن ڪري سورين سٽ ۾ حسن پيدا ٿيو آهي.

ميان ثنائيءَ جون ڪافيون به تجنيس حرفيءَ ڪان واجهيل ڪونه آهن. هتي سندس ڪافيءَ مان هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

ويچ وطن ٿي وڃ واري وات ويو آهي وٺي
وحدهٗ واحد وجودي، وهم جي ڇڏ تون ونگار (۲)

ٽيئون ۽ ستون تجنيس حرفيءَ جو بهترين مثال آهن.

هتي 'و' جو ڪرار آهي، جنهن سبب شعر جي سٽ ۾ روانيءَ سلاست اچي ويئي آهي.

مرحوم ثنائيءَ جي بيٽ ۾ به 'تجنيس حرفي' جو رنگ نظر اچي ٿو.

مثال طور هي بيت ملاحظه فرمايو، جنهن ۾ تجنيس حرفيءَ جو پورو عڪس آڏو اچي ٿو:

(۱) ثنائي ثناءالله: 'اشعار ثنائي'

(۲) ايضاً ——— 'قلمي بياض'

جي تون گهرين ته مولا ملي ته رهه توکل ساڻ
وما من دابة في الارض الا علي الله رزقها، ڇاڻ اهو تون ڇاڻ [۱]
پاڻ وڃائي پاڻهيجو ، پنهنجو پرو ترڃ پاڻ (۲)

هتي بيت جي ٽئن ست ۾ حرف 'پ' جو ٽڪرار
رکي 'من عرف نفسه فقد عرف ربه' جي نڪتي کي نروار هيو ويو آهي.

ثنائي جي بيت مان 'تجنيس حرفي' جو هڪ وڌيڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

جي تون گهرين ته مولا ملي ، ته ڪر يڪدل ياور ياد
ڪر ڪار حوالي رب جي ، جنهن داور سڀڪنهن داد (۳)

ٽئن ست ۾ حرف 'ي' جو ورجاءُ ڪيو ويو آهي.

يڪدل ، ياور ، ياد جا لفظ بيت جي خوبصورتيءَ مفهوم کي چٽو ڪري
ٻڌائين ٿا.

---

[۱] قرآن حڪيم : پاره ۱۲ ، سورة هود ، رکوع ۱

(۲) ثنائي ثناءالله : 'قلمي بياض'

(۳) ـــــــ ايضاً ـــــــ

تجنيس زائد

جڏهن به لفظ هڪ جنس جا حرف ۽ حرڪتن ۾ هڪ جهڙا هجن، مگر هڪڙي ۾ ٻي کان هڪ حرف زياده هجي، پوءِ اهو منڊ ۾ يا وچ ۾ توڙي پڇاڙيءَ ۾ هجي. اهڙي 'تجنيس زائد' چئبو آهي (۱).

مولانا ثناءالله ثنائيءَ جي ڪلام ۾ 'تجنيس زائد' جا مثال ملن ٿا. هتي سندس مثنويءَ مان مثال پيش ڪجي ٿو:

جنهن وقت سلمان ٿيو مسلمان
يهوديءَ جي دل ۾ لڳو اچڻ ته ڪاڻ
اچي ان متي ويو محمدؐ جو ميم
ٿيو همراهه هن جو محمد ڪريم (۲).

هتي پهرين ست ۾ 'تجنيس زائد' جو استعمال ڪيل آهي. لفظ 'سلمان' کان 'مسلمان' ۾ هڪ حرف زياده آهي. ثنائيءَ باقي سٽ ۾ به حرف ڪان ڪم ورتو آهي جيڪو بذات خود جامع ڪلام جو بهترين نمونو ٻڌجي پيو آهي. 'سلمان' جي نالي اڳيان سينَ (س) جي مٿان محمدؐ جو ميمُ (م) اچڻ مان مراد سلمان جو مسلمان ٿڻ آهي. پوءِ سلامتيءَ ۾ اچڻ بعد محمد ڪريمؐ سندس حامي ۽ همراهه ٻڌجي پيو. هتي سلمان فارسيءَ جي مسلمان ٿيڻ واري واقعي ڏانهن اشارو ڪيو آهي. هن عظيم انسان جي دين قبولڻ سبب يهودين جي دل ۾ گويا ڪاڻ لڳي ويو هجي.

---

(۱) خليفو بيگ مرزا 'سندي ويا ڪرڻ'، پاڪو چوڻن، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء، ص ۱۱۲
(۲) ثنائي ثناءالله : 'هجرت نامو'، قلمي بياض، ص ۷۹

تجنيس ناقص

'ناقص' جي معنا 'اٽورو' يا 'نامڪمل' آهي . شعر ۾ جڏهن به يا بن کان وڌيڪ اهڙا لفظ هڪ اچڻ جيڪي لکڻ ۾ ته هڪ جهڙا هجن، ليکن صرف جي حرڪت يعني زير زبر پيش يا حرف علت ۾ مختلف هجن ته اهڙي تجنيس کي 'تجنيس ناقص' چئبو آهي (۱) .

مرحوم ثنائي جي ڪلام ۾ 'تجنيس ناقص' جا اڪيچار مثال ملن ٿا . هيٺ سندس ڪلام جي مختلف صنفن مان ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا .

ثنائي پنهنجي هڪ مداح جي ستن ۾ رقمطراز آهي :

ٿي هلي هيڏي اسانجي تار ۾ آ تار تون	
وڃجهو ورائي مون نه چاٽان سرت ڏي سيکار تون	
زور ويڙي آهي هيٺي ، لهر هيٺي تار تون	
گرهاب جي گڙ گاٽ جوڏڪ ڪين ڏي ڪار تون	
واڳ واڳون وير وارا ، وير واڳون وار تون	(۲) الخ . . . .

مٿين ست ۾ ٻيرا 'تار' جو لفظ ڪم آندو ويو آهي جنهن پهرين 'تار' (ر ي تي زبر) جي معنا 'سير' آهي . جڏهن ته ساڳيي ست ۾ ٻيو ٻير و 'تار' (ر ي تي زير) 'تار ٽ' يا 'ٻڌڻ ڪان بچائڻ' جي لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي . اهڙي ريت آخري ست ۾ پهريون ٻير و 'وير' (واءِ ۾ ر ي تي زبر) جو لفظ 'دشمني' جي معنا ۾ ٻيو دفعو 'وير' (واءِ تي زير

(۱) تليم بيگ مرزا 'سندي وياڪرڻ' پاڪو چوڪ ، حيدرآباد ، سندي ادبي بورڊ ، ۱۹۷۱ع ص ۱۱۰

(۲) ثنائي ثناء الله : 'تلمي بياض تان'

ڀري تي زبر) بهادر لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي .

هيءُ ناتجربيڪار ناڪئن جي ٻيڙي سير ۾ اچي ويئي آهي. ناتجربيڪاريءَ سبب ونجهلائڙ جي همت نٿو ساري سگهي. ويري واڪن جي خوف ويٺو سندس موصلا خطا ڪري ڇڏيا آهن . اهڙي مشڪل وقت هو هيٺ جي همراهه ۾ اوجهن جي آسري ٻيڙي ڪ جن کي ساري ۾ پکاري ٿوته اچي ساڻس سيج ۾ ساڻي ٿئي ۽ سندس مشڪل ۾ مددگاري ڪري .

هيٺ مولانا ثنائيَ جي مثنويءَ مان ڪجهه شال ڏجن ٿا :

اسان سان لڙي جو لڙي سو وڃي	
ڏئي باهه جيڪو ساڙي سو وڃي	(۱) .

مثنوي جي مٿين ٻن سٽن ۾ لفظ لڙي ٻه ڀيرا استعمال ٿيل آهي . البته اعرابن جي فرق سبب انهن جي معنا مختلف آهي . پهرين 'لڙي' ۾ لام تي زبر (لَ) ۽ ڙي تي به زبر (ڙَ) يعني ساڪن يعني 'لڙَي' جنهن جي معنا آهي 'وڙهي' 'ٽڪرائي' مقابلي ۾ اچي' ۽ ٻيو ٻيهر 'لڙي' جنهن ۾ لام تي زبر (لَ) ۽ ڙي ڪي زير (ڙِ) ۽ يي ساڪن يعني 'لڙِي' جي معنا 'ڇڏي وڃ'، 'ڇڏي وڃڻ'، 'پسپا ٿيڻ' آهي. مولانا ثنائيَ مسلمان مجاهدن جي جرئت، جانبازي ۽ ايماني جذبي جي تعريف ڪندي ٻڌائي ٿو ته انهن جي ڪاري ضرب جي مقابلي ڪو به دشمن بيهي ڪونه سگهندو آهي . بلڪ هميشه پسپا ٿي پوئتي هٽندو آهي .

(۱) ثنائي ثناءالله : 'شاهنامه اسلام' ص ۷۸

ثنائيَ جي مٿوي مان ٻيو مثال ملاحظہ ٿئي :

نہ توحيد صلوٰة رهيءَ پَولُ پَولِ
بہ و بحث آهڙ تہ اڙڻيءَ جواول (۱)

هتي 'پول' جو لفظ ٻہ ٻيرا آيو آهي. پهرين 'پول' ۾ لام جي مٿان پيش (لُ) آهي (پَولُ) جنهنجي معنا آهي گفتگو يا ذڪر، ٻيو دفعو 'پول' جي لام جي هيٺان زير (لِ) آهي يعني پَولِ، جنهن جو مطلب آهي 'ڪالهاءِ' 'اڳاڙ' 'ڇڏ'.

مرحوم ثنائيَ پنهنجي ڪتاب 'اعتقاد نامو' ۾ واحد جي واکاڻ ۾ صلوٰة سگوريءَ جي حڪمت ۽ برڪت جو ذڪر ڪيو آهي. اڄائين بحث کي اڙڻيءَ جواول ڪري ڪوليو آهي.

حرص حرام جي توکي مُٺو
مَٺو پاڻ، نہ پائنج مِٺو (۲).

ٻنهين سٽن ۾ 'مٺو' تي ٻيرا استعمال ڪيو ويو آهي. ٻنهي لفظن جي صورتخطي سڀڪي آهي پر معنا جدا آهي. پهرين 'مٺو' ۾ ميم کي پيش (مُ) آهي جنهن جي معنا ڇيهو رسائڻ آهي. پر جڏن تہ حرام جي حرص سبب ماڻهوءَ کي انهيءَ نقصان جو احساس کونہ ٿيندو آهي، جنهنڪري اڃ کي برو ونہ پائيندو آهي. سو ٻيو ٻيرا 'مٺو' ۾ ميم تي زير (مَ) آهي، جنهن جي معنا برو جي آهي. ٽيوڻ دفعو 'مٺو' پسنديدگي يا وڻڻ واري معنا ۾ آهي. جنهن ۾ ميم جي هيٺان زير آهي. لهڙ ٻنهي جو تلفظ اعراب ڏيڻ بعد مُٺو، مَٺو ۽ مِٺو ٿيندو.

(۱) ثنائيَ ثناءالله ، 'اعتقاد نامو'
(۲) — ايضاً — 'قلمي بياض'

تجنيس ناقص جو هڪ مزيد مثال ملاحظ ٿئي :

نَارَ ٿي ناري ۽ دکائي نَارِ هئي
نارَ وٽ هئي نَارِ بيٺي نا ٻيو (۱)

مٿيون مصراعون تجنيس ناقص جو هڪ عمدو نمونو آهن. جن ۾ لفظ 'نار' جو تڪرار ڪيو ويو آهي. اعرابن جي مٽ سٽ سان لفظ جي معنا هن ريت منجهي وڃي ٿي. پهرين 'نار' ۾ ري جي مٿان زبر (رَ) آهي يعني 'نَارَ' جنهنجو مطلب 'کوه جو نار' آهي. ٻي 'نار' جي ري جي هيٺان زير (رِ) آهي جنهن جي معنا 'باهه' آهي. اهڙي ريت ٻي ۽ ٽئين پهرين 'نار' کوه واري نار جي معنا ۾ آهي. جڏهن ته ٻي 'نار' مان مراد 'عورت' آهي. جنهن جي ري جي هيٺان وري به زير (رِ) آهي. هاڻي ٻنهي سٽن ملائڻ سان مطلب هن ريت نڪري ٿو

هاري ۽ کوه جي نار تي باهه دکائي هئي ۽
انهي ۽ نار جي پر سان هڪ عورت ٻيٺي
ٻيٺي هئي کو ٻيو کونه هو .

(۱) ثنائي ثناء الله ، 'قلمي بياض'

حسن مطلع

غزل جي پهرين بند سٽن کي 'مطلع' سڏيو ويندو آهي.
جڏهن کنهن غزل جون اهي ٻه سٽون بيهڪ توڙي معنيٰ ۽ مطلب جي لحاظ
کان سهڻون جوڙيل هونديون آهن تہ انهن کي 'حسن مطلع' سڏيو ويندو آهي (۱)
مرحوم ثنائيءَ جي ڪلام ۾ غزل جي صنف خاص اهميت
رکي ٿي. سندس غزل جي مطلع وارن مصرعن ۾ وڏي ڪشش سمايل آهي.
غزل جي مطلع جو حسن پوري غزل جي مضمون تي اثر انداز ٿيندو آهي. چالاءِ
گهڻ وقت غزل جو مطلع بار بار ورجايو ويندو آهي. هيٺ مرحوم ثنائيءَ جي
هڪڙي خوبصورت غزل جو مطلع پيش ڪجي ٿو:

جڏهن هوندو، ايئن ٿيندو، اجايو غم ڪرڻ آهي
سري ڏي يار کي لاهي، اڳي پويي مرڻ آهي (۲)

هتن سٽن ۾ ثنائيءَ عاشق کي بيباڪيءَ سان موت
کان بيخوفيءَ جو سبق ڏنو آهي. هو ڪيس قربانيءَ قريب جي قدمن ۾ سري لاهي
رکڻ جي ترغيب ڏئي ٿو. ان لاءِ دليل اهو ڏئي تہ چالاءِ تہ اڳي يا پوءِ مرڻو
ضرور آهي. تنهنڪري چونہ يار کي سر ڏئي سندس آڏو سرخرو ٿجي.

---

(۱) قليچ بيگ مرزا، 'سندي ويا ڪرڻ' پاڻ چونڊون، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء
(۲) ثنائي ثناءالله :، 'قلمي بياض' تان

حسن مقطع

غزل جي آخري بن ستن کي 'مقطع' چيو ويندو آهي. جڏهن ڪنهن غزل جون اهي آخري ٻه ستون معنا توڙي مطلب يا سٻاڻ جي لحاظ کان پرڪشش هوندا يون آهن ته انهن کي 'حسن مقطع' سڏيو ويندو آهي. جڏ ته هنن ستن ۾ شاعر پنهنجو تخلص آڻيندو آهي، تنهنڪري انهن ستن کي 'حسن تخلص' به چيو ويندو آهي (۱).

مرحوم ثنائيءَ جي غزلن جا مقطع نهايت سهڻا ۽ پرڪشش آهن. ملاحظه فرمايو:

حبيب جي دَرِ پيا وڪامن، بنا تنهن جي سدا ثنائي
فقير ڪيئي، فقيه ڪيئي، اميرڪيئي، نواب ڪيئي (۲).

ثنائيءَ جي غزل جون ٻئون آخري ٻه ستون حُسن مقطع جو بيمثال نمونو آهن. حبيب جي دَر جي غلاميءَ ڏيڻ واري جو ته ڪوبه ڪونهي. هتي حبيب مان مراد نبي اڪرم جن جي ذات گرامي آهي. انهيءَ مقدس باب جي سلامي پيرڻ ۽ غلاميءَ ڏيڻ لاءِ ڪيئي الله لوڪ ۽ ابدال، قطب ۽ قلندر، فاضل ۽ فقيه، امير توڙي فقير بنا تنهن جي وڪاڻ وڃڻ کي پنهنجي لاءِ عظيم سعادت تصور ڪندا آهن.

---

(۱) قليچ بيگ مرزا 'سندي ويا ڪرڻ' پاڪو چوڻن، حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء

(۲) ثنائي ثناءالله: 'قلمي بياض' تان

(ب) فکري پهلو

(ا) مذهبي شاعري

تعارف

سنڌي شاعريءَ جون ڪيتريون صنفون اسانجي دين اسلام جي تاريخ تعليم ۽ آدرشي انسان سان منسوب ٿيل آهن. جن ۾ مولود، مدح، مناجات، خطبا ۽ ٻيا ڪيريون شامل آهن. اسانجي ڪيترن شاعرن انهن صنفن کان سواءِ نج ادبي صنفن جي حوالي سان پڻ مذهبي محبت ۽ خدمت جو اظهار ڪيو آهي. مولانا ثناءالله ثنائيؒ بنيادي طور تي مذهبي انسان هو، ان کري سندس شاعريءَ ۾ مذهبي رنگ نمايان طور تي نظر اچي ٿو. هن هيٺ سندس اٺري شاعريءَ جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

توحيد

هر ڪنهن مسلمان جو ايمان اڌيءَ وقت تائين ڪامل ۽ مڪمل نٿو ٿئي، جيستائين هو پنهنجي دل ۽ زبان سان خدا جي هيڪرائي، ملائڪن، سگورن، الهامي ڪتابن، پيارن پيغمبرن، تقدير، خير ۽ شر، توڙي قيامت جي ڏينهن کي قبول نٿو ڪري. مولانا ثنائيؒ ايمان جي انهن سمورن جزن تي تفصيل سان روشني وڌي آهي. هوسيءَ جي صاحب رب ستار جي وجود جي ڀيتا هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

پالو ٻيڙو خدا ڪي تو سنڀالي	پالي توڙي ٻيري ڪي پاڻ پالي
اهو مالڪ اهو خالق خدا آ	اهو رحم اهو رازق خدا آ
اهو قادر اهو رحمان آهي	سلاطين سند و سلطان آهي
اهو هادي اهو قيوم داناء	اهو صانع، صمد، رافع توانا
اهو تو ڏيهه ساري ڪي هلائي	اٿاري ۽ ويهاري ۽ چلائي
اسان دانهين ڏٺي آداد ڪارو	اسان ڪيو اهو امداد وارو
اسان غمگين ۽ هو غم ڪيندڙ	اسان گمراه ۽ هو آڳ ڏيندڙ

(۱).

(۱) ثنائي ثناءالله: "علمي بياض"

رب پاڪ جي انهيءَ حيثيت کي قبول ڪرڻ کانپوءِ هو پنهنجي

بندي هجڻ جو حق هن ريت ادا ڪري ٿو:

ملڻ گند وگڏ هن کنان آهيان صفا انسان ڪر
احسان تنهنجا کيترا آهن ايان احسان ڪر
ڪلَ نه موتکي کا پوي تي انت تنهنجي جي الله
دين دنيا ۾ ثنائيءَ جو سڌ وسامان ڪر (۱).

ثناءالله ثنائيءَ فقط پاڻ لاءِ يا فقط پنهنجي دور جو

شاعر نه هو، پر هو انسان ۽ انسانيت جو شاعر هو ۽ دين اسلام جو مبلّغ هو. انهي ڪري

هو انسان کي اهو ڳچ ڏسي ٿو جنهن سان هو ڌڻي تعالىٰ جي ڏَر تائين رسي سگهي ٿو:

انسان جا صوفي ۽ مذهبي شاعر بندي ۽ خدا جي مقدس رشتي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ

لاءِ ذهني انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن. ۽ ان سلسلي ۾ سندن شاعريءَ

جو سرچشمو قرآن ۽ حديث رهيو آهي. رب پاڪ پنهنجي مقدّس ڪلام ۾ 'فاذڪروني

اذڪرڪم' جي سٽ راهه ڏسي آهي. جنهن کي انسان جي شاعرن وَر وَر ڏيئي

پئي انسان کي ان طرف رجوع ڪيو آهي. ثنائيءَ به ساڳي تند تنوار ي ٿو:

جي تون گهرين مولا ملي ته ذڪر ڪر ضرور
ظاهر باطن ذڪر سان ميان ڪر محمور
فاذڪروني اذڪرڪم [۲] حاصل ٿئي حضور
هر گهڙي هڪ يار سان، ته ٿيئن نشور و نور
رڳ سيني اندر سور، ته سَڪ کي ملين ثنائيءَ چوي (۳).

ميٽ بيت ۾ مرحوم ثنائيءَ سچي سڪ رکڻ واري سالڪ کي

ذڪر الاهي لاءِ زور پريو آهي، ذڪر مان مراد يادگيري آهي.

---

(۱) ثنائي ثناءالله : ' قلمي بياض ' تان

[۲] قرآن حڪيم : پارو ۲ - ۲۰ ، سورو ۲ - البقرة ، رڪوع - ۱۸

(۳) ثنائي ثناءالله : ' قلمي بياض ' تان

ثناءالله ثنائيءَ خداءَ بابڻهي جي رشتي کي توحيد جي بنياد تي جوڙڻ گهري ٿو. ۽ اهوئي ته اسلامي تاريخ جو اصلي روح آهي. جئن بندو واڙ ڳڻن خدائن کان نجات پائي خدا جي خليفي هڻڻ جي حيثيت ۾ ڪنڊءَ ڪرڻي واحد حقيقي سان رشتو ۽ رابطو قائم ڪري، ڏٺي تعالىٰ پنهنجي بندن تي احسان فرمائيندي پاڻ ڪلام پاڪ ۾ توحيد جي مسئلي تي روشني وجهڻ فرمائي آهي.

فاذكرونى اذكركم واشكروا لى ولا تكفرون ۝ (۱).

مولانا ثنائيءَ مسلمان مبلّغ هڻڻ جي حيثيت سان اسلامي عقيدن ۽ اصولن جو نهايت عام فهم انداز سان پرچار ڪيو آهي. ۽ ان لاءِ هن نصري بازي يا خود خيالئ جي اڌوري سهاري وٺڻ بدران الله تعالىٰ جي قرآني آيتن مان فيض حاصل ڪيو آهي. قرآن حڪيم جي ميٿن آيت جي تشريح مولانا ثنائيءَ پنهنجي مثنوي جي ستن ۾ اجهوهن ريت ڪئي آهي:

اهو آهم هڪڙو خدا ذوالجلال
اهوئي سين جاڻڻ تو سوال
اوهانجا هجن جي خدا چار پنج
ته جيڪر اوهانکي رسن روز رنج
جي هڪ ته مان اڄ وسايان تو مينهن
جي ٻيو ته مان توکيان ماڻ ڏينهن
جي هڪ ته هي شهر توماڻ اڏيان
جي ٻيو ته هي گوٺ واهي ڇڏيان
جي هڪ ته هي شخص ماريان تو مان
جي ٻيو ته هن کي جيئارڻ تو مان

[۱] قرآن حڪيم: پاره ۲ سورة: البقرة رڪوع: آيت ۱۵۲

انهيءَ طرح يڪڙي وڃي انت ظالم
سڄي ملڪ ۾ جنگ جهيڙو تمام
۽ آهن زميندار جنهن شهر ۾
انهي آدمي تا پون قهر ۾
نه ڪيئي بنا شانون ڪوئي جڙي
نه ڊڪڙ بنا ڪٽ ڏوئي جڙي
جڙي سر نه سر بند ڪاشواء
جڙيل جنس جا هي جوڙيندڙ هٿا
انهيءَ طرح سڄ چنڊ ۽ آسمان
غرض هي سمورو زمانو جهان
انهي جو به ڪونڊ آڪار ساز
ملي هي نٿو ڏور پاڏي ڏراز (۱)

مرحوم ثنائيءَ مٿوڀي جي مٿين ستن ۾ خداءِ ذوالجلال جي هستيءَ متعلق عيسائين جي تثليث واري نظريي تي ڪري ملهن ، مشرڪن ۾ خدا جي وجود جي منڪرن جي ردم خداپاڪ جي واحد هستيءَ متعلق نهايت واضح ۽ وزندار دليل پيش ڪيا آهن.

رب پاڪ جي وڏائيءَ ۽ وحدانيت جو ان کان وڌيڪ مثال ٻيو ڪهڙو ملي سگهي ٿو ته اهوئي سڀ جو اڪيلو خالق ۽ مالڪ آهي ۽ انسان اٽڪل گالهين ۾ نهايت بيوس ۽ مجبور آهي . غيب جو علم فقط رب جي ذات کي آهي . ليڪن انسان جيڪو پنهنجي اندر ۾ ئي جهاتي پائي نٿو سگهي يا پٽ وراءِ ياڻ ڏسي نٿو سگهي ، سو ڪائنات جي ڪلهي چيڙن ۽ ڪنڊن کي ڪيئن جاچي ۽ پرکي سگهندو. ڪيڏهن ئي خبر ته هن جي حياتي ڪڏهن پوري ٿيندي . هي وچارو انسان ته مٽل مڪ به جياري نٿو سگهي . پر سندس ڏٺي تعالى سڄ چنڊ ، ڪيترن ۽ تارا ٻڌايا آهن . اهوئي ناظر

---

(۱) ثنائي ثناءالله ، 'رسالت نامو' قلمي بياض ص ۱۶ ص ۱۷

۽ ڏڪيان آهي. ۽ اهوئي مختيار ڪل آهي. بقول ثنائيءَ :

| ٻڌائن ٿا بجليون ۽ راکيٽ توڙي
| نه کوسج ۽ چنڊ افلاک جوڙي
| خدا پاڪ اهڙا جڏيا خوب کوڙي
| نه هٿيا نه کٽيا نه تن کي کو ٽوڙي
| گهاڙو ڏڪيان ناظر نه آهي
| خدا جي مثل کو به قادر نه آهي
| ٻي مصرع پر چوي ٿو :
| سڄي ملڪ جا داڪٽر کو به آڻي
| مئل مڪ جيڙي ڪري کو نه هاڻي
| ته مرڻ کڏهن، کو نه کوهاڙ هاڻي
| جڏهن ناڻ ملندي چا روزي سپاڻي
| مرڻ جي محل پي مقرر نه آهي
| خدا جي مثل کو به قادر نه آهي (۱) الخ.....

مرحوم ثنائيءَ انهيءَ ئي خالق ۽ مالڪ جي قربت حاصل ڪرڻ لاءِ دڳ ۽ پيچرا به ڏسيا آهن. جن جو بنياد پڻ اسلام ۽ اسلام جي تعليم ئي آهي. انهيءَ لاءِ رب پاڪ پاڻ ئي پنڌ ۽ پيچرو ڏسيندي 'فاذكروني اذكركم' جو اصول متعين ڪرڻ فرمايو آهي. سڳي ڳالهه ثنائيءَ هن ريت بيان ڪري ٿو :

ٽيان تنهنجو ته پوء منهنجو ٽيئن

سنديان توکي ته دوهرا دان ڏيئن

(۲)

(۱) ثنائي ثناء الله : ، 'تلسي بياض' ، ص ۱۰

(۲) ايضاً

ڪلام الله

اسلامي عقيدي مطابق ان وقت تائين ايمان مڪمل نٿو ٿئي جيستائين ايمان جي اين جڏن سان گڏ الهامي ڪتابن تي پڻ ايمان نٿو آندو وڃي. قرآن ڪريم تہ وري هر هڪ مسلمان لاءِ رشد وهدايت جو بي بدل سرچشمو آهي. فرقان حميد جي انهي عظمت ۽ حيثيت ڪي پڌ ٿنائي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي. هو هڪ مثنوي ۾ رقمطراز آهي:

ڪلام الله قلبن ڪي سڌاري
ڪلام الله مردن ڪي جياري
ڪلام الله آتش ڪي اجهائي
ڪلام الله ڏونگر ڪي ڏکائي
ڪلام الله دل جا درد لاهي
ڪلام الله ڪارا ڪوٽ ڌاهي
ڪلام الله آ بيشڪ وسيلو
ڪلام الله بي حيلن جو حيلو
ڪلام الله رهبر راه جو آ
مڪمل محبوب ڏي الله جو آ (۱).

مرحوم ثنائي جي اها دلي خواهش هئي تہ اسان جي ملڪ ۾ قرآني قانون نافذ ٿئي. چوري ڪرڻ تي اسلامي قانون مطابق چور جو هٿ ڪپيو وڃي تہ جئن اهڙي ڪري سزا مان ٻيا مسلمان عبرت حاصل ڪن. اهڙي ريت معاشري مان برائيءَ جي پاڙ پٽجي وڃي. نڪماڻ اوباش قسم جا ماڻهو رزق حلال حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هلائين. ثنائي پنهنجن اهڙن جذبن کي الفاظ جو روپ هن

(۱) ثنائي ثناءالله : 'محمود غزنوي عرف سچو عشق' ص ۶۰

بيت ڏنو آهي:

ٿئي قاعدو پاس قرآن جو
مسلمان جي لئه مسلمان جو
ڪري چور چوري ته ڪپجيس هٿ
ته چوري ڏ ڪان لاچار چٽجيس هٿ
اسان ۾ جي آهن مسلمان چور
هدايت لهن من ايئن مفت خور (۱) الخ.....

ڪلام الله جي شان ۾ مرحوم ثنائيءَ پنهنجي هڪ

بيت ۾ هن طرح رقمطراز آهي:

جي تون گهرين ته مولا ملي ته پڙهه ڪلام الله
گفتگو ڪر رب سان، ته هٿئي شهوت باهه
ورتل القرآن ترتيلا، [۲] قرأت پي ٿاهه
لٽي لاهه پالوڪ جا، لعلڙ ڪارڙ لاهه
تون بندو بي خبر آهين سينو نه ڪنهن سان ساهه
هوريان ڏايان ڪاهه، ته سر ڪي ملين ثنائيءَ جوِي (۳)

مرحوم ثنائيءَ کي قرآن حڪيم جي عزت ۽ عظمت

جي مڪمل طرح ڄاڻ هئي. اهوئي سبب آهي جو هو پنهنجي هڪ خطبي جي شروع ۾ ڪنن کي مقدس ڪلام ٻڌڻ جو ذوق عطا ڪرڻ لاءِ خداوند ڪريم کي آڏي ۽ التجا ڪندي لکي ٿو:

ڪنن کي ڏي ٻڌڻ جو شوق ساري
ٻڌن قرآن دل جو ذوق ڏاري (۴).

---

(۱) ثنائي ثناء الله: 'قلمي بياض' تان

[۲] قرآن حڪيم: پاره: ۲۹ سورة: مزمل رڪوع:

(۳) ثنائي ثناء الله: 'قلمي بياض' تان

(۴) ايضاً 'خطبات ثنائي'

اطاعت رسولؐ

دين ۾ اسلام ۾ رسالت جو تصوّر انتهائي واضح

۽ مقصد ۽ حڪمت سان پريل آهي . رسالت ئي اهو واحد ذريعو آهي جنهن سان

انسان پنهنجي عظمتن جي منزلن کي محسوس ڪري ٿو . ۽ ان جو رشتو پنهنجي حقيقي

رب سان استوار ٿئي ٿو . نبين جي آمد ئي انهي مقدس رشتي کي وري جوڙڻ

جو باعث هئي . اهو ئي سبب آهي جو الله تعالىٰ حضرت نبي اڪرمؐ جي اطاعت کي

پنهنجي اطاعت قرار ڏيڻ فرمايو آهي . اهڙي ڪاڪ مولانا ثنائي هن ريت

ڪري ٿو :

جي توڻ گهرين ته مولا ملي، ته رهبر چاڙ رسول
اطيعو الله و اطيعو الرسول، پڙهي ڪر قبول
ابوجهل جيان جهل ۾ ، متان ٿئين مجهول
گودڙ يا گمنام ٿي ، ڪر واحد ساڻ وصول
سامي سنڌ ساه ۾ ، جو اٽڻ هڪ اصول
پيو سڀ چاڙ فضول ، ته سڪي ملين ثنائي چوي (۱) .

مولانا ثنائي جي شاعري ۽ جو مطالعو ڪرڻ سان

معلوم ٿئي ٿو ته سندس سينو سرور ڪونينؐ جي سڪ سان سرشار آهي . سندس

قلم کي سرڪار دوجهانؐ جي ذات بابرڪات جي اسوة حسنه جي تمام گهٽن موضوعن

تي لکڻ جو شرف عطا ٿيو آهي . تحرير جي لفظ لفظ ۾ عقيدت ، احترام ۽ عشق مصطفوي

جي جهلڪ نظر اچي ٿي . مکيه موضوعات جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

---

(۱) ثنائي ثناءالله : ، ' قلمي بياض ' تان

ولادت مصطفیٰ ﷺ

اڄ کان چوڏهن صدیون اڳ جڏهن دنیا ۾ کفر جا کارا ڪڪر چائنجي چڪا هئا، انسانیت توهم پرستيءَ جي زنجيرن جڪڙجي چڪي هئي. هر طرف ظلم ۽ بربريت جو دور هو. انسان حيوان بڻجي چڪو هو. رنگ، نسل ۽ قوميت جا بت خدا بڻجي ويا هئا. تڏهن خداوند قدوس جي ذات کي جلال آيو ۽ ڪملاڻا انسانيت کي صراط مستقيم ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي پياري پيغمبر محمد مصطفیٰ ﷺ کي رحمة للعالمين بڻائي موڪليو. اهڙي رحمت جي نزول سان دنيا ۾ هڪ عظيم انقلاب برپا ٿيو. رحمت جي برسات ٿي. پاڻ سڳورن جي آڏر جي اشاري سان خدا جي گهر ۾ رکيل ڪفر، شرڪ ۽ الحاد جا بت پڻ ڀورا ٿيا. سلامتي واري دين جو بول بالا ٿيو. حق، باطل جي مٽان غالب پئجي ويو. ۽ فقط هڪ خدا جي پرستش ٿيڻ لڳي. مذڪوره حالات جي خوشگوار تبديليءَ کي مولانا ثنائي مولود جي ٻن هن ريت سمويو آهي:

آڻي عالم سڀو سارو ، جهالت هو ڪيو ڪارو
نبيءَ جائي وريو وارو ، پريو جڳ روشنائي سان
ڪٿي بت لات جا جوڙيا ، عزا ڏي ٿي گهٽا ڏوڙيا
محمد ميڙ سڀ ٽوڙيا ، پڙهي ڪلمو پڪائي سان
زنا ، جوا ، گلا ، چوري ، نشي جي ڪل ڪيڏيائين جوري
سڀ الله سان اوري ، سڃاڻي هيڪڙائي سان
اهو هادي هدايت جو ، اهو والي ولايت جو
اهو صاحب شفاعت جو ، ٻڌو ساڻي ثنائيءَ سان (۱).

(۱) ثنائي ثناءالله: ، 'قلمي بياض' ، تان

جمال مصطفیٰ ﷺ

پاڻ ڪريم ﷺ جن افضل البشر آهن. سندن هر عمل ۽ قول، وضع ۽ قطع، اخلاق ۽ ڪردار، جلال ۽ جمال، خد ۽ خال ڪائنات جو منفرد ۽ اعلیٰ ترين نمونو آهي. سندن حسن، خيال وانگر حسن جمال به بي مثال آهي. سچا عاشق، رسول انهي محبوب جو مٿ ۽ مثال دنيا جي ڪنهن به هستي ۽ ڪي نه پائيندا آهن. ثنائي به سچن رسول جي عاشقن مان هو. جيڪو حضرت يوسف ع جي حسن جو اعتراف ته ڪري ٿو، پر مديني جي تاجدار ۽ ڪائنات جي ڪارٽي جي حسن وجمال کي ان کان به سهڻو سڏي ٿو. چوٽ بحواله حضرت عبدالرحمان جلال الدين سيوطي:

"اسا نبي مڪرم جي حسن جي مقابلي
۾ حضرت يوسف ع جو حسن اڌ جيترو هو." (۱)

مولانا ثنائي سچي سردار جي سونهن جو ذڪر ڪندي ائين به چوي ٿو ته حضرت يوسف ع ته فقط زليخا جو دلبر هو مگر محمد ڪريم ﷺ ته خود خدا جو حبيب آهي. جيڪو شرافت ۽ شفاعت جو به صاحب آهي. ثنائي پنهنجي هڪ نعتيه شعر ۾ رقمطراز آهي:

حسن ۾ هميشه يگانو آ يوسف - مگر مصطفیٰ سان مقابل نه ٿيندو
حبيب رخدا سان زليخا جو دلبر - شرافت شفاعت ۾ شامل نه ٿيندو (۲)

---

(۱) رشيد محمود راجه (مترجم) 'خصائص الڪبريٰ' لاهور، فريد بوڪ اسٽال اردو بازار، ص ۳۱۹
مصنف: عبدالرحمان سيوطي
(۲) ثنائي ثناءالله: 'قلمي بياض'، تان

مقام مصطفیٰ ﷺ

پنھنجي جھانن جي سردار سان ثنائي پنھنجي محبت ۽ عقيدت جو اظھار اھڑي عاشق رسول جيان ڪري تو، جيڪو دنيا جي وڻ کي قلم، درياءَ کي مس، ستن ئي آسمانن کي پنا ٻڌائي سوَن سالن تائين ثنا لکندو رھي پر پوءِ ب محبوب جي سراھ جي ڪما حقه' دعويٰ کان قاصر ھجي. ۽ اھي قلم، ڪاغذ ۽ مس پورا پڄي ڪونه سگھن. پلا جنھن ھستيءَ جي منزل ۽ مقام لاءِ' بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر' لکيو وڃي. جنھن جو اذڪار عرش اعظم تي ٿيندو ھجي، جيڪا ھستي باعث تخليق ڪائنات ھجي، ان جي شان ۾ ثنائي غريب جو جڏھن قلم چا لکي سگھندو؟ اچو ته ڏسون ته ثنائي پنھنجي اھڑي عقيدت جو اظھار ڪھڙن لفظن ۾ ٿو ڪري:

شاھ شان اوھان جو آ اعليٰ - تو رفعنا چوي حق تعالىٰ
وڏ درياءَ دنيا جا سارا - اھي محدود ٿيا ۽ ويچارا
عرش اعظم تي تنھنجا تالا
ست آسمان آٽي پنا ڪيان - سوين سال پيو توڙي ثنا ڪيان
پورا ڪونه پون ڪل ڪشالا
ھي ثنائي غريب ڪوھارو - جڏھنجو جڏھن قلم آھ ڪارو
ڪين لکندو رھي نانون نالا (۱).

(۱) ثنائي ثناءالله: ' قلمي بياض ' تان

اوصاف رسول عربي ﷺ

رسول عربي ﷺ جي اوصاف جي تڪاڻ ئي ڪائنھي.

جنھنجو سچو جڳ سلامي ، جيڪو سراپا ڪرم ، جيڪو اڻين جي آڌر ، ولھين جي واھر ، جيڪو ٻنھي جھانن جو سردار ۽ غريب پرور آھي . اھڙي دُرِّ يڪتا جي دَر جي غلامي ڏيڻ جي مبارڪ خواھش ثنائيَ جي سيني مان اڀاڙي نڪتي آھي . ملاحظہ فرمايو :

عجيب عربي، حبيب حامي ، اوھانجي دَر جي ڪريان غلامي
اوھان جو عالم سچو سلامي ، قبول ذاتر ھڻا دوامي
عمر اسانجي ويئي اجائي ، قدم قدم تي ڪيم ڪچائي
اوھان سراپا ڪرم عنايت ، اسان سراپا خطا ۽ خامي
اڻين جي آڌر ، ولھين جي واھر ، غريب پرور اي عربي انور
بڌي ثنائيَ اوھانجي آھي ، گھٽي نہ مانيو ھي نيڪ نامي (۱)

مشق رسول ﷺ

نبي پاڪ ﷺ جن جي ذات ، اقدس جو ذڪر انسانن جي درد جي دوا ۽ روح جي غذا آھي . جڏھن خداوند عالم خود مٿن صلوات موڪلي ٿو تہ اسان انسانن تي بہ واجب آھي تہ ڪائنات جي ڪامل ۽ محبوب ترين هستيءَ جي مٿان صلواتون ۽ سلام موڪليون . ۽ اھڙي ذات سان گھري محبت ۽ عقيدت جا جذبات رکون . جن انسانن پنھنجو مثالي محبوب نبي مڪرم ﷺ جي ذات گرامي کي بڻايو تن جو وارہ ونگو نہ ٿيندو . اھڙا انسان بلاءِ قضا جي

(۱) ثنائيَ ثناء الله : ’ قلمي بيامن ‘ تان

خوف کان بنیاز رهندا. مولانا ثنائيَ جي دل عشق رسول سان ٽمٽار هئي. هن پنهنجي والهانه عقيدت جو اظهار بيشمار شعرن ۾ ڪيو آهي. مثال طور هيٺ سندس هڪڙي نعتيه شعر جون چند سٽون پيش ڪجن ٿيون:

	تون آن درد دلين جَي جِي دلبر دوا
	مصطفىٰ، مجتبىٰ، رهنما پيشوا
	سڀ صلواتون اوهانتي پٽرهن تا پيا
	انبياء اولياء، اتقياء، اصفياء
	تنهنجا عاشق نه پسندا خيانت خطا
	نه بلا نه قضا، نه سزا نه جزا
	تنهنجي دشمن تي ٿيندي نه رب جي رضا
	نه دوا نه دعا، نه عطا نه شفا (۱)

مدحت رسول ﷺ

حضور پرنور ﷺ جي صفت ۽ ساراه جا سوين انداز آهن، هزارين پهلو آهن ۽ بي انت موضوع آهن. وري جڏهن مرحوم ثناء الله ثنائيَ جهڙو مدح گو شاعر هجي ته سندس قلم عقيدت ۽ محبت جي مس ۾ ٻڏي اوصاف رسول محمدي ﷺ مدحت رسول مصطفىٰ ﷺ جو نقشو هيٺين ريت ٿي چٽيندو:

	تون پيارو، تون سڻي ۽ تون ڪريم — تون محمد، تون امي ۽ تون رحيم
	تون بهادر، تون يگانو تون يتيم — تو متي راضي رهي قادر ڪريم
	يا شفيع المذنبينا الغياث
	تون مزمل، تون مدثر، تون امام — تون مڪمل تون منور، نيڪ نام
	تون سين جي سونهن ۽ خير الانام — تو متي صلوٰة ۽ تو تي سلام
	يا رسول الله عربي الغياث (۲)

(۱) ثنائيَ ثناء الله: 'علمي بيامن' ٽان
(۲) ـــــ ايضاً ـــــ 'اشعار ثنائي'

مولانا ثنائيؒ پنھنجي ھڪ مدح ۾ نبي مڪرمؐ جي صفت ۽ ساراھ
ھن ريت ڪري ٿو:

تون طاھر، مطھر، نذيرؐ، منذر	
بشيرؐ، مبشر، مزمل، مدثر	
مڪمل، منورؐ، تون ناصر، مذڪر	
تون ضامن تون ظاھر، تون مظھر خدا	
سگھو سوال ورتاءِ مرسل مٿا	
ٻڌي دانھن دلجاءِ ڏي دلربا	(۱)

مرحوم ثنائيؒ پنھنجي شاعريءَ ۾ نبي پاڪؐ جي صفت
۽ ساراھ سان گڏ سندن خدمت، اقدس ۾ پنھنجي ھيٺي حال تي ياد ڪرائڻ لاءِ نھايت
عجز ۽ انڪساريءَ سان عرض ۽ التجا ڪئي آھي. ملاحظہ فرمايو:

ڇو وڏم توڳي وسيلو جو ڪمائي ڪاڻ آ	
ور وھائي پانھنجي لئه مون مٿائي ڪاڻ آ	
ڪل عمل ٽوليھا ڪر ثم زر غنائي ڪاڻ آ	
ھي ڪچو آ ڪوٽ پڪي ڏي پڪائي ڪاڻ آ	
ٻوھ ڏسندي سر ڏڪي تو پر پلائي ڪاڻ آ	
ڪر ڇڪائي تون ڇڪا مون ۾ ڇڪائي ڪاڻ آ	
ڪر شفاعت شاھ توري ۽ واھ ڪائي ڪاڻ آ	
يارسول الله ٻيو اھن سندي ڪا واھ ڪر	
بي وسيلن جو وسيلو ٿي نجيب نگاھ ڪر	(۲)

(۱) ثنائي ثناءالله: ، 'فلسفي بياض' تان

(۲) ——— ايضاً ———

ارڪان ديں

مرحوم ثنائيءَ ديني عالم هڪڙ جي حيثيت سان ايتري ته مذهبي شاعري ڪئي آهي، جو شايد ئي ڪو مذهب سان واسطو رکندڙ موضوع يا مضمون هجي جنهن کي هي بزرگ وساري ويٺو هجي. مثال طور ارڪان ديں جي مختلف پهلوئن تي پاڻ ڪيئن نه روشني وڌي اٿس ذرا ملاحظه فرمايو.

نماز

نماز ديں جو ٿنڀ آهي. انهي عبادت جي عمل سان ئي مسلمان معاشري جو تشخص برقرار رهي ٿو. مرحوم ثنائيءَ اسلام جي انهيءَ اهم رڪن جي اهميت هن ريت بيان ڪري ٿو:

جي توں گهرين مولا ملي ته نماز کي چڏ ڪين
پڙهي اقيم الصلوٰة ولا تكونوا من المشركين [۱]
شرڪ کي ماران ڏئي، اڇ دلبر منجي ديں
پنجن سان پورو رهي، نه تاريڪ ٿيڻهه، لعين
ڪمر ڪاڙ يقين، ته سر کي ملين ثنائي چوي (۲)

مولانا ثنائيءَ اهڙي بي نمازيءَ کي جيڪو نفس جو غلام ٻڌجي گناهن ۾ عمر گذاري ٿو ۽ وقت جو قدر نٿو ڪري، کي انڌو ۽ بي بصر سڏي ٿو. هو هڪ شعر ۾ رقمطراز آهي:

نمازان نفس لئه جيڪو وساري - عمر جي زر گناهن ۾ لڏ گاري
وڃائي وقت موتي مفت هاري - انڌو ۽ بي بصر آهي نمازي (۳)

---

[۱] قرآن حڪيم پاره ۵: سورة ۲۱ الروم رڪوع ۴-
(۲) ثنائي ثناء الله ، قلمي بياض ، تان
(۳) ـــــ ايضاً ـــــ ، خطبات - ثنائي ،

روزو

بيتن جي ساڳي سلسلي ۾ مرحوم ثنائيءَ روزن جي اهميت بيان ڪندي فرمائي ٿو :

جي تون گهرين ته مولا ملي، ته روزا رک غلام
ٻڌي يا ايها الذين آمنو ڪتب عليڪم الصيام [۱]
نفس ڪي نابود ڪري، غازي ڪٽج گام
ڏينءِ ڏاتر ڏيڏ جو ڳچها لڪ انعام
وفي انفسڪم افلا تبصرون، موڳا پر وڙج مام [۲]
پاڻ پڇاڙج خام، ته سڙ ڪي ملين ثنائي چوي (۳)

حج

اڳري نمونو حج جي اهميت ۽ افاديت بابت ثنائيءَ

هن ريت ر قمطراز آهي :

جي تون گهرين ته مولا ملي ته حج هل عقيلا
هوندي طاقت جي نه هلن، سي هوڏي هٿيلا
و لله علي الناس حج البيت من استطاع عليه سبيلا [۴]
ڪر هلڻ جا حيلا، ته سڙ ڪي ملين ثنائي چوي (۵)

جهاد

ثنائيءَ مرحوم اسلام جي اهم رڪن جهاد جي ضرورت هن ريت بيان ڪئي آهي :

جي تون گهرين ته مولا ملي ته ڪر ڪافر ڪي قتلام
فلا تكونن ظهيرا للكافرين، اهوئي پيغام [۶]
جي طاقت تو رکين ته قابو ڪر اسلام
حرام جاڻ حرام، ته سڙ ڪي ملين ثنائي چوي (۷)

---

[۱] قرآن حڪيم پاره ۵ : ۲ سورة : البقره ر ڪوع : ۲۳
[۲] قرآن حڪيم پاره ۹ : ۲۶ سورة : الذاريات ر ڪوع :
(۳) ثنائي ثناءالله : قلمي بياض، تان
[۴] قرآن حڪيم پاره : ۴ سورة : آل عمران ر ڪوع : ۱۰
(۵) ثنائي ثناءالله : قلمي بياض تان
[۶] قرآن حڪيم پاره ۲۰ سورة : القصص ر ڪوع ۹ -
(۷) ثنائي ثناءالله : قلمي بياض تان

قیامت

مولانا ثناءَ پنھنجي شاعريءَ ۾ قيامت جي آثارن ۽ يوم آخرت کي به موضوع بڻايو آھي. ھو قيامت جي آثارن جو احوال اھڙي تہ مفصل، مدلل ۽ مؤثر انداز ۾ ڪري ٿو جو پڙھندڙ ٿوري ھڏندڙ جون سيسريون نڪري وڃن ٿيون. ان موضوع تي مرحوم ثناءَ جو اڃا ھڪ مڪمل ڪتاب 'قيامت نامہ' جي نالي سان ڇپيل آھي. مٿان خزاءَ پرڪاڻ جي مصداق مذڪوره ڪتاب مان چند مسدس جامبيت پيش ڪجن ٿا. ملاحظہ فرمايو:

اڻابي مند امينھن پيا قحط ڪاھي — نئين مرض ماري وڏا ڏنگ ڏاھي
ڏسي حال ھي ھوش آيو نہ گاھي — شھر شان لاھي ڇڏيو سين، نہ آھي
ھتن سان پنھنجو ھوٽ ڪاروھيون ٿا
ڏري ڏوھ ڏانگي ڪُني تي ڏيون ٿا

شھنشاہ ايندو ھٿي سنھ نھاريو — ڪھي ڪافرن کي ٽيندو سوپ واريو
ڪندو شاہ شاھي وٽي ملڪ ساريو — ھوندن جو ھر جا ٽيندو ھوٽ ڪاريو
شھيدن کي ٽيندا شھادت جا درجا
ڪندو ڪامراني اچي موت ھرجا

انھيءَ وقت دجال مردود ڪاڻو — گڏھ تي چڙھيون چور ايندا ڏاڙو
ڪيل نرڙھن جي تي ڪافر سڀاڻو — ڪندو لعنتي ساڻ گفتار سڀاڻو
اڻو بھشت دوزخ انھيءَ ساڻ ٻاريا
وٽي ڪار ابتي سندس جاڙ ساريا

تہ دھشت پريو سخت آواز ٽيندو — سرافيل منجھ سور جي ڦوڪ ڏيندو
سين جي ٻڏڻ ۾ سو آواز ايندو — ڪٽي رعد جي ڏاڙ ڪان گوڙ ويندو
ٻڌي خلق جانڪاہ آواز ٻاريا
پريشان ٿي دوزخ ۾ خوف ماريا

---

(۱) ثناءَ ثناءالله: 'قيامت نامو' لاڙڪاڻو
ص ۳ - ص ۴ - ص ۵ - ص ۲۱

صحابہ ڪرام جي صفت ۾ ساراھ

جڏھن باغ ۾ گل نہ ھوندا آھن تہ انھن جي خوشبوءِ عطر يا عرق مان ملندي آھي. اڳين جي آثار نبين جي سردار پنھنجي حيات طيبہ ۾ جيڪي فيض جا دريا وھايا ۽ پنھنجي سائين سياھ جھڙن جي ذھني فڪري، علمي ۽ نظرياتي تربيت فرمائي. انھيءَ تربيت ۽ فيض جن شخصيتن کي جنم ڏنو تن کي صحابہ ڪرام چئجي ٿو. انھن سگورن انسانن حضور اڪرمؐ جي وصال کان پوءِ عطر ۽ عرق جو ڪم ڪيو. انھن کي ئي اسلامي تاريخ ۾ آدرشي انسان سڏيو وڃي ٿو. اسانجي ھر ڪنھن مذھبي شاعر، اديب ۽ ليکڪ مذھب يا ان جي تاريخ لکندي صحابہ ڪرام جي آدرشي حيثيت جو اعتراف ڪيو آھي. ۽ انھن کي پڙھندڙن لاءِ مثال طور پيش ڪيو آھي.

مرحوم ثناءَ الله ثنائيءَ پنھنجي ڪلام ۾ صحابہ ڪرام جي صفت ۽ ساراھ جا ڏيڪ ٻہ ٻيا آھن. ھڪ مدح ۾ رقمطراز آھي:

| تنھنجا يار چار ئي ، وفادار چار ئي |
| مددگار چار ئي ، آئين ثار چار ئي |
| غمن ثار چار ئي ، جڏن جيار چار ئي |
| طرفدار چار ئي ، منوّر ڏيئا |

(۱)

ثنائيءَ جي دل صحابہ ڪرام جي ادب ۽ احترام سان سرشار ھئي. ھن پنھنجي شاعريءَ ۾ بيشمار جايون تي صحابہ ڪرام جي صفت ۽ ساراھ بيان ڪئي آھي. ملاحظہ ٿئي:

---

(۱) ثنائي ثناءَ الله: 'قلمي بياض' تان

سندن نور مان نور ٿيا چار يار
تنهي طرف چار ئي کيا ديندار
صداقت ۾ صادق، عدل جا اميد
سخاوت ۾ ثابت، بهادر بشير
ڏيئن مان ڏيئا کيترا ويا ٻري
نه کم ٿي ڪٽي روشنائي ۽ ذري
صحابن ۾ هوکو نه فتنو فساد
هئو جهي ته هو دين لئه اجتهاد (۱)

ٽنائي جهي صحابه سان سڪ جو هڪ ٻيو مثال پيش ڪجهي ٿو. جنهن ۾ هن هر هڪ خليفي کي انفرادي طور سراهيو آهي. ملاحظ فرمايو:

محمد مٿي جا چگا چار يار - خليفاء نائب سچا ديندار
ابوبڪر صديق صادق سچو - پيغمبر جو پهريون خليفو اُچو
اهو غار جو يار غمخوار هو - صداقت ۾ صديق صدبار هو
عدالت جو صاحب هو ابن الخطاب - ڪٽائي ڪيو ڪفر خامي خراب
مٿي پاڻ شيطان جهي شر پگو - نظارو ٻلو دين وارو وگو
حيادار عثمان حاڪم حڪيم - ڏنئين نان ۽ ڏاتار جي زر و سيم
ذوالنورين سو نامور نور نور - محمد سندو تنهنکي حاصل حضور
ولايت جو صاحب ولي هو علي - منوّر مگر منجلي هو علي
هي دُر دين جو چونه حيدر چوان - علي شاهه جو شان برتر چوان (۲).

مرحوم ٽنائي اجتماعي طور تي صحابه ڪرام سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪرڻ کانسواءِ انهن عظيم انسانن جي انفراديت ۽ عظمت جو الڳ الڳ پڻ ذڪر ڪيو آهي. اسانجي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضؓ جي شان جو بيان هن روايت ڪري ٿو:

(۱) ٽنائي ثناءالله : 'صلح جو پيغام' قلمي بياض
(۲) —— ايضاً —— 'قصو دلفريب' —— ايضاً ——

مصطفیٰ جو یار پھریون میر آصدیق پاک
بعد احمد جي خليفو پير آصديق پاک
ربع راحت ۾ رسول الله سان هردم رفيق
هر صحابي کندا هو هڪ سير آصديق پاک
کيترن صوفين سندو تو سلسلو تنهن ساوسي
نانءُ ان جي ۾ عجب تاثير آصديق پاک
جي هجين پيسو ڪٽي کو تو ثنائي غم نه ڪر
سمجھ تامي واسطي اکسير آصديق پاک (۱)

اهڙي عربيت حضرت فاروق اعظم جي عظمت جا گيت هن طرح گائي ٿو :

دين جو داعي وڏو آهي عمر ابن الخطاب
کوٽ کافر جو چڏي ڏاهي عمر ابن الخطاب
ديو سرڪش کي نوائي ڏينهن چڏيو هڪلان هٽي
درد دشمن کي ڏئي ڏاهي عمر ابن الخطاب
چا سياست چا عدالت چا ڪرامت مان چوان
بو جهل بد معاش کي ڏاهي عمر ابن الخطاب
دين حنفي کي ڪيو فاروق ظاهر زور سان
دين کي هڪ بانگ سان ڏاهي عمر ابن الخطاب
تو خدا ڀاڻي ثنائي بينوا کمزور جي
دل قوي ٿي صاف سارهي عمر ابن الخطاب (۲)

حضرت عثمان غني ذوالنورين جي بلند برتبن

جو بيان ڪندي ثنائي رقمطراز آهي :

چا شهادت جو عجب رتبو مليو عثمان کي
سر سندس ويرين ويڏيو ويٺي پڙهيئن قرآن کي

(۱) ثنائي ثناء الله : 'ديوان نعتيه ثنائي' لاڙڪانو ، ويڙهو مل ڪنڊمل پبلشر ، ص ۴۵ ص ۴۶
(۲) ايضاً ص ۸

مال ان جي مان رسيو هو فائدو اسلام کي
هوش هنجي گڏ ڪيو هو فهم سان فرقان کي
چاهيا ۽ چاوفا ۽ چاعطا ۽ چا صفا
ڏهليو درياء هو ان جي پسي احسان کي
والعصر ۾ وصف آهي چئن يارن جي چٽي
ڪير سمجهائي ڪيني عيب جو شيطان کي (۱)

حضرت علي المرتضيٰ شير خدا جو شان ثنائي هن

ريت بيان ٿو ڪري:

پياسن لئه پيالو پر، علي حيدر علي حيدر
نماڻن تي نگاهون ڪر، علي حيدر علي حيدر
ڪفارن کي ڪنايو تو، منافق کي مڃايو تو
اوهان جو شان آهر تر، علي حيدر علي حيدر
ولايت ۾ ڪرامت ۾، سخاوت ۾ شجاعت ۾
نه ٿيو ڪو تو سند و همسر علي حيدر علي حيدر
ثنائي کي ڏڪ گهاريو، ٻڏو ٻيڙو اچي تاريو
سوالي تي ڏٺئه جي در، علي حيدر علي حيدر (۲)

(۱) ثنائي ثناء الله : ديوان نحتيه ثنائي، لاڙڪاڻو، ويڙهو مل ڪٽڻ مل پبلشر، ص ۹۳
(۲) ——— ايضاً ——— ص ۲۹ ص ۳۰

(ii) اصلاحي شاعري

تعارف

ثناءالله ثنائيءَ پنهنجي دور جو سياڻو ۽ سپورهيو انسان هو. انسان دوست شاعر هڻڻ جي ناتي هن پنهنجي علم ۽ قلم سان دل کولي امر بالمعروف ونهي عن المنكر [1] جو حق ادا ڪيو آهي، ۽ سندس اهڙيءَ شاعريءَ کي بيباڪ طور تي ناصحانو ڪلام چئي سگهجي ٿو.

مرحوم ثنائيءَ جي انهيءَ ڪلام جو مطالعو زاوين کان ڪري سگهجي ٿو. سندس شاعريءَ مان اسي چتا اهيان ملن ٿا ته هن نصيحت، حڪمت ۽ ڏاهپ جي تن سرچشمن مان استفادو ڪيو آهي. انهي آهن قرآن و حديث، ڏيهه جي آئين ڏاهن جي تعليم ۽ تبليغ ۽ ڏرتيءَ جي عوام جي مجموعي دانشوريءَ انهن سرچشمن جي مثالن سان نشاندهي ڪرڻ ڪنهن به پيجاڻ ٻندي

مولانا ثنائيءَ بنيادي طور تي مذهب جو پوئلڳ هو. انهيءَ ڪري هن جي ناصحانه شاعريءَ جي سرچشمن ۾ قرآن ۽ حديث بنيادي حيثيت رکن ٿا. سندن ڪيترائي ناصحانه ڪلام اسلامي تاريخ ۽ تعليم جو پڙاڏو آهي. قرآن حڪيم ۾ ذڪر اچي ٿو ته الله تعالىٰ حضرت ابراهيمؑ کي چئن پکين کي ورهائي انهن جي ڪٽيل ٽڪرن کي وڃائي سڏڻ جو حڪم صادر فرمايو. قرآن حڪيم ۾ الله پاڪ اهڙو حڪم : واذ قال ابراهيم ..... ان الله عزيز حڪيم' جي لفظن ۾ فرمايو.

ثنائي مرحوم انهيءَ قرآني واقعي کي بنياد بڻائيندي نصيحت ڪري ٿو. هوان لاءِ ڪٿڻ، هور، ڪانءَ ۽ ڪجهه جهڙين پکين جي فطرت

---

(۱) قرآن حڪيم — پاره ۵ — ۴ سورة ۲ ال عمران رڪوع — آيت ۱۱۰
(۲) — ايضاً — پاره ۵ — ۳ سورة البقره رڪوع — ۳۵

سي ديان ۾ رکندي انهيءَ واقعي جي راڻن ۽ رمڻن کي هن ريت کولي بيان ڪري تو :

پکي چار پکڙي کهي ڪر ذرا — ڏٺي پاڻ کان ڪاهي پرپرا
ورائي انهن کي ڪٽي سڏ ڪر — ته اينداڻ اڏامي اهي سربسر
ورتو پوءِ حضرت پکين چٽن کي — اڏامڪ اهي ها پکي چار ئي
چون تاڪبوتر، ڪڙ، مور، ڪاڻ — ڏٺي آڪبوتر بجاءِ گهوڙاڻ
پکين جي ڪهڙ ۾ هڻا راڻ جي — پروڙين حقيقت جا شهباز سي
ڪڙ شوق ۾ آهه شهوت پرست — سدا سخت مادين مٿي هوءَ مست
ڪڙ ڪهڙ ۾ مام مخفي چٽي — ته شهوت پرستي اها ڏٺي
پرندن ۾ سهڻو سين ڪاڻ آهر — ٿيڻي زيب زينت وٺي اور اور
انهيءَ جي ڪهڙ مان اهو ڪپڙا سا — ڏٺي زيب زينت سڏ وڪ لباس
ڪچو ڪاڻ هميل آهي پکي — ڏٺي حوص ڪر ڇڏ تو ٿل سکي
ڪهي ڪاڻ ڪي ڪاڻ دل جو ڏاڙ — مثل ڪاڻ جي حرص دل ۾ نه ڏار
عمر گهڙ جي آ گهٽي ۾ گهٽي — ڪٽن پنج سٺ ورهيه جاڻي ڏڪ
اجل اوچتي جي لهي ڪاڻ ڪل — ايئن سمجهندي موت واري مهل
ته دنيا ۾ اڏري هٿس ڪا گهڙي — ملي پئي مسين ديوڙ واري گهڙي
آ انسان تنهجي عمر ٿوڙ ري — رکي پروسو پئين دنيا تي لڙ ري
دنيا ڪي گهڙ واڳ نه گول — اهو عمل جو امل ماٽڪ نه رهل
ٿنائي عمر ٿوڙ ري تي وهاءِ — گهڙي گهڙ جي ڪين ڪي گاهه گاءِ (۱)

(۱) ٿنائي ثناءالله : ' شاهنامو شريف ' ڀ۱۲ ط۱۲ ص۱۲۲

مولانا ثنائي هڪ ڪامل مشق ۽ باڪمال شاعر جي حيثيت سان نه فقط حديث ۽ قرآن حڪيم جي تعليم جي تشريح ڪئي آهي، بلڪ هندن ۾ قرآن مجيد مان ٻه سورين آيتون ۽ مڪمل حوالا ڏنا اٿس. سندس هي رنگ ملاحظه فرمايو:

جي تون گهرين ته مولا ملي، ته ٻانهو ٿي ٻاڪار
قل هوالله احد [۱]، واحد کي نه وسار
وماخلقت الجن والانس الا ليعبدون [۲] غلامي ڪر گهار
عبد منجهائون احد ٿي، غلطي ڪيم نه گذار
هيڪاڻين تار ته سر کي ملين ثنائي چوي (۳)

مرحوم ثنائي جي ناصحانه ڪلام جي خوبي انهي ڳري ڪمال ۾ پڌمي آهي، جو هو پنهنجي ماضيءَ جي ريتن ۽ رهاڻين مان پورپور فائدو ورتو آهي. ثنائي سنڌي سماج جي تاريخ ۾ پهرين ۽ آخري شاعر نه هيو، پر ڪائنات ۾ ڪيترن ئي ڏيهه جي ڏاهن انسان کي عقل جون گاهيون ٻڌايون. ثنائي جو ڪمال اهو آهي، جو هن انهيءَ ماضيءَ جي مقدس ورثي کي پنهنجو شاعراڻو ديس ڏکائي سڳيءَ کان سگهي تائين هر گاهه عوام تائين پهچائي آهي. مثال طور ٻڌائي فقير جو هو قول اڄ به مشهور آهي ته هن پنهنجي ماڻڪي ايئن چيو هو ته 'هڪ دفعو جي ٻاهه پاڻ

---

[۱] قرآن حڪيم — پاره ۵ — والناس — سورة ۳۰
[۲] — ايضاً — پاره ۵۷ — ۲۷ — سورة — الطور
(۳) ثنائي ثناءالله — 'قلمي بياض' — ٽنڊو

سان هتان کٹي ويند وآهي (۱). اها سڳي ڳالهه پنهنجي شعر ۾ هن ريت ڪري ٿو :

هتان چٽنگ جيڪو ڪٽي ٿو وڃي
ته دوزخ اهوئي ٻٽي ٿو وڃي (۲)

سنڌ جي ڏاهن نيڪيءَ جي تبليغ کي عام ۽ آسان ٻڌائڻ لاءِ انساني تجربن ۽ مشاهدن مان ڀرپور فائدو ورتو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي عوامي شاعرن پنهنجي ناصحانه ڪلام جو بنياد تشبيهن، استعارن، پهاڪن ۽ چوٽين تي رکيو آهي، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن انساني تجربي يا مشاهدي جي پيداوار ٿيندا آهن. ٽنائي مرحوم عوام کي نااهل ڪوڙاٽ - بي فيض مرشد، ڪم علم استاد يا اهڙن ٻين جڙ ٿو قيادت ڪندڙ ڪردارن کان باخبر رکڻ لاءِ مثالن ۾ عام رکي هيٺ فرمايو آهي:

ٻلو ڪيئن ڪبوتر ڏاري
انڊو رستو ڪيئن ڏيکاري
ستو ستي کي ڪيئن اٿاري
مئل مئل کي ڪين جياري
پاڻ ٻڏي پيو ٻيا ڪيئن تاري
هي ڪم جاٽي ڪشتيبان (۳)

(۱) ٽنائي ثناءالله ، معراج نامو ، قلمي بياض تان ص ۱۴
(۲) ايضا ، اشعار ٽنائي ، ص ۱۱

مولانا ثنائي عوامي شاعر هو، ان کري سندس پيغام
ٻي عوامي حڪمت ۽ ڏاهپ جو رنگ چڙهيل نظر اچي ٿو. اڪثر کري هر عوماڻو
نيڪي ڪرڻ جي صلاح ڏيندو آهي. بيشڪ اهو انتهائي نيڪ عمل آهي. پر
نيڪيءَ جي حيثيت ۽ عظمت حالتن ٻي دارومدار رکي ٿي، جيڪڏهن کوڙن
ڏٻي دولت جا انبار لڳائي تہ به چڱي گالهه آهي. پر سچائيءَ ۽ سخا ڪرڻ اهڙيءَ
کان هڪ اڳرها پيرا اڳتي بيهي ٿي. پلائي بابت عوام جي اهڙيءَ فلسفي کي ثنائي
پنهنجي شعر ۾ هن ريت سمائي ٿو:

توکل مات دنيا جي وڏائيءَ کان پلي آهي
رضا تسليم جي نڪري غنائي کان پلي آهي
دنيا هوندي ڪرڻ نيڪي اهو ڪم هر ڪنهن جو آ
سچائيءَ ۽ سخا سر جي پلائيءَ کان پلي آهي. (۱)

جتي اسان کي هن عوامي شاعر ذات ڏانهن ۽
نصيحت جي مڪيه ۽ مقدس سرچشمن يعني قرآن ۽ حديث، ڏيهه جي ڏاهن جي
تعليم ۽ عوامي دانشمنديءَ کي پنهنجي ناصحانه ڪلام جو روح بڻايو آهي. اڃا
نصيحت جو انداز ۽ طريقو عام فهم، آسان ۽ قبول ڪرڻ جوگو اختيار ڪيو آهي،
نصيحت جو عوامي انداز ثنائي جي شاعريءَ ۾ ڪيئن جيان ڄاڻو پيو آهي، سندس
هي انداز ملاحظه فرمايو:

---

(۱) ثنائي ثناء الله ' قلمي بياض ' تان

جي تون گهرين مولا ملي ، تہ ڏهشيون وڃاءِ
اول ڇڏي ڏي حرص کي ، پيو اميد نہ وڌاءِ
نيون کاوڙ کر ڪتي ، چوتون کوڙ نہ گهاڻاءِ
پنجون بخل کان پاڻ پري ، ڇهون حسد نہ هلاءِ
ستون گلا ڪنهجي نہ ڪر ، اٺون رياء سندي ڇڏاءِ
نائون تڪبر کي ترڪ ڏي ، ڏهون ڪيني کي ڪپاءِ
ويندي اٿي وات سان ، نہ گار وڙي گهپاءِ
هيئين ساڻ هنڌاءِ ، تہ سڀ کي ملين ثنائي چوي (۱)

اسانجي ناصحانہ تدريس ۽ تبليغ جي تاريخ ۾ هڪ عام نوٽ هڪ ڪنهن دور ۾ ڪيون ٻيو آهي، تہ هڪ ٻي کي نصيحت ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي، پر مسلڪي گاڏي پاڻ عملي ساڻ گهوڙي مشڪل گاڏي ڪڍندي آهي. ان جو اهو نتيجو نڪتو آهي جو انسان خود آگاهي ۽ جي منزل کان هٿي عيب جوئي جي ڏانڊ ۾ ڦاسي پيو آهي. مرحوم ثنائي اٿي ۽ گاڏي ڏاڍن هن ريت چيرائي ٿو :

پين جا تڪي عيب هڪ ٻيو
نہ اصلاح ڪنهن آپڻهنجو ڪيو
تڪي عيب ٻڌهنجا ۾ هڪ ٻي
حقيقت جون ديدان پون پوءِ ڪلي (۲)

(۱) ثنائي ثناءالله ، قلمي بياض ، تان
(۲) ايضاً ، ملان ۽ موالي ،

مولانا ثناءالله ثنائيَ پنھنجي معاشري جو حساس فرد
ھو. جڏھن ڏھن محسوس ڪيوتہ سماج جا سمورا ٽنڊا پورپوري رھيا آھن.
امن ۽ اتحاد، صلح ۽ آشتي جا ڳٽ ھر ڪنھن لاءِ اوڳٽ بڻجي چڪا آھن. تڏھن
ھو پنھنجي نصيحت جوئون رنگ ولي خطبن جي نئين انداز ۽ ڪڪ مثالي ناصح
شاعر جي حيثيت ۾ صلح ۽ آشتي قائم ڪرڻ واري ذميواري ھن ريت نياڻي تو:

ڪتي آن ادا صلح مومن جا يار
اسان کي چئي چوڪيئہ دوست دار
سوا تنھنجي آھيون ٽيا در بدر
ھمت، نہ طاقت، نڪو زور بار
سوا تنھنجي آھيون رلي ٽيا خراب
ٻچيا آھ باقي نہ عزت نہ آب
سوا تنھنجي ٽيو حال ھيٺو زبون
جدائي جلائي ڏٺايو آ خون
آکي تون اسانجو ھئين غم گسار
اسان ساڻ تنھنجو پکو ھو پيار (۱)

ثنائيَ مرحوم جي ناصحانہ ڪلام جي سرچشمن
انداز ۽ طريقن جي نشاندھي ڪرڻ کانپوءِ اسان جڏھن سندس ادبي قسم
جي ڪلام جي ڪٽ ڪريون ٿا تہ ان ۾ اسانکي موضوعن ۽ مضمونن جا ڪيترائي

(۱) ثنائي ثناءالله ، صلح جو پيغام، قلمي بياض

موتي نظر اچن تا. ۽ سان چگائي ڪرڻ، عيب کان پاڻ کي آجو رکڻ، مثالي انسان ٿي معاشري ۾ رهڻ، ۽ جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ ۽ پياڪيتائي موضوع آهن، جن تي مرحوم ثنائي دل کولي لکيو آهي. انهن مان جيڪڏهن هتي چند مثال پيش ڪجن تہ کوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

انسان اشرف المخلوق آهي ۽ هو جڏهن ڏٺي ٻڌي ڪنهن ٻي جي آڏو ڪنڌ جهڪائي ٿو، پاڻ جهڙي مخلوق کان ڊڄي ٿو، يا ڪنهن کان متاثر ٿئي ٿو تہ سندس عظمت جا سمورا ميناريون اچي پٽ پون تا. ان ڪري انسان کي احساس ڪمتري ۾ مبتلا نہ ٿيڻ گهرجي. پنهنجي حيثيت کان سواءِ ڪائنات جي رهڻڻي ۽ قدرن کي بہ قبول ڪرڻ گهرجي. هن دنيا ۾ هوندڙ آهي تہ ڪيس دوستيون ۽ دشمنيون بہ ڪنديون پونديون. پر انهن جذبن سان انصاف ڪيئن ڪري؟ ثناءالله ثنائي اها ڪيفيت هن ريت ڪري ٿو:

هڏ رکڻ خدا کان، خلق کان ڀو بي هڏ رتي پئه
ملائڪن ۾ وڃ ڄين ٿو، جو هميشه توسان دشمن
ٿيندو رهي ڪارائي، ڪٽي کڻو ڦري پئه
گهرين ٿو جي پلائي، برف جيان ٿو ٿي وسي هر دم
نہ جنبش ڪرڻ کي چوڻ، ٿڪي محڪم ٿڪرتي پئه (۱)

(۱) ثنائي ثناءالله 'قلمي بياض' تان

حضرت آدمؑ کان وٹي اهوکي انسان تائين هن دنيا ۾ جيڪو آيو، سو هٿين خالي واپس وريو. هيءَ دنيا انهيءَ حوالي سان بي بقاءِ عمل جي جاءِ آهي. عمل جي ميڙي چونڊي کانسواءِ هرڪو انسان هٿان کابه شيءِ کٽي نٿو هوڻي. جنهن به انسان محل ۽ ماڙيون اڏايا، دن ۽ دولت ميڙيو اهو هٽ تہين جي لاءِ ميڙي مري ٿو. پوءِ اها پوين جي مرضي ته اها استعمال ڪيئن ٿا ڪن. انسان جي انهيءَ عادت کي متائڻ لاءِ دنيا جي ڪيترن ئي دين ڌرمن ۽ انهن جي مبلغن آواز اٿاريو. اها ساڳي تند ثناءالله ثنائيءَ هن ريت تنواري ٿو:

ايدائي چڏي لک ويو هاءِ هاءِ
انهن هن پٽن ۽ نيا ٽيءَ جي لاءِ
مگر ڏس ته ڪيئن ٿو مري ۽ لڏي
۽ن واسطي ڪل ٽپڙ ٿو چڏي
دنيا محنتن ساڻ ميڙي ٿو جا
قبر ڏي نئي ڪين ٿو ساڻ سا (۱)

اها ساڳي ڳالهه ۽ن لفظن ۾ ثنائيءَ اسائڪي هن ريت سمجهائي ٿو:

دنيا دنيا ٿو ڪرين، پر دنيا جو هي حال
جو ڪاڏي سو ڪپي ويو، فنا تي فى العال

(۱) ثنائي ثناءالله، تحفي توپي، ص ۴

جو پھريئہ سو پرائوٽيو ، لڳس زور زوال
جوڏنئہ لڳ ڏاتار جي ، سو موتي ملندءِ مال
ڏهه دنيا ستر آخر ، حديث جو مثال
چئي ثنائي ڪر سوال ، تہ عاقبت آجي ٿئي (۱)

صبر ۽ تحمل جي اهائي اهميت آهي جو الله تعالىٰ صابر بندي جي صبر جو صلو 'ان الله مع الصابرين' [۲] فرمايو. انهيءَ اعلىٰ گٽ جي هر ڪنهن انسان دوست پنهنجي پنهنجي لياقت ۽ صلاحيت مطابق تبليغ ۽ تشريح ڪئي آهي ، حضرت علي ڪرم الله وجهه جو قول آهي ' صبر اهڙي سواري آهي ، جيڪا سوار کي ڪڏهن به ڪرڻ نٿي ڏئي [۳] پر صبر ڪرڻ سولو ڪونهي بقول ثنائيؒ :

صبر جڙ ۾ ڪرڻ آهي ڏهن مارڻ
ڪٿي جي ڪار آهي ٻاهه ٽارڻ
تحمل زهر کان ڪوڙو آ هاڻي
طبيعت جي اندر ويٺو تہ ساڪي (۴)

اهڙي اهميت ثنائيؒ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترن هنڌن تي صبر جي تلقين ڪئي آهي ، ڏوئيءَ کي دفع ڪرڻ

---

(۱) ثنائي ثناء الله ' قلمي ٻياض ' تان
[۲] قرآن حڪيم پاره ۲ سورة البقرة آية ۱۵۳
[۳] ص ۵۶
(۴) ثنا جي ثناءالله ' محمود غزنوي '

۽ خودي ءَ جي کوٽي خيال کي ختم ڪرڻ کان علاوه پنهنجي هستي ۽ هوڏ کي وساريڻ جو سبق ڏنو آهي. جيڪي انسان انهن ڳالهين تي عمل ڪندا انهن کي ئي مقصد جا موتي ملندا. مولانا ثنائيؒ رقمطراز آهي:

هو چونئي تون نه چئه، هو هٽئي تون اُلار	
صبر واري سيڻ، ملحد کي مار	
ثنائيؒ چئي سيڻ يم، دوئي هرگز نه ڏار	
کوٽي خيال خودي ءَ هم، خامي نه ڪائيم خار	
هستي هوڏ وسار، ته گهر ديئي گهوٽ تئين	(۱).

عملن جو مدار نيت تي آهي. حديث پاڪ آهي انما الاعمال بالنيات [۲]. انهي ءَ ڪري جيڪڏهن ڪو زردار پنهنجي ڏاهي ناموس خاطر ڏن ۽ دولت لٽائي پاڻ کي سخي ۽ اُتم انسان سڏائي ته اهو سندس خود فريبي آهي. ڇوته مثالي انسان ٽٽل لاءِ پنهنجي مَن کي مارڻ ۽ هوڏ کي هارڻ پوي ٿو، ۽ جنهن انسان هوڏ هارڻ بدران ڏن ۽ دولت جون جهوليون هاريون، سو پڪ وڏو انسان نه آهي. ثنائيؒ اهڙي ٻوڪار کي تنبيه ڪندي سخت گير لهجو اختيار ڪري ٿو:

ٻوڪار ٿي لٽائيه سال کي، ناموس جي ڪارڻ	
نه هاريه هوڏ، ظاهر سون کي هاريه تہ چاهاريه	(۳).

---

(۱) ثنائي ثناءالله ’قلمي بياض‘ تان

[۲] حديث شريف

(۳) ثنائيؒ ثناءالله ’قلمي بياض‘ تان

دنیا ۽ دولت جي حوس انسان جي کمزوري رهي آهي، هو هميشه بن مان پارنهن ناهڙ جي چڪر ۾ رهيو آهي. قارون ۽ هامان جهڙن انسانن جا مثال اسانجي آڏو آهن. ٽنائي دنيا ۽ دولت کي هاڻي ۽ جو ويندي ڏسندي ٿو، ۽ ان جي طالب کي ويندي پٽيندي ڪتي سان تمثيل ڏئي ٿو، جيڪو هاڻي ۽ جيڏي ويندي کي به اکيلو پٽڻ چاهي ٿو، ۽ کنڊن ٻئي کي ويجهو اچڻ نٿو ڏئي،

هجي ويندي هاڻي ۽ جو کيڏو وڏو
ڪتو کين تان پي چڏيندو ڦڏو
پيغمبر جي آهي سچي هي ۽ حديث
دنيا ويندي طالب ڪتا ۽ خبيث

(۱)

انهن مختصر مثالن تي ٻڌل مطالعي مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ٽنائي ڪيترو ئي ناصحانه ڪلام چيو آهي، جيڪو معيار خواه مقدار واري ڪسوٽي جي حوالي سان ڪيس بهترين شاعرن جي صف ۾ آڻي بيهاري ٿو.

---

(۱) ٽنائي ثناءالله، قلمي بياض، تان

(iii) عشقيه شاعري

سنڌ جو مشهور اديب ۽ محقق ڊاڪٽر گربخشاڻي

مقدمه لطيفي ۾ رقمطراز آهي:

"دنيا ۾ ادنيٰ ۽ ادنيٰ انسان به حسن ڏي حيران آهي.
۽ ڏاڍو رغبت رکي ٿو. شاعر جي حالت ۾ پهريون
ڀيرو پهريون اثر جو حسن جي مشاهدي کري مٿس
پيدا ٿئي ٿو، سو آهي سندس وجود جو ورق ڏوئي
صاف کرڻ. سندس ساري هستي سونهن واري
شيءِ جي مشاهدي سان پر جي ڦٽار ٿيو پوي.
پوءِ اها شيءِ کي قدرتي نظارو هجي ڀلي انساني
حسن جو جلوو، شاعر اهڙي مشاهدي ۾ پاڻ کي
محو ڪيو ڇڏي ۽ پنهنجي شخصيت کي وساري
خود خوشيءَ جي آرسي ٿيو پوي".[1]

اها حقيقت آهي ته حسن سان چاهت رکڻ
انسان جي فطرت ۾ داخل آهي. شاعر قوم جو حساس ترين فرد هوندو
آهي. ٿناءَ الله ٿنائي جهڙو قادرالڪلام شاعر پڻ حسن جي حملي کان ڪيئن
بچي ٿي سگهيو. بار وانگر کوڪس چنبڙ ۾ ڇڏي ويو، چوندا آهن ته اکيون
دل جو دروازو آهن. جڏهن نظرون سان نظرون ملايون ته ڪنهن جي آڇ جي

---

(۱) گربخشاڻي هوتچند داڌنا (مرتب) 'شاهه جو رسالو' (مقدمه لطيفي) ص

اٿي سندس دل ڪٽي ويي پاڻ وت سو گهي ڪئي ، ۽ ثنائي کان داد هن ڪري وئي :

آئين پنهنجين مان دل نڪري آئين ۾ ٿي وڃي اٽڪي	
ڪشش جادوگري جهڙي رکي رب منجهه آئين آهي	(۱)

هڪڙهن عاشق آڏو سندس محبوب پيڪر حسن هوندو آهي ، هن جي هر ادا عاشق جي دل کي لوان لوان نيش ڏيندي آهي ، عاشق کي محبوب جي گفتار مان ڪڏهن ته جلترنگ جا سُر نڪرندي محسوس ٿيندا آهن ، ته ڪڏهن سندس رفتار ۾ مور موهت ٿيندي نظر ايندا آهن ، ۽ هوم ثنائي پڌهنجي محبوب جي ڪبڪ رفتاري جو ذڪر ڪندي هڪ غزل جي ست ۾ رقمطراز آهي :

اٿي رفتار ڪبڪي موڪي موهي ڇڏيو آهي	
تکي نوڪ پڌهنجي پيرن ڏي وڏوان کي خجالت آ	(۲)

رهگو ايترو نه بلڪ ثنائي جو مثالي محبوب سڀني صفتن سمهٽو آهي . هوسوندهن ۾ صداقت ، ناز ۾ نزاڪت جو پيڪر آهي . پوءِ جڏهن اهڙو محبوب عاشق جي آغوش ۾ هجي ته اها ڪيفيت قيامت کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي . ذرا هيٺيون شعر ملاحظه فرمايو :

---

(۱) ثنائي ثناءالله

(۲) _____ قلمي بيان _____ تان

_____ ايڌاءَ _____

| هڪ سو نفن، ٻيو صداقت، ٽيون نار ۽ نزاڪت |
| اهڙو حبيب هجڻ ۾، پوءِ ڪيئن نه ٿئي قيامت | (۱)

هاڻي جڏهن ثنائيءَ کي اهڙو من گهربو محبوب ملي ويو ته هوءَ جي هڪ گهڙي جي صحبت متان پنهنجو سڀ سياه ۽ املاڪ سڀ پيرا صدقي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. انهيءَ وقت هو پنهنجي انهيءَ جذبي کي هن بيت لفظن جي بندش ۾ آڻي ٿو:

| ڪيان سڀ سياه ۽ املاڪ صدقي سڀ دفعا تو تان |
| ثنائيءَ سان سچ سهڻو ڪري جي هڪ گهڙي صحبت | (۲)

عام چوڻي آهي ته عشق ۽ مشڪ لڪي جا نه آهن. سو ثنائيءَ واري سڪ به هٿي هنڊ ڪيو ۽ عام فاصلي سندس عشق جو چرچو ٿيڻ لڳو. پر انهيءَ منزل تي پهچي عاشق اهڙو ته نرچو ٿي پوندو آهي جو ڪنهن ڏمائي جي طعن تشنن ۽ لَسَ لوبَ جي ڪا پرواهه ئي ڪانه هوندي آهي. هو پنهنجي محبوب جي محبت جي عيوض سڄي دنيا جي عداوت قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. هوانهيءَ گجهه کان مراسان نه هوندو آهي ته سندس عشق جو مشتهر ٿيڻ هن جي لاءِ بدنامي جو باعث بڻجو. ثنائيءَ جي به اهائي ڪيفيت آهي ذرا ملاحظه ٿئي:

---

(۱) ثنائي ثناء الله قلمي بياض تان

(۲) ايضاً

عشاقن سان عوامن جي ملامت ٿي ته چا ٿي پيو
سڄڻ ري ساري عالم ۾ عداوت ٿي ته چا ٿي پيو
ملايو محب آمولي ، لٽا اولا ، ٻگا ٻولا
اسانجي عشق جي ظاهر حڪايت ٿي ته چا ٿي پيو (۱)

ثنائي جي صنم جو جلوو ۽ جمال سڀ چنڊ
کان به سرس ۽ سلالو آهي ، جيڪڏهن هوءَ هر نڪري دنيا کي پنهنجو
ديدار ڪرائي ته هوند سڀ شرمڪان لکي وڃي ۽ ڪري چانڊن ڪري
ڇڏي ، سندس محبوب جيڪڏهن پنهنجي منڌ وات سان ڦڪي ڦڪوءَ
کي ڀلجي چکي وڃي ته جيڪر اها ڦڪي عاشقن لاءِ نايابن مصري ٻڌجي
پوي . اهڙن جذبن کي ثنائيءَ پنهنجي شعر جي مالها ۾ هن ريت پوئي ٿو :

جي اچي هاڻي سڄڻ درشن ڪرائي پا نهنجو
سڀ شرمڪان منهن لڪائي چانڊن ڪري ڇڏي وڃي
جي ڪجي ڦڪي ڦڪي لڄي وهن شيرين سان
عاشقن جي واسطي نايابن مصري ٿي وڃي (۲)

هاڻي ثنائي جو جيڙ جاڻيءَ سان آهي .
جيڪڏهن جاڻيءَ ڪان ڏائي ٿي ته پوءِ جيڙ ڏري ڪهڙو ، ان کان ته
موت پلو آهي . اهڙي ڪيفيت جو اظهار ثنائيءَ پنهنجي هڪ غزل جي شعر

---

(۱) ثنائي ثناءالله ، قلمي بياض ، تان

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

هن ريت ڪري ٿو :

| جيءُ ته جيءُ محبوب سان نه ته مَرُ مرڻ آهي پلو |
| هن دنيا جي دور ۾ فاني هجڻ آهي پلو | (۱)

هاڻي عاشق جي لئون لئون ۾ لڳار لڳل آهي.
ڪيس انتي ويئي، ستي توڙي سجاڳي ۽ ۾ فقط ان جي ئي تات تنوار آهي.
سندس دل جي پردي تي محبوب جي مورت ائين اڪيرل آهي جو جيڏانهن
نظر ڪٽي نهاري ٿو تہ ڪيس پريان ۽ جو پرو وئي نظر اچي ٿو. اهڙي ڪيفيت
کي ثنائي پنهنجي هڪ غزل ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو :

| انتي ويئي سُتي دلبر ، اِتي دلبر هُتي دلبر |
| ڏٺم هر جاءِ تي دلبر ، نہ طالب آ تي دلبر | (۲)

جڏهن ثنائي فنا في الحسن واري منزل کي رسيو
تہ گويا ڪيس ولايت ملي ويئي. هاڻي هن جي لاءِ محبوب جو نالو وٺڻ به
عبادت ۾ شامل ٿي ويو. اها مجازي عشق جي آخري منزل آهي. هو
پنهنجي مذڪوره فلسفي کي شعر جي سٽن ۾ هن ريت پيش ڪري
ٿو. ملاحظہ ٿئي :

| وٺڻ محبوب جو نالو عشاقن جي عبادت آ |
| فنا في الحسن ٿي وڃڻو اها هڪڙي ولايت آ | (۳)

---

(۱) ثنائي ثناء الله ـــــ قلمي بياض ـــــ تان
(۲) ـــــ ايضاً
(۳) ـــــ ايضاً

سدائين ساڳيا ڪيفيت ڪانه رهندي آهي. وچوڙو
ڏاڍو ڪمبت جي سڪي جو ايو پاسو آهن. ڪڏهن ته يار سندس آغوش
۾ هو ۽ اڄ هو فراق جي ڪوٺاري ۾ پيو رهيو آهي. هاڻي ته فقط
ماضيءَ جون يادون ئي سندس همدم ۽ غمخوار رهيون آهن. اهي
يادون جيڪي وسارڻ جون نه آهن.

| اهي ڏينهن موڪلي اچان يار آهن |
| وسارڻ جڏيان ها، وسارڻ جا ناهن |
| نظر سان نهاريون نماڻا هليا وڃا | (۱)

هاڻي جانيءَ جي جدائيءَ ثنائيءَ جو جيڙ جنجال
ڪري ڇڏيو آهي. وچوڙي ۽ فراق سبب دنيا جون آسائشون ۽ آرام هن
جي لاءِ حرام ٿي ويا آهن. ڪيس ڪاڏو زهر ۽ بستر ڪنڊا محسوس ٿي رهيو
آهي. سندس اهو مٺي گفتار، گل رخسار ۽ گهڻيءَ جو هار محبوب ڪاڏي دور
هليو ويو آهي. ثنائيءَ پنهنجي اهڙي واردات جو ذڪر پنهنجي هڪ غزل
جي سٽن ۾ هن ريت ڪري ٿو:

| هڪ جدائي، ٻيو وڇوڙو، تين فراقن جي فرياد |
| جو به جهي پاڪر، گهڻيءَ جو هار سو ويندو رهيو |
| ٻوڙ ماني زهر ٿي ويا، بستر پاڻيان ڪنڊا |
| اڄ شڪر گفتار، گل رخسار سو ويندو رهيو |

---

(۱) ثنائي ثناء الله 'قلمي بياض' تان

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ

محبوب جي مسلسل جدائي سبب ثنائي جي حالت رحم جوگهي ٿي آهي. هو محبوب لاءِ مري پوگهي ٿو. دعائون ۽ زاريون ڪري ٿو، ته من مولا کيس محبن سان ملائي پوري اهي مسرت ۾ يا ڏينهن موٽي اچن. هو پنهنجي اهڙن جذبن جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

ثنائي سڀ لئه مري ٿو گهري ٿو
دعائون ۽ زاريون ڪري ٿو گهري ٿو
محبن ساڻ مولا ملائي ڪلائي (۱)

۽ آخر فراق جي چوٽ ثنائيءَ کي دنيا جهان کان بي خبر بڻائي ڇڏيو. سندس سمجهه سياڻپ ۽ ڪري اڏامي ويئي. دل کي ٻيا آرامي وڪوڙي ويس. من ۾ ماڏ ڪائي لٽالٽرون. سندس پنهنجي ذهن ۽ جسم تي ڪو اختيار ئي ڪونه رهيو. عمر جي بارهينان ڏهيي گويا هو پنهنجو وجود وڃائي ويٺو آهي. هو اهڙي ڪيفيت کان پنهنجي محبوب کي گوش گذار ڪندي هڪ غزل ۾ رقمطراز آهي.

اوهانجي عشق ئي جاني بڻايو بي خبر آهي
سياڻپ سمجهه وئي گذري نڪو دل کي صبر آهي
هيئون حيران من ماندو لٽالٽرون بڌ بيوس
فراقن آفتيو دل کي عمر ۾ تيو گذر آهي (۲)

---

(۱) ثنائي ثناء الله — قلمي بياض — تان

(۲) ——— ايضاً ———

محبوب جي فراق ۾ ثنائي جي صبر جو پڌاڻو

لبريز ٿي چڪو آهي. پر ويچارو سواءِ حسرت جي ڪري به ڇا ٿو سگهي. هاڻي سندس سيني ۾ جن حسرتن جنم ورتو هو، اڌهن ۾ ئي ڇا هيو ٿي ته ڪاش منصبو محبوب موٽي اچي منصبو اڻ ڪٽ اجاري ته مان دل کولي سندس خدمت ڪريان. هٿ غاليچا وڇايان ته جئن مدهيو محبوب سمهي فرحت ڪري. بريون ٻڪريون ڏهي ڪيس خوشيءَ وچان ڪيرپيارياں. وڇوڙهڻان، زوريون ڏيان. ڦٽي ڏئي سندس سيڌ سنواريان. خلوت ۾ ڪيس دل جا سمورا حال اوريان ۽ اندر جو اوهر ڪيان. اڌهن جذبن کي ثنائي لفظن جو روپ ڏيئي ڪهڙي عبريت ڪاغذ تي منتقل ڪري ٿو. ذرا ملاحظه فرمايو:

ملين دلدار لون موٽي ته مان تنهنجي ڪيان خدمت
وڇايان هٿ غاليچا سمهين سهڻا ڪرين فرحت
بريون ٻڪريون ڏهي تو کي خوشيءَ سان ڪيرمان پياريان
وري وڇوڙهڻي ۽ زوريون ڏئي دل جي ڪيان رحمت
ڦٽي ڏئي تنهنجي وارن کي سنواري سيڌ مان ٻاهيان
ڪري ارمان ڪل دل جا وري خوش ٿي ڪيان خلوت (۱)

ناميدي گناه آهي، مولانا ثنائي کي الله جي رحم ۽ جي اميد آهي ۽ ته هڪ ڏينهن مولا ضرور ڪيس محبوب سان ملايو

(۱) ثنائي ثناءالله 'قلمي بياض' تان

ڪرائيندو. اڌڪاريءَ پنهنجي يقين جي نيڀ جي پر سندس دل تان غمن جو بار لهي ويو آهي، ۽ پاڻ کي مطمئن محسوس ڪري رهيو آهي.

اي ثنائي غم نه ڪر ميلو وري مولا ڪندو
هن دلاسي سان غمن جو بار سو ويندو رهيو (۱)

جڏهن وڇوڙي جي غم ثنائيءَ کي بيوس بڻائي ڇڏيو ۽ سندس محبوب اڳڻ تي ڪونه موٽيو تڏهن ڪڏهن صبا کي تڏهن ڪڏهن ڪنهن پکيءَ کي قاصد بڻائي پرين ڏانهن جي پار ڏي تي موڪليو تڏهن حاضير جي خبر ڪٽي اچي.

اي صبا تو کي وڃائي يار ڏي تو موڪليان
ڏي وڃي نيا پو سڄڻ سردار ڏي تو موڪليان (۲)

اُردو زبان جي مشهور شعر 'مشڪلين اتنی پڑين هم پر که آسان هوگئين' جي مصداق جڏهن ثنائيءَ جو هيئڙو لوهه سنداڻ جيان ڏکن سهڻ جو عادي ٿي ويو تڏهن چئي ڏنو :

سيئي سور صدا منهنجي دل سهي وئي
ڏهي وئي ڏاهي وئي لهي وئي ڏاهي وئي (۳)

---

(۱) ثنائي ثناء الله ' قلمي بياض ' تان

(۲) ايضاً ' مهاڻ ثنائي ' ص

(۳) ايضاً ' قلمي بياض ' تان

آخر ثنائيَ جي سوز ۽ گداز، آهُن ۽ دانهن پڌهنجو اثر ڏيکاريو ۽ قاصد ڪامران ٿي واپس وريو. پرينءَ جي پار جو ڪاغذ ڏسي اڄ هو خوشيءَ ۾ ٽوماپي. آئين جي تار جي ڪاغذ کي چمي چشمن سان لائي ته ۽ رب جا شڪرانا ادا ڪري. لوڪ کان لڪائي ورَ ورَ ڪري پيار جو پيغام پڙهي ته. پيغام آڏيءَ پکيءَ جي پرن ڪي چمڙ چاهي ته. ڪاغذ ۾ ثنائيَ جي محبوب ماڻهن تي موٽي اچي عاشق جي آڻ اجارڙ ۽ رس پريون رهاڻون ڪرڙ جي خوشخبري ڏيکي آهي، جنهن ڪري ثنائيَ انهيءَ اقرار تي بيحد خوش آهي. هو اها سموري روداد هڪ غزل جي ستن ۾ هن ريت بيان ڪري ته:

ڪيان شڪرانا اڄ آيو پرينءَ جي پار جو ڪاغذ
چمي چشمن مٿي لايان آئين جي تار جو ڪاغذ
لکيو هوندي سچي دلبر، لکايون تو پڙهان هر هر
چمان قاصد سکيءَ جا پَر، پڙهان پيو پيار جو ڪاغذ
مدا اڳڙ يار جا گايان، پلايون تنهن سنديون پانيان
ڪري تعويذ مون پايان هيئين جي هار جو ڪاغذ
لکيو دلبر ته ايندا سي، ملاقي مست ٿيندا سي
ثنائيَ سور ٿيندا سي، مليو اقرار جو ڪاغذ (۱)

(۱) ثنائي ثناءالله 'قلمي نياڻن' تان

(۱۷) مزاحیہ شاعری

تعارف :

ان گالھ ۾ کو به شک نہ آھي ته مولانا ثناء الله ثنائيَ مذھبي خاندان جو چشمو ۽ چراغ ھو ، ۽ ديني عالم ھئڻ جي ناتي سان سندس شاعريءَ جو وڏو حصو مذھب ۽ اخلاقيات جي موضوعن تي مشتمل آھي . ليڪن سندس شخصيت جا فقط اھي ئي رنگ ۽ روپ نہ ھئا . مرحوم جي سوانح شخصيت ۽ ڪردار بابت جيترو به سوادھٽ ڪيو ويو ۽ ان لاءِ ڪتابن جا ڪٻٽ اڪلايا ويا ، يا ماڻھن سان ملاقاتون ڪيون ويون ، انھن مان صاف صاف ڏسجي ٿو ته ثنائيَ ۾ ٻھار شخصيت جو مالڪ ھو . حاضر جوابي ۽ بذلہ سنجي ۾ سندس جواب نٿو ملي . مرحوم ثنائيَ زنده دل انسان ھو . ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ مزاح جو عنصر موجود آھي . ۽ سندس مزاحيہ شاعريءَ ۾ شگفتگي ، برجستگي ۽ اخلاقي قدر سمايل آھن . جنھن جو اھم باب اھو ئي ٿي سگھي ٿو ته پاڻ ھڪ ديني عالم ۽ باعمل انسان ھو . ۽ جڏ ته مذھب انسان ۾ حق گوئي جون ٿوٽون پيدا ڪري ٿو ، انڪري اسانجي ڪيترن ديني عالمن جي تحرير ۽ تقرير طنز جي رنگ ۾ رنگيل نظر اچي ٿي ، ۽ اھا جھلڪ اسانکي مولانا ثناء الله ثنائيَ جي شاعريءَ مان پڻ ملي ٿي .

انھيءَ حوالي سان مرحوم ثنائيَ جي شاعري طنز ومزاح جو گلدستو آھي . البتہ سندس اھو طنز ومزاح فاضل شاعر جي شگفتہ جذبات جي پيداوار آھي . سندس اھڙي شاعريءَ ۾ ڪِلَ پوڳ ۽ چرچن جي سطح کان ملي اصلاحي تنقيد جو عنصر غالب نظر اچي ٿو . ۽ ان ھوندي به طنز ومزاح ۾

من فاضل شاعر جو اسلوب ۾ ين کان الگ ۽ بنھ نرالو آھي.

مولانا ثنائي جي ھن قسم جي شاعريءَ جو مطالعو ڪيترن ئي زاوين کان ڪري سگھجي ٿو. توجہ لائق ڳالھ ھيءَ آھي تہ سندس سموري طنز و مزاح واري شاعري ٻن قسمن جي آھي. پھرين قسم ۾ فاضل شاعر پنھنجي معاشري جي مخصوص ڪردارن کي پنھنجي طنزيہ شاعريءَ جو موضوع بڻايو آھي. جن ۾ مُلان، موالي، مرشد، وڈيرو، وائيسراءِ ڪامورو ذڪر لائق آھن. ھي قسم موجب مولانا ثنائي مرحوم معاشري جي رسمن، رسمن، حالتن ۽ واقعن تي پنھنجي ظرافت جو اظھار ڪيو آھي ۽ اھڙيءَ طرح ھو مختصر ڳالھ ۾ معانيءَ جا دريا ٻڌائي پڙھندڙن آڏو پيش ڪري ٿو. البتہ سندس اھا طنزيہ شاعري معاشرتي عيبن ۽ اوڻاين کي تنقيد جو نشانو بڻائڻ وقت تضحيک کان وڌيڪ تمسخر جو نمونو بڻجي بيھي ٿي. ھن پنھنجي اھڙي شاعريءَ کي مزاح، بذلہ سنجي ۽ نڪتہ طرازي سان سينگاري پيش ڪيو آھي. انھيءَ ڪري سندس ڪلام ڪمال جي درجي تي پھچي وڃي ٿو. جيڪڏھن انھيءَ کي نڪتہ و بيان ۽ حسن و اظھار جي مثالي حد چئجي تہ ڪوبہ وڏاءُ نہ ٿيندو.

مولانا ثنائي جي مزاحيہ شاعري مقدار ۽ معيار جي لحاظ کان بھبھي ۽ سٺي آھي. فاضل شاعر انھيءَ موضوع تي 'مُلان ۽ موالي' جي عنوان سان ھڪ مڪمل ڪتاب تخليق ڏنو. ان کانسواءِ باقي شاعريءَ ۾ پڻ مرتعي محل جي نزاڪت موجب مزاحيہ رنگ اختيار ڪيو آھي، جنھن کي اھڙي

ته مؤثر ۽ عمدي نموني ۾ پيش ڪيو آهي جو پڙهندڙ واه واه ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي .

مولانا ثنائيءَ معاشري جي مختلف ڪردارن کي پنهنجي طنزيه ۽ مزاحيه شاعريءَ جو اهڙي ته انداز سان موضوع بڻايو آهي ، جو هنن به ڪردارجي دل آزاريءَ يا توهين نٿي ٿئي . مثال طور اسان جي هن عوامي شاعر موالي ءَ جي مڪان جوڙ سوڙ ته ڪهڙي ءَ ريت جائزو ورتو آهي . ملاحظه فرمايو .

صفا صاف چوگان دونهي ڪري
حقو چلم بڙڪاٽ هر ڪو سڪي
منجهس ڪوڙ موجود ڪونڊا ڪبير
جنهن ۾ پيا پنگ ڪوتن فقير
ڪٽ ويڙهه وارا جي ڪاري هٽن
لڳي شرط خوش بالگ باري هٽن
رهي پيو منجهس مرتضائو فقير
هڏي لُنگ بلڪل بڻيو بي نظير
مٿان وات جي خوب شهپر چڙيل
خصي وار ڏاڙهيءَ تي پاڪي گهيل
ڏنڊو دست ، الفي بدن تي رهي
ڪلهي جي مٿان مهر شمباز جي
وڏي چيرپيرن ۾ آواز جي

شڪل ۾ اتر پيو گهني مل ڪان گهري
ذري گهٽ اُڏي مل جي چوٽي ڏري (۱)

انهيءَ منظر جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ثنائيءَ ڪيئن نہ باريڪ بينيءَ سان پنهنجي معاشري جو مائرو ورتو آهي، ۽ هر گالهہ جي نشاندهي ڪيئن نہ مزاح جي رنگ ۾ ڪري سگهيو تو.

مولانا ثنائيءَ پاڻ ديني عالم هو، مگر مُلان جي جنهن ريت نشاندهي ۽ ڪردار نگاري ڪئي اٿس، اها پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هو پنهنجي هڪ شعر ۾ رقمطراز آهي:

ڏسڻ ۾ تہ آهن گهڻن ڪان غريب
اندر ۾ بگهڙ ڪان برا بي نصيب
اهو سوال هر دم پيا ٿا گهرن
مرن پر دنيادار سڀا مرن
صفا صاف ڏاڙهڙ اهي ٿو ڏسڻ
بگهڙ باز پيٽي چندا چورڻ
مئل جي ڪفن ۾، لٽڻ ۾ اڳيون
پليتن انهن رمز وارين ڪيون
جماڻي جا سيرا ڏيئون ٿا هٽن
تہ يي ڪين پر جن ڪيون ٿا ڪٽن

۱) ثنائي ثناء الله 'ملان ۽ موالي' ص ۹ ص ۱۰

جٹ مات سان کوہ پرجي نٽو
مُلن جو تيئن روح پرجي نٽو (۱)

مولانا ثنائيَ انهن ڪردارن جي اوٽ ڪيترين ئي برائين جي بيخ ڪڻي ڪئي آهي ۽ اوگٽ خلاف قلمي جهاد ڪيو آهي. مثال طور بخل هڪ وڏي برائي آهي، جنهن جي سڃي پر اچي جاءِ جوڙي انهيءَ کي ته ساڙي ناس ڪري، پر بخيل جا رتبا به انهيءَ جي پيٽ کان ٻچي نٿا سگهن. ثنائيَ مرحوم پنهنجي مزاحيه رنگ ۾ رئيس علي خان جو هڪ خيالي ڪردار پڙهندڙن آڏيان پيش ڪري ٿو. جنهن جي صورت ۽ سيرت جي عڪاسي هيٺين لفظن ۾ ڪري ٿو:

ڳڏ جوان چرٻو هو پرٽي جي رات
انهيءَ ۾ پيو تِڏ هو پانت پانت
ڏهين سال هڪڙي جتي مس چڙي
مٽيءَ گنڊ جي گنڊ ويٺو مٽهي
سدا ورَ وِڏل ۽ ڏانداري ڪلهي
پيو پاڙ ميڙي مٽاهون ٽلهي
ڇپو پار ڦٽڪي نه پائي نه ڏي
ائين مفت پنهنجي ڪمائي نه ڏي
ڪهر جي به واٽيو کوآٽي ڪٽي
تڏهن ڏو تهين ڪي هو جوتا هٽي

(۱) ثناءالله ثنائي، "ملان ۽ موالي"

مَي بيمار پاتي نہ آڻي طبيب
چُڙي کو چِنڀي ، پاڻهي يا نصيب
کنهين وقت ٻاهر جي ويندو هيو
تہ هڙ عيد جو ڏينهن ٿيندو هيو
مڇي گوشت يا ڳَرَ مٺائي ونڊي
کندا ٻار پر پٽ ڪُني هاڻي (۱)

مشهور چوٽي آهي تہ ڏاڇي هٽي ڏهہ تہ ٽوڏو هٽي تيرهن ، رئيس علي خان جو پٽ تہ پيءُ جو به اُتر نڪتو. ٿنائي سندس بخل ۽ ڪنجوسيءَ جي منظر نگاري هيٺين لفظن ۾ ڪري ٿو :

ڪٽي پيءُ ڪان پي زياده قدم
سبائي جُتي پوءِ ڪنيائين قسم
جي ٻاهر هووندو هٽن ۾ جُتي
نہ پائي تہ ڏاري جوهجي ڏَرَ تتي
وڃي جي ڪٽي لاڙ ڪاٽي لڏي
نہ ڪائي ڏنائين ڪتل جي گهڙي (۲)

هتي نہ آکھ ڪيائي گهمري آهي . ٿنائي جي دريافت جمع خان جي پوڙهي ماءُ جي درياءِ دلي ڏسو. موت جي منجهيءُ تي سڪرات جي سير ۾ به سندس ساه مال اسباب ۾ اٽڪيل آهي ، ذرا

(۱) ٿنائي ثناءالله ، 'ترهي توپي' ، لاڙڪاڻو ، انقلاب پرنٽنگ پريس ، ۱۹۳۱ء ، ص ۳
(۲) ايضاً ، ص ۵

ملاحظه فرمايو :

جمع خان جي ماءُ بيمار ٿي
وڏي ڪنگهه اندر گرفتار ٿي
کهين ڏينهن لاچار پئجي رهي
نه ورندي ڪا واکو نه ڪوڏ سهي
جنهين وقت قرآن آياڪٽي
ڪاڙي چوڻ تي متو پوهٽي
حياتي جي آهي ترپوندس چٽي
وهو تار ويئي روڪ جي چوچٽي
ملان چوڻ تيا خير تاري قضا
نوصدقو ڪري رد ٻيڙي بلا
ڪاڙي ڄجي ڪن هي ڀڙلاءِ پيو
تہ وچيرا نينگر ڪهي تو پيو
ٻوڙيئي انتي جٽڪ بيمار ناه
ڪهوکين وچيرا درڪار ناه
اهابڙ پلي جي مان پالي اٿم
ڏيئي ڪيرلسي سڀالي اٿم
خبردار هن کي نه هرگز ڪهو
متان مان مرها کونه مينهون ڏهو

ايئن چئي ڪري بند تي وئي زبان
رئڙ ٽيامٿئي پوءِ ڪٽن مينهن ڪاڻ (۱).

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ مولانا ثنائيءَ انهن ڪردارن جي ڪهاڻي بيان ڪندي ڪئي ڪئي مزاح جون منزلون اُڪري وڃي طنز جي پيچري تي پهچي ٿو ۽ ان وقت ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ هن فاضل شاعر نڪتہ سنجي ، نڪتہ طرازي ۽ ظرافت کان وڌيڪ برجستگي ۽ بي ساختگي جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ سندس تنقيد جي شدت مان تضحيڪ جو گمان پيدا ٿئي ٿو. پر ان هوندي بہ دل آزاري کان بچڻ لاءِ هن پنهنجي مزاحيہ شاعريءَ کي عوام تائين پهچائڻ جو ٻيو طريقو اختيار ڪيو آهي ، جنهن مطابق قصو يا ڪهاڻي جوڙي پڙهندڙن لاءِ هڪ ئي وقت تي وندر ۽ نصيحت جو سامان مهيا ڪيو آهي. اهڙو رنگ سندس هيٺين سٽن مان ڏسڻ ۾ ٿو :

مُلان جو نقل ياد آيو اٿم
ڇنڊل شاه سهٽي ٻڌايو اٿم
مُلان کنهن ڪيو واعظ ۽ هيئن چيو
تہ مولا جي نالي ڏيو ڏي ڏيو
سڀاڻي سخي مر خوشين ۾ ملن
ٻجهاڪ جي ڏهن ڏهن چڱاين ملن
ملياڻي سندس زال سوڀئي ٻڌو
اها جو ٻئي گهر ستو ٻئي ستو

وڃڻ ساڻ دعوت رنڊڻ تي وئي
وڏيئن جُودَ ۾ چار چوزا پُڄي
مُلان گهر اچي جو ڏٺو حال هي
ته ڪاوڙ ۾ ڏاڍو ئي لال هي
ڇيئن نال کي چاڪرين تي دلي
ڪيئه ڪوڙ نقصان رهڻن رُلي
انهي ڪَلاءِ هو وعظ منهنجو ڇڙي
ته ڪير جي هين مان پلي تاهري
مُلڻ جو اهو حال آهي ادا
ڏين ڪين پائي، وڻن پياسدا
نه ڪٽلين کي اکيون، نه نانگن کي پير
نه مُلان کري مُور خيرات خير (۱)

مولانا ثنائي جيڏن ته عوامي شاعر هو، ان کري پڌهجي طنزيه شاعري ڪَلاءِ خام مال عوامي حڪايتن، روايتن ۽ مثالن مان پڙ ورتو اٿس. مثال طور مُلان جي قول ۽ فعل جي تضاد بابت اسانجي عوام ۾ مشهور ٽوٽڪي کي ثنائي هن روايت منظوم صورت ڏني پڙهندڙن اڳيان پيش کري ٿو:

ملياڻي پرائو ڪڍ هو ڪٽو
مُلان يي اچي سو سمورو ڏٺو

(۱) ثنائي ثناءالله 'مُلان ۽ موالي'، شڪارپور، منظور بوڪ اسٽور، ص ۳۷ ص ۳۸ (الف چاپو)

چيائين اهو آهه ڪائڻ حرام
گند و مال چوريءَ جو تاون تمام
جڏهن هوڙ گاڙهو ردوءِ لٽو
مُلان جو ڏسڻ سان قهري ويو متو
پڇيائين ته پاڻي ته پنڌ ڪيو هيو
انهي هوڙ گاڙهي اندر جو پيو
چيائين ته مونکي رهگو ڏي رهو
ڪنا مسئلي بي خبر چو رهو
مليا ٽي وڃڻ تي رهو قهر ڪندي
ته هونئون وئي پاڻ پاسي ڪندي
ملان چيو ته جيڪي رضا سان اچن
انهي هونئون کين پاسي ڪجن
انهيءَ طرح سان هوڪڙ ويو گهي
اهڙا گالهه آهي مُلان جي صحيح (۱)

(۱) ثنائي ثناء الله ’ملان جي موالي‘ شڪارپور، منظور بوڪ اسٽور، ص ۳۸ ص ۳۹

ثنائي پنهنجي هڪ شعر ۾ هندن ۽ مسلمانن جو تقابلي جائزو پيش ڪندي ڪهڙي نه عمدي مزاحيه رنگ ۾ حقيقت جو اظهار ڪيو آهي، ملاحظه ٿئي؛

مسلمان آفيم کائن پيا
ته هندو هٿن تي کپائن پيا
مسلمان کي پنگ ڪيو بيقرار
ته هندو ٿيو پنگ مان مالدار
مسلمان ورتو ٽڪي جو تماڪ
ته هندو لکي چار آنا ٿيو چاڪ

(۱)

اڌهن مختصر مثالن مان ثابت ٿئي ٿو ته مولانا ثنائيءَ جي شاعري تعميري طنز ۽ مزاح سان پريل آهي ۽ انهي ڪسوٽي جي آڌار تي کيس پنهنجي دور جي ڪيل نامياري شاعرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

---

(۱) ثنائي ثناءالله، قلمي بياض، تان

باب ٻيو

داخلي ۽ خارجي شاهدي

شاعريءَ جو تقابلي تنقيدي جائزو

(الف) متقدمين کان ليل فني ۽ فڪري روايتن جو نياءُ

(ب) معاصرين جي فن ۽ فڪر سان مماثلت

(ت) مولانا ثنائيءَ جو پنهنجي دور جي علمي ادبي ماحول تي اثر

(ٿ) مولانا ثنائيءَ جي دور جي محقق، عالمن ۽ اديبن جي راءِ

(ج) علمي ۽ ادبي تحريڪن ۾ حصو

(ح) قلمي پورهئي جو تعارف

باب پيو

(الف) متقدّمين کان مليل فني ۽ فکري شاعراڻي روايتن جو نياءُ

مولانا ثناءالله ثنائيءَ جي شاعراڻي حيثيت کي متعيّن ڪرڻ لاءِ هن کان اڳ سندس ڪلام جو فني ۽ فڪري جائزو پيش ڪيو ويو آهي. اڳ پر عرض ڪيل ڪسوٽين مطابق هتي اسين اصو ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته ثناءالله ثنائيءَ متقدمين کان مليل فني ۽ فڪري روايتن کي ڪيتري قدر برقرار رکيو آهي. ۽ پنهنجي بزرگن کان ڪهڙا اثر قبول کيا آهن. هن مختصر جائزي پر شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ، خواجه محمد زمان، سچل سرمست، صمل فقير، بيدل، شاه محمد ديدار، حسين فقير ديدار ۽ بلي شاه جي ڪلام کي آڏو رکي قبول ڪيل اثر جي نشاندهي ڪجي ٿي. ان کانسواءِ اسانجي هن بزرگ شاعر فارسي شاعريءَ جو پڻ اثر قبول ڪيو آهي. انهيءَ حوالي سان شيخ عطار جو پڻ ذڪر ڪيو ويندو.

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي پر صوفيانه رنگ پر رتل هڪ بيت آهي:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات	
موندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا	(۱).

هيءُ بيت پر پٽ ڏيئي مرڻ کان اڳ مرڻ جو فلسفو بيان ڪيو آهي. جنهنجو مطلب جيئري ئي پنهنجي ستڻ کي مارڻ ۽ نفس پليد تي قابض ٿيڻ آهي. پوءِ اهڙن انسانن کي شاه صاحبؒ امر لوڪ جو ٿي.

(۱) ڪڏهن ڪڏهن ٿي

'شاه جو رسالو' سر: معذوري ص ۳۱۵

انهي اهم پيغام رسائي جي روايت کي ثنائي هن ريت ٻڌائي ٿو:

| جيڪي مري فاني ٿيا، شادي غمي ڪٿون سي ڇڏا |
| جيڙي وري جيڪي مڙا، تن جو جيڙ آهي ٻيلو | (۱)

هن بيت جي پهرين سٽ ۾ عام ماڻهوءَ جي موت جو ذڪر ڪيل آهي جيڪو مرڻ کان پوءِ فنا ٿي وڃي ٿو. دنيا ۾ باقي سندس ڪو نالو نشان نٿو رهي. سندس تعلق دنيا سان بلڪل ڪٽجي وڃي ٿو. ٻي سٽ شاه صاحب جي بيان ڪيل بيت جو عين عڪس آهي. جنهن ۾ ثنائي جيڙي پاڻ کي ماري مات ڪرڻ وارن انسان جي زندگيءَ کي سڏيو آهي. اهڙا انسان ئي وڏي قدر ۽ منزلت جا صاحب سڏيا آهن.

ساڳي رنگ ۾ ثنائي مرحوم پنهنجي هڪ مثنويءَ جي سٽن ۾ رقمطراز آهي:

| مرين جيڙي تہ پوءِ مرندين نہ جاني |
| فنا کان پوءِ کوٽندو نہ فاني |
| فنا جيڪو ٿئي سو ئي جيڙي ٿو |
| نہ آميٽ آگر ميٽ ٿئي ٿو | (۲)

مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ثنائي، حضرت شاه عبداللطيف

ثنائي جي رسالي جو وڏو پارکو هو. هن پنهنجي صاحب جي ڪلام ۽ پيغام جو گهرو اڀياس ڪيو هو ۽ انهن مڃي خواه فڪري روايتن سان خوب انصاف

۱، ثنائي ثناءالله: ’قلمي بياض‘، تاڻا ’محمود غزنوي عرف سچو عشق‘، لاڙڪاڻو، پاڪستان پريس، ص ۶

(۲) — ايضاً —

شاھ پٹائيءَ جي رسالي ۾ سُر آسا جو ھڪ بيت آھي:

مونکي مون پرين ٻڌي وڏو پار ۾
متان ائين چون ، متان پاند پسائين (۱)

مرحوم ٽنائيءَ مداح جي رنگ ۾ ساڳي فڪر کي ھڪ

ھنڌ ھيئن ورجائي ٿو :

وڃرسي کا قرب واري ، ساھ سان توڏي سران
دام دنيا جا ڏسي ، مان من کڙھن اڳتي وران
ويس پي آلونہ ٿئي درياء پي تُرري ترَان
باھ پي ھجاڳي وڃان ، سالم رھي نڙندو نڑان
توسندي درگاھ مان ، سيئ ملي جيکي گھران
خاتمو بالخير ٿئي کلموکھي سڪ سان مران
يارسول الله بيواھن سندي کا واھ کر
بي وسيلن جو وسيلو تي نجيب نگاھ کر (۲)

ھتي ٽين ست ۾ پٹائيءَ جي ٻئين بيت جي مفھوم

کي عرض ۽ التجا جي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آھي .

سرڪار الاولياء خواجہ محمد زمان جو ھڪ مشھور بيت

آھي :

عارف ۽ عشاق پسڻ گھرن پرين جو
جنت جا مشتاق ، اڃان اورانھان ٽيا (۳)

ھتي پرين سڀان مراد رب العالمين جي ذات آھي .

حضرت خواجہ محمد زمان جنت جي خواھش ۾ نيڪي ڪرڻ وارن انسانن جي منزل

اورانھي ٻڌائي آھي . جڏھن تہ عارفن ۽ عاشقن جي منزل مشاھين ڏسي ٿو . ڇالاءِ

تہ انھن جي زندگيءَ جو مقصد فقط رب جي ذات کي راضي رکڻ ھوندو آھي .

---

(۱) تاھواڻي ، شاھ جو رسالو ، تلسي پبليڪيشنز ، حيدرآباد ، سنڌ ، ۱۹۵۸ء ، ص ۱۰۲۹ - ۲ آسا
(۲) ٽنائي ثناء الله : ايات سيڪريٽري ، ڪراچي ، سنڌي ادبي سوسائٽي ، ۱۹۳۹ء ، ص ۵
(۳) عمر بن محمد داؤدپوٽو ، متان

سڳاڻي ٿي صوفيانه رنگ ۾ رتل هڪ غزل جي مصرع ۾

ثنا ٿي رقمطراز آهي :

	ڪين ٿا گهر جن مونکي فردوس جا ميوا منا
	تو ڪپي مشتاق کي ديدار تنهنجو لازوال (۱)

مشهور صوفي بزرگ حضرت بلي شاه جي هڪ

کافيءَ جو ٽڪرو آهي :

	انت بهر دي کل نه ڪائي ، رنگي رنگ بڻايا
	الله آدمي بن آيا (۲)

ثنائي جي ڪلام ۾ به رندي رمزون ۽ مست الست

جا نعرا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. منصور حلاج جي حوالي سان هو متين فلسفي کي پنهنجي

شعر ۾ هن ريت سمو هي ٿو :

	ان الحق خود خدا ڳالهايو - ملن منصور ٿي جاڻو
	ڪل کي ڪهڻ تان ڇا پرت جي ڪات آپ پاڻو
	رکي ڪنهن رمز جو رايو، مثل ۾ ٻي مثل آيو
	انهي ءَ ڪاتيءَ هم ساماڻيو، رنگ رنگي پاڻ ٿي لاڻو (۳)

عاشق پنهنجي پرين جي پار جي هر هڪ وٽ کي وڏي

عزت ۽ احترام جي نگاه سان نهاريندو آهي ۽ ان سان بيحد محبت ڪندو آهي .

اهڙو اظهار ڪيترن شاعرن ڪيو آهي .

سنڌ جو معروف شاعر حمل فقير لغاري پرين جي پار جي

ڪاري ڪٽي ءَ تان گهوريٽڙ جي جذبي جو اظهار پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت

ڪري ٿو :

(۱) ثنائي ثناء الله : ، 'قلمي بياض' ، تان

(۲) ضميرا ظهر : ، 'ارشادات بلي شاه' ، اسلام آباد ، اڪادمي ادبيات پاڪستان ، ۱۹۸۷ء ، ص ۷۴

(۳) ثنائي ثناء الله : ، 'قلمي بياض' ، تان

پرين ۽ سندي پار جي، جي اچي ڪتي ڪاري
تہ اسان سپ لغاري، تنهن ڪتي ۽ تان قربان ٿيون (۱)

هڪ شاعر شاه محمد ديدڙ به پنهنجي ڪلام ۾ سڳي
جذبي جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

پرين ۽ سندي پار جي، جي ڪتي اچي ڪاهيون
ڏاڙهي تہ ڏک نہ ٿئي، ڏياسن لهم لڪن تان لاهيون
نانو ۽ مان آهيون، قربان ان ڪتي ۽ تان (۲)

مرحوم ثنائي مذڪوره شاعرن جي ميڙ جذبي سان
فني فڪري توڙي شاعراڻي روايت جو نياڻ پنهنجي هڪ مناجات جي ستن هيٺ رهيت ڪيو آهي:

مدينو جي ڪتي هڪ ٽوڻ اسان جهڙا لکين گهوريا
ثنائي پير چم تنهنجا، پرين ۽ جي پار جي آهي (۳)

ثنائي جي ستن مان سندس پرين ۽ جي واضح طور
تي نشاندهي ٿئي ٿي. ثنائي جو سپرين پياري پيغمبر ﷺ جي ذات آهي. جڏهن
تہ عمل فقير توڙي شاه محمد ديدڙ جو محبوب مبهم آهي ۽ گمان غالب آهي
تہ اهو محبوب مجازي آهي. ثنائي جي جذبي جو اظهار منفرد آهي. هو
مدينو جي پار جي هڪڙي ڪتي ۽ تان پاڻ جهڙا لکين عاشق گهورڙ جي تمنا رکي
ٿو ۽ اهڙي ۽ ڪتي ۽ جا پير چمڻ چاهي ٿو.

حسين فقير ديدڙ جون مداحون ساري سنڌ ۾ مشهور ٿيون.

---

(۱) بلوچ بخش داڪڙ (مرتب) 'ڪليات عمل' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۲ء، ص ۲۲
(۲) سنڌيلو عبدالڪريم داڪڙ (مرتب) 'ڪليات شاه محمد ديدڙ' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص
(۳) ثنائي ثناء الله: 'ديوان نعتيه ثنائي' لاڙڪاڻو وڙهوملڪنڊ مل، ص ۱۳

سندس هڪڙي مداح جن ريت آهي :

اسم اول چئہ ادا الله جو -	پهر سڃاڻڻ هي رباني راه جو
ذڪر ذاتي ڪري ٻڌا بالله جو -	ٿڪ مدامي شوق شاهنشاه جو
يارسول الله عربي الغياث	
خاص ختم الانبياء خير البشر -	توڙ ٻلو سر تاج سڀ ڪنهن سر بسر
انبيائن ۾ اُچو ڪل ڪنهن کان -	عاصين جو آسرو يوم الحشر
يارسول الله عربي الغياث	(۱)

مرحوم ثنائي انهي ذڪر ۾ فن جي هن طرح

ٻڌائي ٿو :

پاڪ پروردگار لايزال -	بي چگون صانع، صمد سو بي مثال
آهه قادر مقتدر پٽ ذوالجلال -	سيّد اسٽ توڙ سوالين جو سوال
يارسول الله عربي الغياث	
توڙ سچو سردار ٽهل نامور -	توڙ مدد مسڪين جو شافع حشر
توڙ ٻڌين جو نبي خير البشر -	توڙ پيارو پاڪ دلبر دادگر
يارسول الله عربي الغياث	(۲)

مٿن ٻڌل مداحن ۾ منهنجي مماثلت اها آهي جو

هنهي جي ورائي سڳپي آهي، انهيءَ ورائي اختيار ڪرڻ مان ثابت ٿئي ٿو

ته مرحوم ثناء الله ثنائي، حسين فقير ديدڙ جي مداح کان تمام گهڻو متاثر

ٿيو آهي.

---

(۱) عبدالڪريم سنديلو جاڳڙ : 'ڪليات حسين ديدڙ' حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ء، ص ۲۸

(۲) ثنائي ثناء الله : 'اشعار ثنائي' شڪارپور، سعيدي پريس ڪراچي، ص ۴۲

شيخ سعدي شيرازي جي فارسي غزل جون هيٺيون ستون فني لحاظ کان منفرد آهن ۽ منجهن ندرت ۽ نواڻ سمايل آهي .

اي نگارا گر تو مارا يک شبي مهمان بري
نقل خواهم از لبانت ب ، و ، س ، هه [۱]
شاعران بسيار گفته شعر هاڻو سر نمک
کس نه گفته شعر همچون س ، ع ، د ، ي [۲]

مولانا ثنائيءَ مذکوره ستن جو تتبع اختيار ڪري فني روايتن کي ڪهڙي نه عمدي نموني نباهيو آهي . ملاحظه فرمايو :

آهمد مصطفىٰ جڙ الف ، ميم ، تي ، الف ، ب [۳]
نور حضرت جو آنور ، م ، ن ، و ، ر [۴]
م ، ن ، ور آ م ، ح ۾ م ، د [۵]
عرش ، اعلىٰ تي گهرايو ، الف ، لام ، الف ، هي [۶]
الف ، لام ، الف ، هيءَ ، جو خاص خاصو آهي
جنهن ڏسيو رستو رباني ، ش ، ر ، ي ، ع ، ت [۷]
ش ، ر ، ي ، ع ، ت ، تي ملڪ تي ويو مشڪيم
دور دنيا جي اندر آ ، هه ، ن ، و ، ر [۸]
ه ، ن ، و ، ر ، جي ٿون وهاريين جان ۾
پوءِ ڪلي تو تي پوي ، ح ، ق ، ي ، ق ، ت [۹]
شعر اهڙو شيخ سعدي فارسي ۾ آ چيو
سنڌ ۾ چيو ث ، ن ، الف ، الف ، همزي ساڻ ي [۱۰]

(۱۱)

---

[۱] بوسه (چمي) [۲] سعدي [۳] آفتاب [۴] منور
[۵] محمد ص [۶] الله ج [۷] شريعت [۸] هنور (ايمان تائين)
[۹] حقيقت [۱۰] ثنائي

(۱۱) سيٺ عبدالمجيد داڪٽر : 'سنڌي نعتيه شاعري' لاڙڪاڻو ، سنڌي ادبي اڪيڈمي ، ۱۹۸۰ء ، ص ۲۷۹

'جھولٹو' بيت جو هڪ قسم آهي. جنهن جي ترتيب عام بيت کان ڪي قدر منفرد شئي ٿي. هن قسم جي بيت ۾ وائي واڱر تلهه توڙي مصرع جي پڇاڙي ۾ ٿي ڪجهه لفظن جو بار بار ورجاءُ ٿئي ٿو. اهي لفظ پنهنجي اندر پورو پورو مطلب ۽ معنا سمائڻ سان گڏ بيت ۾ خوبصورتي ۽ روانيءَ پڻ پيدا ڪن ٿا.

مرحوم ثناءالله ثنائيءَ کان اڳ ڪيترن ئي شاعرن هن قسم جا جھولٹا بيت لکيا آهن. جن ۾ حضرت سچل سرمست ۽ حمل فقير لغاري جا جھولٹا سرائيڪي زبان ۾ آهن. هيٺ سچل سرمست جي جھولڻي جو نمونو ڏجي ٿو:

هڪ ڏينهن ميڪون مرشد آکيا - مي دا پيالا پيوين	
آکيم ايوين صاحب ايوين	
موتو قبل انت موتو، مٹي پچا ٹٹون جيوين	
آکيم ايوين صاحب ايوين	
آکيس آپ سچاڻ ها جھون، سچل همدم مول نہ ٹيوين	
آکيم ايوين صاحب ايوين	(۱)

فن جي ساڳي تند حمل فقير لغاري هن ريت چوري آهي:

گھنڊي گھنڊ گھنٽ دي عادت، آک ڪٹوڻ هت آيئي -	ڪنهن سکلايئي
هڪ وت تڙ ڏيئن ٿو رعب دي، ٻيا جو هانهن لڏايئي -	ڪنهن سکلايئي
نال ٻڌاندي نرم الينداا، مٹ نال گهر پر الايئي -	ڪنهن سکلايئي
حمل کون هڪ ڏينهن ڪڏان نا، متڙ ڪر منهن وکلايئي -	ڪنهن سکلايئي

(۲)

مرحوم ثنائيءَ متقدمين کان ميلل اهڙي ڏڻني ۽ وکري شاعراڻي روايت کي نهايت خوبصورت نموني نباڻيو آهي. سندس جھولٹا بيت سنڌي زبان ۾ آهن. ان سلسلي جو هڪ بيت ملاحظه فرمايو:

---

(۱) محمد صادق مولانا راڻي پنهنجي ڪتاب سچل جو سرائيڪي ڪلام، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۲ء ص ۲۱۰

(۲) نبي بخش بلوچ داڪٹر: ڪليات حمل، چوٿون ايڊيشن، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۲ء ص ۲۷۲

دلبر مونکي درس پڙهايو ، خام خودي ڪي ڪاڍ ، چيم ته هاڻو سائين هاڻو
هڪ ڪري ڇاڙ حقيقت اندر ، پنهنجو خواه پراڻو ، چيم ته هاڻو سائين هاڻو
وحدت جي چڙهه ويراتي ، تان وجي ستت سڌاڻو ، چيم ته هاڻو سائين هاڻو
پنهنجو نيهن نظر ۾ ثابت نيست نفي ڪر ڪاڻو ، چيم ته هاڻو سائين هاڻو
سڀني اندر سڪ جو سلوڙ ثنائي سائو ، چيم ته هاڻو سائين هاڻو (۱)

مرحوم ثنائي جي هولٽي بيت جو هڪ ٻيو مثال حاضر آهي

دلبر چيو اڄ در منهنجي تي ، ڏاڍ توکي ڏينڌس
چيم ايندس دلبر ايندس
ڪيڏي وڃڻو وڃ منجهارئون ، توسان مان هڪ ٿيندس
چيم ايندس دلبر ايندس
چني ڪين چڏيندس توکي ، ونيون نال تونيندس
چيم ايندس دلبر ايندس
ثنائي چڏ ٿون ساه جوسانگو ، توسان وره ونڊ نيندس
چيم ايندس دلبر ايندس (۲)

هڪ وڌيڪ مثال ملاحظه فرمايو :

دلبر دلڙي دست ڪئي آ چاهڻون چشما چوري
گهوري سر ڏيان گهوري
سوگهي آهه ٻين سورن ڪٽون ذوق وڌي آ زوري
گهوري سر ڏيان گهوري
مطلب معلوم مات منجهڻون ٿيو ، پچان پئي هڪڙي ڪوري
گهوري سر ڏيان گهوري
شوق ثنائي يار سڃڙ جي ساه وڃو آ سوري
گهوري سر ڏيان گهوري (۳)

---

(۱) ثنائي ثناءالله ، ' قلمي بياض ' تان
(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ
(۳) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

بيدل جو مشهور ڪلام آهي :

پاڻ تو پيدا ڪيو ڪن سون چيو احسان ڪر
گهر جهڏي تو ڪي گهٽي ڪن مون چيو احسان ڪر (۱)

ڏسو ته مرحوم ثنائي ، بيدل جي فني شاعراڻي روايت کي هٿي ڪهڙي نه عمدي نموني نياپو آهي . جيتوڻيڪ فڪري لحاظ کان ثنائي کي به صحت کاڌ ڪئي آهي . بلڪ رب جي حضور ۾ نهايت عجز ۽ انڪساري جو اظهار ڪيو آهي .

شعر ملاحظ ٿئي :

مان گند و گڏهن ڪنان آهيان صفا احسان ڪر
احسان تنهنجا ڪيترا آهن اڃان احسان ڪر
موج مستي ۽ جواني جوش پي هو تو ڏنو
مون ڪراڙي ۽ ڪچي ڪي ڪين ڪي نادان ڪر
مون نبي ايوب ناهيان منهنجو هيڏو حال آ
ڪين تڪليفان ڏني منهنجو هيئون حيران ڪر
مون سچل بيدل نه آهيان جو هلايان حجتان
مون سندو رهبر محمد پاڪ ۽ قرآن ڪر
ڪل نه مونکي ڪا پوي ٿي اونت تنهنجي الله
دين دنيا ۾ ثنائي جو سدو سامان ڪر (۲)

مرحوم ثنائي متقدمين جي فن ۽ فڪر سان جنهن ڪامياب ۽ سان نياپو آهي . 'قصو دلفريب' ان جو عمدو مثال آهي ، هي قصو معروف شاعر شيخ عطار جي مشهور ڪتاب 'منطق الطير' جو منظوم سنڌي ترجمو آهي . جنهن جي تصديق هيٺ شعر مان ٿئي ٿي :

---

(۱) موسوي عبدالحميد شاه ، مرتب ، ديوان بيدل ، حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۵۴ء ، ص ۱۴۷

(۲) ثنائي ثناءالله ، ' قصو دلفريب ' قلمي بياض

جي توفيق بخشيم خالق جهان
تہ مان هن قصي جو لکان کجهہ بيان
آهي منطق الطير ۾ هي قصو
لکيو شيخ عطار کولي ڏسو (۱)

مولانا ثنائي جي ترجمي جي معيار جي هلڪ

هيئن شعر مان محسوس ڪري سگهجي ٿي :

پلا عشق سلطان ماري چڏيئہ
ميائي نوائي ۾ گوندر گڏيئہ
پلا عشق تنهنجي چنبي کي آزور
هنائين ٿو هاڻي ۾ شيرن جو شور
پلا عشق جاتي آکيرو اڏين
اهو هنڌ سارو سڪائي چڏين
پلا عشق عابد پلايا اٿي
پلا عشق نازڪ نواپا اٿي
پلا عشق ڏاڍا پلاڙي پلا
دنيا ۾ تو ٻرپاکرين زلزلا
(۲) الخ.....

(۱) ثنائي ثناء الله : 'قصو دلفريب' قلمي بياض
(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

(ب) معاصرين جي فن ۽ فڪر سان مماثلت

انسان ماضيءَ جي لافاني قدرن ۽ نظرين کي قبول ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي وقت ۽ حالتن جو به اثر وٺي ٿو. ثنائيءَ لڳ ڀڳ صدي اڳ جي عرصي ۾ ڪيترن ئي شاعرن کي ڏٺو، پڙهو، کين متاثر ڪيو ۽ انهن کان متاثر ٿيو. هتي اهو ڏيکارڻ ۽ ڏيکارڻ ته هن بزرگ شاعر جي معاصرين جي فن ۽ فڪر سان ڪيتري مماثلت آهي.

سنڌ جي برڪ عالم ۽ شاعر مولانا عبد الغفور همايونيءَ جي جڳ مشهور نعتيه غزل جو مطلع آهي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نه رڳو	
تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي، مهمان هزارين مان نه رڳو	(۱)

مولانا ثنائيءَ سڀني فڪري، شعر جي مالڪ هن ريت پويو آهي:

محبوب خدا جو پاڪ نبي، درويش به آ سلطان به آ	
شاگرد نه آ استاد به آ، مٿس نازل ٿيو قرآن به آ	(۲)

فقير علي محمد قادري جو شمار مرحوم ثنائيءَ جي دور جي صف اول جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس ديوان قادري، سنڌي ادب جو انمول سرمايو آهي. جنهن ۾ هن الف ب وار ردیف جي ترتيب تي ڪيترائي ڪلام ڏنو آهي. جنهن مان نمونيءَ طور ڪجهه پيش ڪجي ٿو:

الف	لم يلد جي مثل ذات ڪبريا	— چاڪري سگهندو بشر ان جي ثنا
	گلشن احمد خدا جي انتها	— فهم جي پهچي نٿي ان کي صبا (۳)

---

(۱) نياز همايونيءَ: بمقابله، ديوان مفتون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۳ء، ص ۱۷

(۲) ثنائي ثناءالله: تلميحي بياض، تان

(۳) علي محمد قادري فقير: ديوان قادري، لاڙڪاڻو، قادريه پرنٽنگ پريس، ص ۱

ب - | توسان وصال منهنجو ڪري شل خدا نصيب
| اهڙو سدورو ڏينهن ڪئي شل دلربا نصيب (۱)

ت - | خدا خلقي عجب سهڻي چاتنهنجي دلربا صورت
| منوّر منهن، گلابي گل، آکيون کوليون سرو قامت (۲)

ميان ثناءالله ثنائي انهيءَ ترتيب تي پنهنجي همعصر شاعرن جي فڪر سان مماثلت رکندڙ تمام گهڻو ڪلام چيو آهي.

'ديوان نعتيه ثنائي' ان جو ڪليو ثبوت آهي. هيٺ ثنائي جي الف ب وار ردیف تي مشتمل نعتيه غزلن مان چند مطلع پيش ڪجن ٿا:

الف - | محمدؐ جي زيارت ڪرايو خدايا
| محمدؐ جي چاڻ چمايو خدايا (۳)

ب - | هر زماني جي وڏن کان مصطفيٰ اعلیٰ نسب
| بعد مولیٰ جي ٻئو خير الورىٰ اعلیٰ نسب (۴)

ت - | مومن مدام پڙهه ٿو سرور متي صلواة
| پر ور پڙهي ٿو پاڻ منوّر متي صلواة (۵)

خ - | رسول الله جا عاشق اهائن تا پيا دوزخ
| آئين جي آب سان ويهي وسائن تا پيا دوزخ (۶)

ق - | خدا خلقيو محمد مصطفيٰ تنهنتي ٻيو عاشق
| نه کو اهڙو ٻيو دلبر، نه کو اهڙو ٻيو عاشق (۷)

---

(۱) علي محمد قادري فقير: 'ديوان قادري'، لاڙڪاڻو، قادريه پرنٽنگ پريس، ص ۲۰

(۲) ايضاً ص ۲۲

(۳) کان (۷) ثنائي ثناءالله: 'ديوان نعتيه ثنائي'، لاڙڪاڻو، ويڙهو مل ڪنڊ مل پبليشر ص ۲ ص ۶ ص ۸ ص ۱۹ ص ۴۹

۲۲- ۲۳ آڪٽوبر ۱۹۴۹ع ۾ 'جمعيت الشعراء سنڌ' طرفان جناح باغ لاڙڪاڻي ۾ ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس' منعقد ٿي. جنهن جي صدارت شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤد پوٽي صاحب جن ڪئي فرمائي. ان موقعي تي مصرع طرح ملڻ هئي 'قوم زنده ٿي رهي، پر جي زبان زنده رهي'. ان طرح تي بيشمار شاعرن پنهنجا فن پاره پيش ڪيا. جن ۾ مولانا ٿٻائي به هڪ هو. جيتوڻيڪ طرح جي مناسبت سان سڀني شاعرن جي شعر جو محور ۽ مرڪز زبان هئي پر هر هڪ جي سوچ ۽ فڪر پنهنجو پنهنجو هو. ان دور جو مشهور شاعر نواز علي نياز جعفري مذڪوره طرح جي نياڻيندي رقمطراز آهي:

جيستائين ياخدا ڪون و مڪان زنده رهي	
ملڪ پاڪستان جو نام و نشان زنده رهي	
جي اتو حب وطن گالهايو سڀ سنڌي زبان	(۱)
قوم زنده ٿي رهي، پر جي زبان زنده رهي	

ساڳي دور جو هڪ ٻيو برڪ شاعر سليم گاڙهوي ان طرح سان هن ريت نياڻي ٿو:

ياخدا پياري وطن جو نوجوان زنده رهي	
جنهنجي دم سان قوم جو نام و نشان زنده رهي	
زندگي قومن جي آهي پنهنجي هوليءَ سان بدل	(۲)
قوم زنده ٿي رهي پر جي زبان زنده رهي	

ميان ثناء الله ٿٻائي پڻ انهيءَ طرح تي پنهنجي همعصر شاعرن جي فن ۽ فڪر سان گهٽتري مماثلت رکي ٿو، تنهنجو مثال سندس هيٺ

---

(۱) 'تحفه لاڙڪانه' لاڙڪاڻو، 'جمعيت الشعراء سنڌ' انصاف پريس ۽ مدينه پريس، ۱۹۵۰ع، ص ۱۳۸

(۲) ايضاً ص ۱۱۳

سٹن مان بخوبي لڳائي سگھجي ٿو. ملاحظہ فرمايو:

قوم زنده ٿي رهي، پر جي زبان زنده رهي
گڏ زبان سان اي ادا روح روان زنده رهي
سڏ ڪي لوڏو نہ ايندو، سڏ لئہ مسڪين نواز
نيڪ نيت سڏ جو ٿو ٻاعنيان زنده رهي
اي ثنائي جيستائين آسمان زنده رهي
پاڪ پاڪستان جو نام و نشان زنده رهي (۱).

مخدوم عمد زمان طالب المولیٰ جوشمار هن دور جي پهرين پاپي جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هو ثناءالله ثنائي جي همعصر شاعرن مان آهي. هن شعر جي تقريباً سموريون ڪ صنفن تي ڀرپور طبع آزمائي ڪئي آهي. ۽ پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاريا آهن. تاهم سندس ڏوهيٽا، بيت ۽ ڪافين وڏي مقبوليت جون حامل آهن. بيتن ۾ وري ڪي ته اهڙا منفرد نوعيت جا بيت ملن ٿا جن ۾ اڪيچ ۽ پيرن ڪي سارهيو ويو آهي. طالب المولیٰ هڪ بيت ۾ رقمطراز آهي:

اڪيون نہ آهن اڪيون پر پيرن سان نہ پچن،
هوريون رت ڳڙهي ڪجيو نٿا ڪڇن،
هونهارين نجيب لئہ، هي رندن مٿي رلن،
احسان ڪيا اڪيچ تي، پرت منجهان پيرن
طالب المولیٰ تن کي چمي چمي چمجن
جيڪي جهليا نٿا جهلجن ملندي ٻنهي هوت ڏي (۲)

(۱) 'تحفہ لاڙڪاڻہ'، لاڙڪانو، جمعيت الشعراء سنڌ، انصاف پريس، ۱۹۵۰ء، ص ۱۰
(۲) محمد زمان مخدوم طالب المولیٰ: 'چپ ۾ چٽ يون' حيدرآباد، سنڌي ادبي پريس، ۱۹۵۱ء، ص ۷۹

ثنائيءَ پڙ ساڳي فني ۽ فڪري تند پنهنجي منفرد انداز سان هيٺ ٿواري آهي.

پيرَ تہ آهن پيرَ پر اڪيون جي نہ هجن
هلندي هوت پنهنجون ڏي ڪنڌ پرڪيائين
پيرَ غلام اڪين جا هردم حڪم ميٺ
هي مفڙ پر محڪوم ٿي هن طرف هل چون
پسڙ ري پرين جي هي پيرا پنڌ نہ ڪن
هي اوچيون رهن سوچ ٿي هي ڏرين ٿي ڏجن
اڪين ري عجيب ڏي هوند هرگز هين هلن
اڪين جي احسان ڪي هو پيرا ڪين پڇن
ثنائيءَ ڪي سمجهن عاشق اهڙيءَ آسرا ڪي (۱)

عاقلاڻا قول سنڌي لوڪ ادب جو هڪ بيش بها ورثو آهن. جن مان سگهڙ جي دانائيءَ جو اظهار ٿئي ٿو. هو پنهنجي زندگيءَ جي تجربن جو نچوڙ نهايت مختصر پر جامع الفاظ ۾ سهوهي پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ جي الفاظ ۾ تہ :

"انهن قولن ۾ عاقل سگهڙن پنهنجي ڄاڻ موجب نصيحت آميز نڪتا نروار ڪيا آهن. جن ۾ دانائي توڙي ظرافت سمايل آهي. هن قسم جا قول هڪ اڻپڙهيل جي ڪچهريءَ ذريعي عام راءِ جو آهن." (۲)

(۱) ثنائيءَ ثناءالله : قلمي بياض ، تان
(۲) بني بخش خان بلوچ ڊاڪٽر : پير وليون ، ڏيون ، معمائون ۽ بول ، حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۷۵ء

فني لحاظ کان جئن ته هي شعر غير عروضي هوندو آهي،
تنهنکري هن ۾ فقط قافيه بندي جو خاص خيال رکيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ قول
جو هر هڪ جز گهٽ ڪري پنهنجي اندر جدا معنيٰ رکندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن
ٻن جزن ملائڻ سان قول مڪمل ٿيندو آهي. عاقلائن قولن کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن
خاص وضاحت جي ضرورت کانه پوندي آهي. ڇالاءِ ته انهن ۾ استعمال ڪيل
الفاظ اسان جي روزمره واري ٻولي ۾ عام مستعمل هوندا آهن. شاعر فقط
سان فقط انهن کي ترتيب ڏيندو آهي.

هيٺ ٿر جي هڪ سگهڙ پرپوءَ[1] جا عاقلائن گهڻا مثال طور
پيش ڪجن ٿا:

پوک کي ته پاڻ پلو	ڪٽ کي ته واڻ پلو
اٽ کي ته ڏاڻ پلو	پکو پختو ماڻ پلو
سنڌ ۾ ته سَرُ پلو	هاري کي ته هر پلو
جاءِ کي ته در پلو	پرپوءَ کي ته ٿر پلو
عادل لاءِ گهوٽ پلو	آڻ منڊي اوٽ پلو
ٽاهري ۾ ٿوٽ پلو	دشمن کي سوٽ پلو
جهنگ ۾ ته ٻيلو پلو	ڪارو ته چيلو پلو
گروءَ کي ته چيلو پلو	شاهه جو ته ميلو پلو (۲) الخ.....

[1] پرپيداس عرف پرپو پٽ رائچند ويٽل چيلهار، ضلعو ٿرپارڪر
نبي بخش بلوچ جا ڪتاب: 'پرپوليون'، ڏولن، معمائون ۽ پول' حيدرآباد
سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۵ء، ص ۲۷۶

(۲) نبي بخش بلوچ جا ڪتاب: 'پرپوليون، ڏولن، معمائون ۽ پول' حيدرآباد، ۱۹۶۵ء، ص ۲۷۷

مرحوم ثنائي جي ئي دور جي ٻڪ ٻي شاعر دادن فقير جا عاقلانا ٻ
گفتا ملاحظه ٿين :

اول ب الله ٻلو	سائين ۽ وڏو ساه ٻلو
وڏو ٻيڙو ويساه ٻلو	سنڌ پر درياه ٻلو
دين آ اسلام ٻلو	محمد جو آ نام ٻلو
شرع جو احڪام ٻلو	سيکڻهن تي سلام ٻلو
مهينو رمضان ٻلو	نازل ٿيو قرآن ٻلو
مومن جو ايمان ٻلو	تڙيل تان شيطان ٻلو
گهوڙي کي لڳام ٻلو	سهڻن جو سلام ٻلو
قرب جو ڪلام ٻلو	دلبر سنڌو دام ٻلو

(۱) الخ.....

مولانا ثنائي بنيادي طور هڪ نامور شاعر هو. تنهن ڪري هو لوڪ ادب جي اٿرڪان هرگز واڪفو رهي ڪو نه ٿي سگهيو. هن ٻڌي سنڌي شاعريءَ جي مختلف صنفن تي قلم کڻي علم جا واهڻ وهايا آهن، اتي سنڌ جي سڳهڻ ۽ سپورهيڻ جيان عاقلانه قول ۽ سياڻپ جا سڻپ پٽ تحرير ڪيا آهن. جيڪي نه فقط معنيٰ جي موتين سان لبريز آهن، پر انهن ۾ ثنائي جي ذهانت ۽ تجربي سان گڏ سندس ظريفانه مزاج جي جهلڪ به ڇڪيءَ طرح نظر اچي ٿي.

'ڇٽ چوٽين جو ڇهڇتو' جي عنوان سان ثنائي ٻنهنجي قلمي بياض ۾ رقمطراز آهي :

اول ۾ الله ٻلو	پٽيان محمد شاه ٻلو
دين جو درياه ٻلو	ڇٽ يارن جو ڇاه ٻلو

(۱) بني بخش بلوچ ڊاڪٽر : پروليون، ڏاڻون، معمائون ۽ ٻول' حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ۱۹۶۵ء، ص ۲۷۰

پيرن ۾ آپيرُ پلو — داتا دستگير پلو
جنڊ ۾ آکيرُ پلو — کاٽڻ لاءِ آکيرُ پلو
ڏکڙ جي واهوليِ پلي — هار کي آلوليِ پلي
پاڻيءَ جهڙي آچوليِ پلي — سنڊي آهي هوليِ پلي
انڊي کي آڏاهه پلي — مُلهي کي آهاڻ پلي
ڪٺ کي آتاڻهه پلي — درياءِ جي اچاڻ پلي
ڪپڙي کي آاوٽي پلي — پاڻي ءَسان آهوٽي پلي
هٿ ۾ آسوٽي پلي — زال هجي چوٽي پلي
برسات لئه آسانوڙ پلو — مردن جو آڪاڻ پلو
راڳ جو آگاڻ پلو — هار جو نپاڻ پلو
مال آهي اولهڻ پلو — گهر کي آکوڙ پلو
پٽ ته پاليڻو پلو — ڪاڙ وگهر ۾ ويڙهڻ پلو
ويڙل درياءِ ٽوڪ پلو — هڪر جو آهوڪ پلو
ڪوڙ لوسوڪ پلو — ٽڪر پٽو روڪ پلو
ڪجهه ڪجاتي ڏوڪا پلا — پاڻي ءَجاتي هوڪا پلا
دين جاتي هوڪا پلا — جتيءَ کي ٿي ڪوڪا پلا
مرشد ته مريد سان — آکيون آهن ديد سان
سوداگر خريد سان — ٽڪيو رک توحيد سان
راڳ آهي تان سان — زر پڌجهي جان سان
تير ٿهي ڪمان سان — موت ٿهي ايمان سان
ڏورو ڪاڻ زندگي — درهائي ڪاڻ بندگي
ڏيکاري ڪاڻ گندگي — لکائي ڪاڻ شرمندگي
ٻڌائي آهي گهوٽ پلو — ٻڌائي سڏ اوٽ پلو
دشمن کي آڦوٽ پلو — ڪلمي وارو ڏوٽ پلو

---

(۱) ٻڌائي ثناءِ الله ؛ ، ڪلمي بياض ، تان

گابو ڈائي ماءُ کي ان کي چئجي هُٿ
ڪڪڙ پوي اَن ۾ ان کي چئجي کُرڙ
پيءُ ڏاڙهن پاڙ ۾ ٿڪ کي چئجي مُڙ
ٻيو گنڊيڙ ڪونہ ليي تہ نہ ڪائجي گُڙ
(۱)

غريب جي زال ڪُل جي ڀاڄائي - ڏاڏي جي زال ڪُل جي مائي
سياڻي زال سپ جي دائي - ڪهيڙي زال ڄائي نہ ڄائي
(۲)

نشئي جي يار - بت کان بيزار
رب جي يار - سدا بهار
ڪيڙي جي يار - سدا خوار
چور جي يار - پادر ڪار
جن جي ماني - تن جي ڪاني
جن جو طعام - تن جو ڪلام
جن جو ٿلون - تن جون سلون
جن جي ڪاڙ - تن جي رهاڙ
جن جي ڪس - تن جي رس
جن جو خُلق - تن جو ملڪ
مٺو ڪلام - محبت مدام
خودي حرام - تڪبّر تمام
حسد حرام - ڪينو قتلام
نيت کوٽي - رد روٽي
نيت بد - رزق رد
نيت نور - دعا منظور (۳)

(۱) ثنائي ثناء الله ۽ تلميح بياض تان
(۲) ايضاً
(۳) ايضاً

(ت) مولانا ثنائيَ جو پنهنجي دور جي علمي ادبي ماحول تي اثر

مولانا ثنائيَ جمعرتي چونڊيَ جي شاعر جو پنهنجي دور جي علمي ادبي ماحول تي اثر انداز ٿيڻ لازمي امر هو. سندس دور جي ٻين شاعرن جي ڪلام جي ورق گرداني ڪندي اهڙا واضح ثبوت ملن ٿا. جنهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا. ملاحظه فرمايو:

(۱) چوڏهين صدي ۽ پندرهين صدي

مولانا مرحوم جو هڪ شعر چوڏهين صديَ جي حوالي سان مشهور ٿيو. جنهن ۾ هن چوڏهين صديَ جي ماٺڻ جا پڪار پڌرا ڪيا آهن. جنهن کان متاثر ٿي سندس همعصر شاعرن مان ڪن شاعرن سڄي تتبع ۾ شعر جوڙيا. هيٺ اول مرحوم ثنائيَ جي شعر مان نموني طور ڪجهه سٽون پيش ڪجن ٿيون.

مڙن آدمين کي آ مطلب منجهايو - نه پيري مريدي نڪاح شدي آ	
	چڱا تا چون چوڏهين هي محمدي آ
خدا کي تا خوش ڪن ته شيطان کي پيو - جو قرآن سر تي غلط شاهدي آ	
	چڱا تا چون چوڏهين هي صدي آ
عجب آ نه ناڪار ظاهر چون تا - قسم آ خدا جو ته منهنجي ادي آ	
	چڱا تا چون چوڏهين هيءَ صدي آ
وهابي، سني، بدعتي، جعفري پيو - نه ملت نه مذهب سندو مقتدي آ	
	چڱا تا چون چوڏهين هي صدي آ
پلائي پلي آبدي بربدي آ - خدا خلق خلقي نه ڪوئي ردي آ	
	چڱا تا چون چوڏهين هيءَ صدي آ

(۱) الخ .....

(۱) ثنائيَ ثناء الله : ،

مولانا ثنائي جي هعصر ۾ دوست حاجي علي بخش جمالي
چوڏهين ۾ پندرهين صدي ۾ تي شعر جوڙيا. سندس شعر جو نمونو ملاحظه ٿئي :

دماغن ۾ اهڙي اچي وئي آويڙي - آپاڻ ياڻ جو دشمن آپ ٿي جُوويڙي
بظاهر ته سهڻا، اندر جڙ ته ڪيڙي - رڻ جي هٿن ۾ نڪتڙي نيڙي
وئي واڻ اهڙي ڪاڄ ڪلهه گهلي آ
تون سمجهين نئون چاته پندرهين صدي آ

علي بخش ڪنهنجي بڊي ڪيڙ تواڄ - نصيحت به ڪنهنجي وٺي ڪير تواڄ
ڪٽي سچ چئجي مڃي ڪير تواڄ - وري ڪنهنجي دل ۾ رکي ڪير تواڄ
بدي اوج تي آ ۽ نيڪي هيٺ آ
تون سمجهين نئون چاته پندرهين صدي آ (۱).

ميان ثناء الله ثنائي جو اهو انداز ۽ موضوع ايترو ته
مشهور ۽ مقبول ٿيو جو اٺين سٺ جي ڪيترن ئي سگهڙن بعد ۾ انهي ۽ موضوع تي دل
کولي لکيو ، مثال ڏاڙهن سٺ ٻي برڪ سگهڙ محمد ملوڪ عباسي ۽ جو ڪلام پيش ڪجي ٿو:

چوڏهون سن چلو آ تڏهن وڏيو اسان ۾ واڻ
جيڏا جاڻي جدا ٿيا، ڪاڻ پيڙ نه سڃاڻي ياڻ
مهميڙ مڙس مري ويا، جنهن نياڻين جو هيو نياڻ
جي سڏيندا هاسڪ مان سي ته ڪلي نه چون ڪاڻ
مون مات نه ڪندس ملوڪ چئي تڪ ڏسي ڪوتاڻ
جو اهڙي لولي سورن جي مونکي ڏنم جيجل ماڻ
ڏڪ ڏيکيندو ڏکڙا منهنجا عيب الله
آهي باري ۽ ڪي بقاء ، ٻيو اصلي نه بڊ عباسي چئي (۲)

---

(۱) جمالي علي بخش حاجي ، ' قلمي بياض ' تان
(۲) پٺاڻ ڊرامحمد داؤد (مرتب) موتي مور ملوڪ جا ' شڪارپور، مادرن پرنٽنگ پريس ۱۹۸۱ء ص ۱۱۶ ۱۱۷

”ترکي ٹوپي“ ۽ ”بدنصيب ٽري“

مولانا ثناءالله ثنائي پنهنجي دور جي ڏاهي ادبي ماحول تي ڪيتري قدر اثر انداز ٿيو، تنهن لاءِ پويون مثال سندس ڇوڙهن صدي واري شعر جي حوالي سان اڃي ڇڪو آهي. هتي اسون سندس ڪتابن جي موضوع ۽ مرڪزي خيال کان متاثر ٿي ڪن ٿا ليڪن ڪيتري قدر اثر قبول ڪيو آهي. اسان هتي فقط مولانا ثنائي جي ڪتاب ”ترکي ٽوپي“ ۽ محمد اسماعيل عرساٽي جي ڏاڍي ”بدنصيب ٽري“ جو تقابلي جائزو پيش ڪنداسون.

مولانا ثنائي ۱۹۳۱ع ۾ پنهنجو منظوم ڪتاب ”ترکي ٽوپي“ ڇپائي پڌرو ڪيو. جڏهن ته محمد اسماعيل عرساٽي ساڳي مرڪزي خيال تي ۱۹۳۹ع ۾ ”بدنصيب ٽري“ نالي هڪ سنڌي ڊراما لکيو جيڪو ساڳي سال ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو. هيٺ مذڪوره ٻنهي ڪتابن جي مرڪزي ڪردار ۽ متن جو مختصر احوال ڏجي ٿو. جنهن سان مرڪزي خيال جي مماثلت جو پتو پئجي سگهندو.

”ترکي ٽوپي“ جو مک ڪردار ڪبڙ خان آهي. جيڪو هڪ انتهائي ڪنجوس وڏيري علي خان جو پٽ آهي. ڪبڙ خان شروع ۾ پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلندي ڪنجوسي ۾ سمورا ريڪارڊ توڙي ڇڏيا. علي خان جي انتقال کان پوءِ هوهڪ ڏينهن ڪنهن ڪم سانگي لاڙڪاڻي اچي نڪريا تو. جتي سندس ملاقات همڪلاسي دوست سان ٿئي ٿي. جيڪي سندس برا حال ڏسي ڪيترو بيحد شرمائين ٿا ۽ اهو احساس ڏياري ٿا ته علي خان دولت ميري ڪٿي ٿئي هتي ڇڏي ويو. جاتون به ائين محسوس ٿي ٿڙڪ توڙ چاهين؟ ڪبڙ خان

اهڑن طعنن جو تاب سهي نٿو سگهي ۽ هڪدم هر ڪي پوي ٿو. دوستن جي صلاح تي سڀ کان اول فيشن جو آغاز ٿيڻ لڳي ته پوءِ سان ڪري ٿو.

ڪبڙ خان جڏهن ڳوٺ پهچي ٿو ته سندس مٽ مائٽ، دوست ۽ گهر وارا اڌا خوشگوار تبديلي پسند ڪن ٿا. اهڙي طرح ڪبڙ خان جي دل ۾ نئين ٽوپي کان پوءِ نون ڪپڙن خريد ڪرڻ جو خيال جاڳيو ٿئي ٿو. نوان ڪپڙا خريد ڪرڻ لاءِ شهر ڏانهن سفر ڪري ٿو. وات ۾ ڪاري ۽ هڪ ڳنڍي واري سندس ڪيسي ۾ هر وڌي ٿو، ۽ ڪجهه پئسا کيسي ۾ وڌي ٿو. ڪبڙ خان شهر مان اوڀاڙ ۽ بوٽ وڌي ڏاڙهي ۽ وار ڪي ٺهرائي جڏهن دوستن وٽ پهچي ٿو ته هو ڏاڍو خوش ٿين ٿا، ۽ ڪيس شيروانيءَ خريد ڪرائڻ باقي ڪمي به پوري ڪن ٿا.

ڪبڙ خان اهي فيشن ڪري جڏهن گهر پهچي ٿو ته گهر وارن کي وڏي حيرت ٿيڻ ٿي. هاڻي ڪبڙ خان کي زال جا سڀ ادا ۽ ميار اچڻ ٿا وٺن. سو هي ڏينهن ڏوڪڙ ڪٽي وري به لاتعلقائي جو رخ رکي ٿو. وات ۾ ڪاري به اڃا ڳنڍيءَ جو رخ رکي ٿو. وات ۾ ڪاري به اڃا ڳنڍيءَ جو رخ رکي ٿو. پر اهو به ساڻ ملاقات ٿيڻ ٿي. جنهن کي هوسو ٿو رهي ٿو. پر اهو به ساڻ پنهنجي حرفتن سان اهڙو ماحول پيدا ڪري ٿو جو خود ڪبڙ خان کي ڪاوڙ معافي وڃي پوي ٿي. هو زال کي سينگاري سمٽو ٻڌائي ٿو ۽ ٻوڪيا ٿي رکي ڏئي ٿو.

دوستن سان مسلسل ملاقاتن سبب سندس خيال خراب تيندا وڃن ٿا. آخر دوست کيس شهر لڏي اچڻ ۾ آماده ڪن ٿا. ۽ شهر ۾ ماڻهن خريد ڪرائي ان کي سمٽي سامان سان آراسته ڪرائين ٿا. اهڙي طرح ڪبڙ خان مڪمل طور خوشامندين ۽ چاپلوسن جي چنبي ۾ اچي واه واه ۾ دولت وڃائڻ لڳي ٿو. دوست جي

مشوري تي کارخاندار هڙت جي خيال سان پيءُ کان ورثي ۾ مليل سڀ لک جي مالڪيت جوکوهه ۾ ٻڌي ست هزار ۾ وڪرو ڪري توڙي ڏي. اهڙا ڪي چند ڏينهن اندر هڪ ناڪ حادثي ۾ چڪنا چور ٿي وڃي ٿي. ڪبڙ خان کي پڪ جهڙي اڳ ته چاپلوس ۽ مڪو مڇي وڃي ٿو. دعوتون ۽ راڳ ٻڌڻ ٿا. گاڏيءَ سان ڪبڙ خان جو ڏينهن اڙجي وڃي ٿو. جيڪا سندس وچ ڪٽائي پيڊگري ٿي ڇڏي. اهڙي ريت هي منظوم قصو پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهچي ٿو.

'بدنصيب ٽري' جو مهڪزي ڪردار هڪ اڻ پڙهيل سادو ٽري آهي جيڪو شهر ۾ روزگار جي ساڳي اچي ٿو. ان جو نالو جنيرو آهي. جنيرو شهر ۾ رهڻ دوران پنهنجي سادگيءَ جي ڪري شهر جي مختلف چالاڪ ماڻهن هٿان ٺڳيو رهي ٿو. منشي عبدالله سندس اهي ڪمايل پئسا ڪائي ٿو ڇڏي جيڪي هو پنهنجي گهر واريءَ ڏانهن موڪلڻ چاهي ٿو. وري ڪيس ڪوٽ جي چور ۽ ٻي الزام ۾ قاسائي ٿو. اهڙي طرح جڙتو پير ۽ لاڙي فروش جي چڪر ۾ اچي پاڻ ڦاڙائي ٿو. ائين شهر ۾ هن جو ڪيترن ئي ٺڳن سان واسطو پوي ٿو.

هاڻي ڏسو ته هن سڄي قصي جو مهڪزي خيال ڪهڙو آهي. هن سڄي قصي جا مک ڪردار ڪبڙ خان ۽ جنيرو شهر ۾ اچي پاڻ ڦاڙائي موٽن ٿا. جڏ ته 'بدنصيب ٽري' مرحوم ٺاهڻي جي 'ترهي ٽوپي' کان ۸ سال پوءِ لکيو ويو. 'ترهي ٽوپي' کي ان دوران جڳي مقبوليت حاصل ٿي چڪي هئي. تنهن ڪري اها گاله وڏي حد تائين يقيني لڳي ٿي ته محمد اسماعيل مرساڻي 'ترهي ٽوپي' جي مهڪزي خيال کان متاثر ٿي 'بدنصيب ٽري' لکيو آهي.

(iii) شاگرد، مداح ۽ معتقد

مرحوم ثناءالله ثنائي جي هر دلعزيز شخصيت هوندي
ته پنهنجي دور جي هر سچاڻ ۽ سچائو جي جوءَ ۾ جاءِ جوڙي هئي، پر کي اهڙا
به خوش نصيب هئا، جن کي ثنائي جي شاگرديءَ جو شرف عطا ٿيو ۽ اهي سندس مداح ۽
معتقد بڻجي پيا. ثنائي جي فن ۽ فڪر مان انهن پرپور فائدو ورتو. جنهن جو ثبوت
سندن ڪلام جي معيار مان ملي ٿو. هونئن ته اوري پري جي اهڙن شاگردن جو انگ چوڪو آهي. پر حال حيات توڙي ماضي قريب ۾ گذاري ويل جن شاگردن جو احوال ۽
ڪلام مليو آهي سو پيش ڪجي ٿو:

مولا بخش مولائي مگريو

مولا بخش ولد وليداد مگريو تخلص مولائي گوٺ آريجا
تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ۱۹۰۹ع ۾ تولد ٿيو. فقط پرائمري جا پنج درجا پڙهي
سگهيو. پر ثنائي جي صحبت ۾ تمام پختو شاعر بڻجي پيو. سندس ڪلام جو وڏو ذخيرو
موجود آهي(۱). هن وقت گوٺ قلندر آباد ٽنڊو آريجا ۾ مقيم آهي. سندس ڪلام جو
نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ڏکن جو ڏينهن ويو گذري، رهڻ جي رات آئي آ
نه کو همراهه آهي غم ۾، نه کوئي حال پائي آ
سهڻ جو سور آهي دل ۾، پرين جو پور آهي دل ۾
اهو ناسور آهي دل ۾، ويو اندوه کائي آ
مٺو محبوب جي ايندو، سمورو درد ڏيئي ويندو
اٿڻ آباد هي ٿيندو، ماندو مگريو مولائي آ (۲)

---

(۱) مولائي مولا بخش مگريي سان ۲۰ - ڊسمبر ۱۹۸۸ع ٿي روبرو ملاقات

(۲) مولائي مولا بخش مگريو: "قلمي بياض"، ٽاڻ ص ۳۴

درمحمد درڪ آريجو

درمحمد ولد خاوند ڈنو آريجو تخلص درڪ ۲۵ نومبر 1919ع ۾ ڳوٺ خيرمحمد آريجا تعلقي ڈوڪري ۾ جائو. پرائمري جا پنج درجا پڙهيو. مرحوم ٽنائي جي شخصيت جو پرتو وڏي پيو ۽ استاد شاعر ٻڌجي ويو. سندس ڪلام جو ڇڪو ڇوڪو مقدار سندس فرزند وٽ موجود آهي. ۲۱- مئي ۱۹۸۶ع ۾ وفات ڪري ويو (۱). سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

پرين اسانجو ٻيو حال هيٺو - جدائيءَ ۾ مونکي نه مار دلبر
دنيا جي درد ڪيو آماندو - سرڪي سهڻ جي پيٽار دلبر
عمر اسانجي وئي اجائي - مغز ڪي ويڙا خيال ڪائي
هيڪر ملين ته لهي ماندائي - اڇي ٿون ري ڪهڻ وسار دلبر
ٿون آهين محبوب سونهن وارو - عاشق اصل کان ٿي ڏيهه سارو
پني ڇو پيادر تنهنجو پيارو - عشق کو ابدي ڏيار دلبر
درڪ آريجو آهي ڏکن ۾ - سچي لڳي ۽ پچي اکين ۾
آهي اونداهي منهنجي ڪکن ۾ - چراغ مون لئه کو ٻار دلبر (۲)

حبيب الله حبيب پٺاڻ

حبيب الله ولد خدابخش پٺاڻ تخلص حبيب ۲۲ جولاءِ ۱۹۲۹ع ۾ باڪرائي تعلقي ڈوڪري ۾ ٽولد ٿيو. سندي فائنل ۽ ادبي فاضل جا امتحان پاس ڪيائين. مرحوم ٽنائي جي عزيز ترين شاگردن مان آهي. سندس ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول جي هيڊماسٽر طور سالن تائين رهيو. تنهنڪري حبيب کي ٽنائي سان

(۱) درمحمد درڪ جي فرزند استاد اسدالله صوفي سان ۲۰- دسمبر ۱۹۸۸ع تي ٿيل ڳالهه ٻولهه ۽ ملاقات
(۲) درڪ درمحمد ۽ 'قلمي بياض' ص ۶۳

ڏيڪ ڏينهن جو موقعو ميسر ٿيو ۽ شاعريءَ جو ڏان ڏيڪ ڏات ڪيس ملايا. حبيب جي شاعريءَ تي ڏي نظر ڪجي تہ پيو آهي. هوءَ ڏن وقت ڪوٽ خير محمد آرجا ۾ محڪمت جي تنظيم ۾ مصروف آهي (۱). حبيب الله حبيب جي هيءَ غزل جو مطلع تي ملاحظہ ٿي:

ڪاهيون ڪاهو وڃا جي ڏر ٿي ڏونگر ڏونگر
ڪاهي ڪيون روشنيءَ جا ڏر ڪاهي سڏ ڏيو سڏ ڏي
پنهل پرچي تن، جن کي ڪب حبيب چئي

سڀڪو ڏينهن سجي سونهن جو ناهي حد حساب
سڀ ڪهي، پنهنجي شهنشاهه وحيءَ ڪهڻ ڪتاب
نوري ۽ ڏين ڪتاب، جو پڙهي سو پتو لهي (۲).

مرحوم ڪتابي جي پياري دوستن، شاگردن ۽ سماڻ ۾ سڀڪو ڏاهو نالو ڪتب ڪريم ڏخي ملاح سڏائي جو آهي. جنهن جو تفصيلي ڏک آئين صفحي تي اچي چڪو آهي.

---

(۱) حبيب الله حبيب سان ۲۰ ڊسمبر ۱۹۸۸ع تي ڪيل ڳوڙهي ملاقات

(۲) حبيب حبيب الله : 'ڪلهي پياس' ڏان

(ث) مرحوم ثنائيءَ لاءِ دور جي محقّقن، عالمن ۽ اديبن جي راءِ

مرحوم ثنائيءَ هڪ درويش صفت انسان هو. تنهن
کي زياده نمود و نمائش کان پري رهندو هو. پر جئن مثل مشهور آهي ته
"عشق ۽ مشڪ لڪ جاکين هوندا آهن" سو ثنائيءَ جي شخصيت به گهڻي ڪان سگهي
۽ ان دور جا چوٽيءَ جا شاعر، عالم، اديب ۽ محقّق کائنس چگيءَ ريت آشنا هئا ۽
سندس شاعراڻي عظمت جا قائل هوندا هئا.

شمس العلماء ڊاڪٽر محمد بن عمر داؤدپوٽي سان ثنائيءَ جي نيازمنديءَ
جو رستو هو. علامه داؤدپوٽو، مرحوم ثنائيءَ جي شعر و سخن کان بيحد متاثر هو.
"هڪ دفعي مولانا ثنائيءَ کي علامه داؤدپوٽي سان ملڻ جو شوق
دامنگير ٿيو. گونان کهي ڪراچي وڃي نڪتو. علامه صاحب جي آفيس جي دروازي
تي پهچي هيٺين مصرع چيائين،

رسيو شمس جي در متي آهستي
ثنائي سنائي وڃڻ واسطي

ڊاڪٽر داؤدپوٽي جي ڪن تي جڏهن اهي سٽون
جوپڙلاءِ پيو ته هڪدم آواز سياڻي ورتائين ۽ هيٺيون سٽون چوندو ٻاهر نڪتو:

ثنائي سند و شعر بالا سبلند
نه پهچي تنهين کي خيالي ڪمند

(1).

ميٺن شمس مان ثنائيءَ جي مقبوليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

---

(1) سهتو عبدالستار: 'مولانا ثناء الله ثنائي جون ادبي خدمتون' (مونوگراف)، ص 9

جنهن ماڻهوءَ کي ان دور جو وڏو اديب ۽ عالم نه فقط ذاتي طور سياڻي
۽ سندس فن جو به مداح هجي ته اهو سندس مقبوليت جي وڏي سند آهي.

۱۹۲۱ع ۾ 'جمعيت الشعراء سنڌ' ياران کڻايل 'پهرين
آل سنڌ ادبي کانفرنس' لاڑڪاڻي ۾ منعقد ٿي. جنهن جي صدارت مرحوم
شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ڪئي هئي. ان کانفرنس ۾ مولانا ثنائي جي شعر
پڙهيو ان کان مرزا قليچ بيگ ايترو ته متاثر ٿيو جو کيس ئي شعر پڙهڻ لاءِ چيو.(۱)
جنهن مان مولانا ثنائي جي شاعراڻي حيثيت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

پير حسام الدين راشدي، مرحوم ثنائي جي شاعراڻي
عظمت جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب 'هوڏوڻي هوڏينهن' ۾ لکيو ٿو:

'ثنائي وارو دور لاڑڪاڻي ۾ علم ادب جي عروج
وارو دور هو. زنده شاعرن مان مرلوي ثنائي جو
ڪلام مقبول هو" (۲)

پير حسام الدين راشدي، ثنائي جي علمي ۽ ادبي مقام
کان ايترو متاثر هيو جو مٿن سڄن ۾ هو هڪ دور کي ثنائي دانهن منسوب ڪندي
'ثنائي وارو دور' سڏي ٿو.

مرحوم ثنائي جي شاعراڻي حيثيت جو وڏو ثبوت ان مان
ملي ٿو ته جيڪو ماڻهو سندس شخصيت، فن ۽ فڪر کان متاثر ٿي ساڻس جيترو ويجهو

---

(۱) سيد عبدالستار : مولانا ثناءالله ثنائي جون ادبي خدمتون (هڪ مطالعو) ص ۱۰
(۲) راشدي حسام الدين پير : 'هوڏوڻي هوڏينهن' حيدرآباد، سندي ادبي بورڊ، ۱۹۷۷ء ص ۳۲

ويو آهي، انهيءَ سندس اوتهي سارا ڪئي آهي. فقير ڪريم ڏني سڏائيي جي دل ۾ ٽنائيي جي لاءِ روحاني مرشد واري عقيدت ۽ احترام هو. هن پنهنجي محبت پريم جذبن جو اظهار پنهنجي شعر ۾ هوندڙ ته ڪيترن ئي هنڌن تي ڪيو آهي، پر سڏائيي جو هيٺيون قصيدو جنهن جو هن عنوان تي قصيدہ دل رسيدہ رکيو آهي، سندس ٽنائيي سان محبت ۽ عقيدت جو بهترين ۽ انمول ثبوت آهي. جنهن سان مرحوم ٽنائيي جي علمي ادبي توڙي روحاني منزل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هتي انهيءَ طويل قصيدي مان فقط چند بند نمونيي طور پيش ڪجن ٿا: ملاحظه فرمايو:

اول ثنا ءُ الله جو باري	— خالق خلق اپائيي ساري
نور نبيءَ جو تيو اظهاري	— ظاهر ٿي سادات پلاري
ميرمحمد جي سرداري	— جنهنجي ورتي سڀ هنن تاري
جنهن ڪيا ڪامل قطب ڪبير	— شاهه ٽنائيي مرشد ميرر
واه وسيلا وارث ويرر	
محب منجهايو عشق مجازي	— گونڙ ۾ تنهن غرق نه غازي
نفس ننڊ ورو رنگ روازي	— توڪئون تنهن ڪيو دورازي
رمز هٽي هيءَ دل ڪرازي	— صاحب ڏي ٿون سرفرازي
پرت سچيي ڏي پاس پيرر	— شاهه ٽنائيي مرشد ميرر
واه وسيلا وارث ويرر	
مرشد تنهنجو شاهه امروٽي	— عرش ڪرسيءَ تي ان جي جوٽي
سڪ عطا ڪر موتڪي موٽي	— دشمن ڪي هڻ سالڪ سوٽي
ڏيج وڏائي رهبر روٽي	— فيض ڏيڻ جي ڪاڻ نه ڪوٽي

میٹھڑم منصبي تون تقدير - شاھ ثنائي مرشد ميرم
واھ وسيلا وارث ويرم
وارث والي ويرو ويام - نور ڀانھل نور نظام
آھي سڀاڻي منصبي سام - مرشد ميڻ خطا خام
پيڙ پرستو مٿس قيام - پون قبول سڀ ڪلام
حاصل ٿئي سڀ حاج حقير - شاھ ثنائي مرشد ميرم
واھ وسيلا وارث ويرم (۱)

لاڙڪاڻي جي معتبر، خصوصن عشق ۽ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ مولانا ثنائي جي دوست ۽ همعصر حاجي ملهي بخش جمالي ثنائي متعلق تاثرات بيان ڪندي ٻڌايو ته:

"ميان ثناءالله ثنائي پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو. في البديهه شعر جوڙيندو هو. ماڻهو سندس مداح هوندا هئا. هو ادبي گڏ جاين ۾ گهڻو ويندو هو. تاهم هن هن طرحي مشاعرن ۾ گهڻو ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪندو هئي. باقي مذهبي جلسن ۾ ته پورو حصو وٺندو هو ۽ باقي مذهبي شعر شوق سان پڙهندو هو. ۽ عوامي محفلن ۾ اصلاحي ۽ طنزيه ڪلام وڌيڪ جوش خروش سان ٻڌائيندو هو. ماڻهو سندس ڪلام کي ڏاڍو پسند ڪندا هئا. گائڪا سندس غزل ۽ ڪافيون سازن تي گائيندا هئا. ٻڌي ٻلهڙ قومي جوان جهي زبان تي سندس شعر هوندو هو. سچ پچ ته هو سچو عوامي شاعر هو." (۲)

(۱) سڀاڻي حڪيم ڏوسلاح ' تلعي بيانات ' ڪان
(۲) حاجي ملهي بخش جمالي ڳاڻ ۱۲- مئي ۱۹۸۸ع تي ڪيل انٽرويو

مولانا ثناءالله ثنائي جي همعصر دوستن مان آخوند عبدالرئوف پٽي ساڪن دولت پور ڪوڪر تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جو رهاڪو هو. هن ۽ مرحوم عبدالرئوف جو شمار ثنائي جي شيدائين ۾ ٿئي ٿو. جنهن جو مظهر سندس هيءُ شعر آهي جنهن ۾ هو ثنائي جي سراهه هيٺ لفظن ۾ ڪري ٿو :

منڌمب غمخوار دلدار آ
عجب ساه سينگار جنسار آ
فصاحت بلاغت ۾ يڪتا گوهر
نزاڪت مضامين ۾ فخر دهر
ثنائي صفائي اندر صاف دل
سچائي وفائي اندر بي مثل
جو آ ڪنز فيض ۽ علم جو
جو آ معدن فيض ۽ حلم جو
سدائي منجهنون سڪ جي راتيان ڏينهان
ثنائي، ثنائي، ثنائي ڪيان

(۱)

(۱) پٽي عبدالرئوف :- 'قلمي بياض' تان

(ج) علمي ۽ ادبي تحريڪن ۾ حصو

مرحوم ثنائيءَ پنهنجي دور جي هر دلعزيز ادبي شخصيت هو. جنهن مجلس ۾ موجود هوندو هوته اها محفل مشڪ زعفران بڻجي ويندي هئي. هو بنيادي طور هڪ عوامي شاعر هو. واٽ ويندي ڪنهن واقفڪار دوست جي دڪان يا اوطاق تي جڏهن پنهنجي شعر و سخن جا واهڙ وهائيندو هوته هٽ ڏندڙن جون ڏندين آڱريون اچي ويندي هيون. پُرتڪلف علمي ادبي نشستن ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪرڻ سندس طبيعت جي خلاف هو. انهن ادبي اڪارن سان سندس سڀ واسطو خانگي ڪيائين ۾ نه ئي ڪنهن ادبي تنظيم جو ميمبر يا عهديدار رهيو. تاهم هن ڪيترين ئي علمي ادبي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي جنهن جا ثبوت ملن ٿا. هن سڌ سطح جي ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهڻ لاءِ پنهنجي ڪلام سان حاضرين ۽ سامعين جي جيءَ ۾ پنهنجي لاءِ جايون جوڙيون هيٺ مرحوم ثنائيءَ جي ادبي ميڙن ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت جا ثبوت پيش ڪجن ٿا.

۲۵-۲۶ ڊسمبر ۱۹۲۱ع ۾ جمعيت الشعراء سنڌ طرفان لاڙڪاڻي ۾ پهرين "آل سنڌ ادبي ڪانفرنس" منعقد ٿي. جنهن جي صدارت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ڪرڻ فرمائي. استقباليه ڪاميٽيءَ جو چيئرمين ميان علي محمد قادري ۽ سيڪريٽري جنرل احمد علي ڪامران هو. حاجي محمود خادم جوائنٽ سيڪريٽري هو (۱).

مذڪوره ڪانفرنس ۾ مولانا ثنائيءَ جي شرڪت ۽ پذيرائي

---

(۱) قادري ايازحسين : "سندي غزل جي اوسر"، پاڪو پهريون، جون ۱۹۸۲ع، ص ۳۵۶

جو ذکر آکوات اچي چکو آهي. جنهن جي تائيد ۾ تصديق مولانا ٽنائي جي دل گهريا دوست فقير ڪريم ڏني ملاح صدائيءَ هن ريت ڪئي :

"اڌي ڪانفرنس ۾ ميان ٽنائيءَ کي وڏي عزت حاصل ٿي . وڏا وڏا شاعر موجود هئا. هر هڪ پنهنجو شعر پڙهائيندو داد حاصل ڪندو هلندو ويو. ٽنائيءَ جڏهن پنهنجو طرحي شعر پڙهيو تہ چوڌاري واه واه پئجي وئي . مرزا قليچ بيگ سندس شعر کان ايترو متاثر ٿيو جو ميان ٽنائيءَ کي چيائين تہ پٽ! هيو به شعر پڙهاءِ . پوءِ ميان ٽنائيءَ 'مانيءَ مانيءَ' وارو شعر پڙهيو. ان شعر جا ڪجهه بند هن ريت آهن:

چور پراوا ساسي چوڙن	—	مسڪين جورت ولوڙن
ڪاٽ هٽي تا ڪاٽ مروڙن	—	ٽان سڀيءَ جا پٽڪا چوڙن
گنجي ٽڪري ٿي پي لوڙن	—	ٽنگ ڇڪي پي ڪن نقصاني
هي تہ مڙئي ڪن مانيءَ مانيءَ		
عابد زاهد هوٽل دوڙا	—	پڙهندي پڙهندي ٽڪا گوڙا
سجدا ڏيندي لٽا چوڙا	—	مل تہ سلڊ ۾ لڪ لڪ لوڙا
دل سان ٻانهن الله کي اوڙا	—	هٿ ۾ تسبيح تن تا واڻيا
هي تہ مڙئي ڪن مانيءَ مانيءَ		
شعر ٽنائيءَ ڳائي ڳائي	—	ڪوڙ چڙي آ خلق سڀائي
جابڙي پير ڏي نہ پائي	—	تاڙي سٽي مانيءَ کائي
من جو مطلب صاف سڀائي	—	ڪلموکهه وٽ راه نہ پائي
هي تہ مڙئي ڪن مانيءَ مانيءَ		(۱) .

(۱) صدائيءَ ڪريم ڏنو ملاح ڪان ۱۵-مئي ۱۹۸۷ ع تي ورتل انٽرويو

چھوين آل سنڈ ادبي كانفرنس، لاڑكاڻو، ۱۹۲۱ء

صدارت: شمس العلماء مرزا قليچ بيگ



ساڄي كان: نواز علي "نياز"، (۲) فقير عبدالقادر "بيدل"، (۳) حاجي محمود "خادم"، (۴) اسير الدين "همدم"، (۵) غلام سرور "فقير"، (۶) علي محمد قادري، (۷) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، (۸) مرزا منوچهر بيگ، (۹) احمد علي "كامران"، (۱۰) رئيس نجم الدين، (۱۱) "غريب" دهلوي، (۱۲) "كاشف" لكنوي، (۱۳) مرزا محمد خان، (۱۴) محمد بخش "واصف". پويان: (۱) ماستر جمعو خان "غريب"، (۲) مولوي ثناء الله "ثنائي"، (۳) ماستر رازقڏنو "سائل".

ادبي ڪانفرنس ۾ ثنائيءَ جي شرڪت جو ٻيو تحريري ثبوت لاڙڪاڻي ۾ ٿيءَ منعقد ڪيل ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس آهي.

هيءَ ڪانفرنس جمعيت الشعراء سنڌ جي زير اهتمام ۲۲-۲۳ آڪٽوبر ۱۹۵۹ع تي جناح باغ لاڙڪاڻي ۾ ٿي. جنهن جي صدارت شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤدپوٽي ڪئي. ڪانفرنس جو جنرل سيڪريٽري عبدالغفور پرڳڙي هو. مشاعري ۾ مصرع طرح رکي ويئي هئي:

| قوم زنده ٿي رهي پر جي زبان زنده رهي | (۱)

مرحوم ثنائيءَ مذڪوره طرح ٿي انتهائي فڪر انگيز شعر جوڙيو هو. جنهن مان نه فقط سندس فهم ۽ فراست جو پتو پوي ٿو، بلڪ اهو به ثبوت ملي ٿو ته ثنائيءَ هڪ محب وطن شاعر هو. جنهن کي پنهنجي ٻولي، سان، علائقي سان ۽ ملڪ سان بيحد پيار هو. ان طرحي شعر مان چونڊ مصراعون گذريل صفحن ۾ اڳي چڪيون آهن. هيٺ اهو مڪمل شعر ۽ ان جو عڪس پيش ڪجي ٿو. ملاحظه فرمايو:

| قوم زنده ٿي رهي پر جي زبان زنده رهي
| گدڙ زبان سان اي ادا روح روان زنده رهي
| شعر گوئي ري عمل جي آ ڪدڙن جو ڏهل
| ڪار ڪر جو ڪار سان ٿو ڪار روان زنده رهي
| جنهن حڪومت ۾ هميشه آهه رشوت کي رواج
| قوم قائم ڪيئن وئي پر فخان نه زنده رهي

(۱) جمعيت الشعراء سنڌ: "تحفه لاڙڪاڻه" لاڙڪاڻه انصاف پريس، ۱۹۵۰ع، ص ۲

کاٹ کي کاڌو اڏيھي پرڪلر ديوار کي
جاءِ ڪٽ ٻر جاءِ ٻيھي ٻي زبان زنده رھي

ري عدالت پاڪ پاڪستان تئي ڪين پائدار
ھي سخي سلطان تي نوشيروان زنده رھي

سلطنت ٻڏجي سليماني ڪپي آصف وزير
ھند پر ھامان چو فرعون سان زنده رھي

سنڌ جي ھولي به ٿي ويو آه ڪيڏي ٻر ٻلاء
فارسي عربي پر اردو سان ٻيان زنده رھي

سنڌ پر غلبو ڪري پرليون ٻيون ڪاھي ٻيون
تنھنڪري ٻي قوم تائر سمپنان زنده رھي

سنڌ کي لوڏو ونڊ ايڊو سنڌ ٻر سھين ڪاز
نيڪ نيت سنڌجو ٿو ٻا عنبان زنده رھي

اي ثنائي جيستائين آسمان زنده رھي
پاڪ پاڪستان جو نام و نيشان زنده رھي

(۱)

۱۹۲۱ء ۽ ۱۹۴۹ء وارين ڪانفرنسن پر شرڪت اھو ثابت ڪري ٿي ته ٽيھن سالن جو وچ وارو عرصو مرحوم ثنائي ھڪ فعال شاعر جي حيثيت پر گذاريو ھوندو. ۽ ممڪن حد تائين ڪانفرنسن ۽ ادبي ميڙن پر شرڪت ڪئي ھوندي.

---

(۱) 'تحفه لاڙڪانه' جمعيت الشعراء سنڌ، لاڙڪاڻه، انصاف پريس، ۱۹۵۰ء، ص ۱۰

مرحوم ثنائيءَ جو هڪ ٻيو طرحي نعتيه غزل ملي ٿو.
جنهن جي مصرعه طرح هن ريت آهي.

جڏهن معراج تي ويو رهنما هر دوجهان ٻڌجي

هن طرحي نعتيه غزل ۾ ثنائيءَ پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪندي معراج جي مقدس ۽ متبرڪ واقعي جي منظر نگاري ڪئي آهي ملاحظه ٿئي:

جڏهن معراج تي ويو رهنما هر دوجهان ٻڌجي
تڏهن سينگار جي ٻيٽو ادب سان لامڪان ٻڌجي
ڪيا سينگار سَوَ حورن، ڪليا فردوس چو طرفن
ڪٽي گل دوزندو رضوان آيو باهنبان ٻڌجي
ڏڪي ويو ڪون ڪسريٰ جو اڇي ڪفران بي آتش
هلي آيو محمد شاه شوڪت شان سان ٻڌجي
حشر جي ڏينهن ۾ هڪو پڙهي پنهنجا عمل ورندو
اتي ايندو هلي حضرت شفيع العاميان ٻڌجي
ثنائيءَ پڙهه صلوٰة الله علىٰ حامي حبيب الله
ثنا پوري نه تي سگهندي لکين ويا داستان ٻڌجي

(۱)

(۱) ثنائي ثناءالله : ، ديوان نعتيه ثنائي ' لاڙڪاڻو ، ويڙهو مل ڪنڊ مل تاجران ڪتب ، ص ۹۵ ص ۹۶

باب ٹيون

وقت ۽ حالتن جي ڪسوٽي

(الف) مولانا ثنائيءَ جي دور جي معاشي حالتن جي سندس ڪلام ۾ جھلڪ

(ب) مولانا ثنائيءَ جي دور جي معاشرتي حالتن جي سندس ڪلام ۾ جھلڪ

(ٽ) مولانا ثنائيءَ جي دور جي سياسي حالتن جي سندس ڪلام ۾ جھلڪ

باب ٽيون

وقت ۽ حالتن جي کسوٽي

(الف) مولانا ثنائيءَ جي دور جي معاشي حالتن جي سندس ڪلام ۾ جھلڪ

قومن جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ ۾ معاشي حالتن جو وڏو عمل دخل هوندو آهي. جيڪا قوم معاشي طور ڏڪيل هوندي آهي، تنهنکي پاڻ پيري ٽيڙ لاءِ وڏي جاکوڙ جي ضرورت هوندي آهي. جڏهن ان قوم جو هر هڪ فرد پنهنجا ذاتي مفاد ڇڏي قومي مفاد لاءِ ڪم ڪندو، تڏهن ٿي اها قوم پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي لائق ٿيندي. قومن جي معاشي بدحالي جا سبب ۽ تمن جا هوندا آهن. هڪڙا سندن پنهنجا پيدا ڪيل يا خودساخته مثلاً اجتماعي مفاد تي ذاتي مفاد کي ترجيح، محنت جو فقدان، نمود ونمائش، پٺي جي غير برابري واري ورڇ. ٻيا قدرتي اسباب جيئن طوفان، ٻوڏون، زلزلا، خشڪ سالي جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ قحط سالي ۽ جوشڪار ٿي ويندو آهي. ۽ وڏي معاشي بحران ۾ مبتلا ٿيندو آهي.

اسانجي سنڌ جي سرزمين ٻئي حالتون ڏيکاريون آهن. انتهائي خوشحالي ۽ ترقيءَ واري دور مان ٻه گذري آهي ته طوفان ۽ ٻوڏين سبب بدحالي ۽ قحط سالي جو شڪار به رهي آهي. ميان ثناءالله ثنائيءَ جي دور ۾ سنڌ جي مٿان ڪيئي آفتون آيون. ٻوڏون، طوفان، ڏڪر ۽ زحمت پرين بارشن جاوا تعاسندس آکين آڏو گذريا، جيڪي سنڌ جي معاشي بدحاليءَ جو سبب بڻيا.

ثنائي انسان دوست شاعر هجڙ جي حيثيت ۾ پنهنجي شاعريءَ ۾ نه فقط انهن آفتن جو ذڪر ڪيو آهي، پر انهن جي نتيجي ۾ جيڪا معاشي بدحالي پيدا ٿي ۽ جنهن ريت سنڌ واسي ان جو شڪار ٿيا، انهن سموري واقعن کي پڻ ثنائي بيان ڪيو آهي.

مرحوم ثنائي ۱۹۲۳ع واري ذڪر جا ڏينهن پنهنجي اکين سان ڏٺا ۽ ان تي رت جا ڳوڙها گاڙيا. هن پنهنجي هڪ شعر ۾ ان واقعي جي پورو نموني عڪاسي ڪئي آهي. ملاحظو ٿئي:

ڏڪر آيا نه شامت آ، نه شامت آ قيامت آ
مرن ماڻهن پهندن تي، اچي پئي عام آفت آ
متن پائرن ۾، پيءُ پٽ ۾ عبارت آ قيامت آ
ندامت آ، ندامت آ، ندامت آ ندامت آ
نه پاڻي آ نه مالي آ، نه پٽ ۾ آ نه طاقت آ
متر هاڻو ڪٿي ڪائي، الله ۾ تي عُلاقت آ
گهرن پاڻي نه ڇڏي غرقي، چئون ناس نه اصلي بس
اجابت ۾ دعا اهڙي جو رهندي هلاڪت آ
ستري سڙي، سڪي درتي، نه ٿي ڪڙي مٺا ماڻهو
ولين پي وڏو گوشو، نه پي ڪنهن ۾ ڪرامت آ (۱)

(۱) ثنائي ثناءالله: "قلمي بياض"، تان

ثنائيءَ جيءَ مينهن نه وسڻ سبب قحط سالي جو دور ڏٺو. انهيءَ زحمت پريءَ مينهن جي تباه ڪارين مان به گذريو ۽ هن پنهنجي آئين سان سنڌ جي معيشت کي تباه تيندي ڏٺو. ٽسال مينهن به مهرپور ۾ وسن. ثنائيءَ قهر بڻجي ڪڙڪ واريءَ برسات جو هڪ واقعو هن ريت منظوم ڪيو آهي:

هڪندهن گهريو پاڻي گهٽو	- يارب اُرهه جيڏو وهٽو
ٽيڏو سريس سارين ڪٽو	- ڦٽندو سرهه جاڻيو چٽو
هريءَ ورٽيڏو وڃو سٽو	- خوش ڪيم پيڏا سڀ پيا
پاڻي ته ٻيو پر ڇا چوان	- هڪ مينهن جا ريلا چوان
ٻيو ڪنڌ سارين پر سنوان	- نقصان ٿيا روپيا نوان
ٿيا بند نبتر ٻڌا توان	- گهيرا ڪري بارش ڳڳا
ڪن جو چنيون بارش جهڳون	- ڪن جون گنديون گهر ڳڳون
ڪن جون ميون ڏڪي ڏيڳون	- ڪي دست چورن جي لڳيون
ڪي ڪي مريا مس مس ٽڳيون	- ڪن جا فصل ٿي ويا فنا

(۱)

خدائيءَ آفتن مان ٻوڏ ورهاڻيءَ جي آفت آهي جنهن جي زد ۾ جيڪو آيو سو اڳيو. سڪن ڳڏ ساوا به ستيءَ وڃن ٿا. انسان ته انسان پر جهنگ جا جانور ۽ پکي پکيڙ به متاثر ٿين ٿا. ملڪ جي معيشت تباهه ٿي وڃي ٿي. ثنائيءَ پنهنجي هڪ شعر ۾ ۱۹۴۲ع واريءَ تباهيءَ کي ٻوڏ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن جون تباه ڪاريون هن پنهنجي آئين سان ڏٺيون. هن ٻوڏ ۾ ثنائيءَ جي ترڪ جو شعر آريجابه ٻوڏ هيٺ آيل ٻوڏسجي. هن اهڙو اظهار پنهنجي هڪ شعر ۾ ڪيو آهي.

(۱) سامي ثناءالله ۽، خطبات ثنائي، لڪڙ ڪاٽو، ڪاليواڙ اسٽور، ص ۶۱ ص ۶۲

توبہ توبہ ٻند ٻڳو آ
ڪوڙ وارو ڪونہ ٻڳو آ
ڳل ڳل جھڙو ڏھل وڳو آ
ڳوٺ ٻڏي ويا مال رڳو آ
خان لڙھن تا جڙ ڪڳو آ
جھڪو جاريءَ ۾ ٻي واہ
لوڻ آن ڏاڏو ٻيپر واہ

(۱)

ثنائيءَ جي ھيلين ۾ سڄن مان اھو ثابت شيءِ نڪ تہ ڳوٺ آريجا ھوڏ کان متاثر ٿيو ھيو:

آريجا آباديءَ ويئي
گڏ جي غم ۾ شاديءَ ويئي

(۲)

۱۸۳۲ء ۾ جڏھن انگريز سرڪار سڪ ٻڌاڻ جوڙي راس ڪئي تہ سڄو واسيئن ۾ وڏي خوشيءَ جي لھر ڊوڙي ويئي. چالاڪ تہ ھن ٻڌاڻ سان وڏيون اميدون وابستہ ڪيون ھيون تہ ھاڻي پاڻيءَ جي ورڇ منصفانہ ٿيندي، نندن واھن ۾ واڌ ويلي پوندي ۽ ٽائين پھچندو. ھر طرف جل ٿل ٿي ويندا. پر وقت گذرڻ سان ثابت ٿيو تہ پاڻيءَ جي ان تقسيم ٿي ۽ آفيسرن ۽ سرڪاري جو مڪمل تسلط آھي. جنھن ڪي وٽين تہ جيڏو پاڻي ڏين ۽ جنھنجو چاھين تہ بند ڪري ڇڏين. ثنائيءَ ۽ اول تہ اھڙائي خواب ڏٺا ھئا جنھن جو اظھار شعر جي سڄن ۾ ھن ريت ڪري ٿو:

---

(۱) ثنائي ثناءالله، 'اشعار ثنائي'، شڪارپور، مولوي محمد عظيم پبلشر، ص ۲۲

(۲) ——— ايضاً ——— ص ۲۳

اسان جيو ڪي پوڪون ٿيندیون
باريجن سان واهيون ايندیون
گهر ويندي ئي پاڻي ڏيندیون
بناڪنا ڪل پوڙيندیون
مال جي لاءِ ٽلاءِ پريندیون
رهندو رائيس جڏهن جنجال
ڏس ته ڪيا سي بد اعمال
تان تيا قهرندي هيءُ هي حال (۱).

ثنائي جي چوڻ موجب گويا بئراجن ۽ ڪنالن جڙڻ سان فائدي جي بجاءِ الٽو نقصان پيو آهي ۽ سڄڻ جي معيشت ڪي ڏک لڳو آهي.

ثنائي پڌهنجي هيءَ رجحان کي انگريزن جي غلاميءَ واري دور ۾ گذاريو ۽ هن پڌهنجي ڪيئن سان آزادي ۽ جاڏيڻهن ۾ ڏٺا. انهيءَ سموري عرصي دوران ملڪ تي ڪاموراشاهي جو تسلط رهيو ۽ جيڪا اهي ڪاموراشاهي غلاميءَ واري دور ۾ استحصالي قوتن جا ناشنده هٿا، انهي عوامي استحصال ۽ اقتصادي ذريعن تي قبضو سندن فطرت ۽ حڪمت عملي جو اٽوٽ انگ ٿي پيو هو. اهڙين حالتن ۾ ڪوبه هاري ناري، امير يا زميندار سندن جڏهن ۽ ڪير پائڙ ۽ اقتصادي برابري کي ڇهڻ ڏنو هو. مولانا ثنائي جڏهن ته پاڻ ديني عالم هو، ان کري کانئس ڪنهن به ديني عالم جي معاشي ابتري ڏسڻ برداشت ٿي نه سگهي. ان کري ثنائي پڌهنجي دور جو معاشي تجزيو پيش ڪندي، معاشري ۾ ديني علم حاصل ڪرڻ واري عالم کي بي قدري جي نگاه سان ڏسڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ مشورو

(۱) ثنائي ثناءالله ۱، 'اشعار ثنائي'، شڪارپور، مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب، ص ۲۶

ڏو آهي ته جڏهن ايترو ديني علم حاصل ڪرڻ جي باوجود نه ته کو وڏو عالم ۽ پرهيزگار بڻجي سگهجي ٿو ۽ نه ئي کو معاشري ۾ مقام حاصل ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ دنيوي زندگي سکي گذارڻ جو ته سامان پيدا ڪجي. اتي ثنائي جي نظر معاشري جي انهن طبقن تي پيئي آهي، جيڪي هتي معاشي طور مطمئن آهن. هوان عالم کي صلاح ٿو ڏئي ته تون دنياوي علم پڙهي کو وڏو وڪيل بڻجي وڃ ۽ خوب پئسا ڪماءِ. جي وڪيل بڻجڻ جي سگهه کانه ٿو پائين ته پوءِ ڪٽي ماسٽر ٿي ۽. هارن جي مائٽن تي کوڙ اڪيس ڪري کين سزائون ڏيار يا کين سزائن کان بچائڻ لاءِ ساڻن سٽ ملائي پئسا ٽڪاءِ. پر جي ماسٽري منظور نه هجيئي ته پوءِ وڃي تپيدار ٿي ۽. زميندار تو ڏي هاري ڏاري سپ تنهنجا گيهو هوندا. پر جي جمعدار يا سوبيدار ٿو بڻجي پوي ته پوءِ سمجهه ته رياست ئي تنهنجي آهي. ها جيڪڏهن پنهنجي ذهانت جي زور تي مختيارڪار، ڊپٽي يا ڪليڪٽر جي عهدن تائين پهچي ويئن ته پوءِ پاڻ کي بادشاه پائنج. ثنائي پنهنجي شعر ۾ رقمطراز آهي:

پڙهيو دين جو علم تو ڪيترو
نه تيو فائدو فيض تہ جيترو
عمل جي ڪرڻ جي به طاقت نه تي
عبادت سچيءَ جي لياقت نه تي
ويو دين توڪان ته دنيا نه ڇڏ
نه مولا مليو جي ته مايا ڪي گڏ
پلو آ بٽي پڙهه وڏو کو وڪيل
دنيا جي ڪمائڙ جو دلبو دليل

شيئن ماستر جي تپي شئي سزا
ڪري ڪيس ڏياري سگهين ٿو سزا
تپيدار شينهين ته تنڌنجو تپو
وڏيرن جي واهر لڳو جي لپو
تپيدار کي ڪو تپائي نه پو
ٻجهي پار تي پوءِ ٿم ٿم ٿپو
جمعدار، جبّار، جابر، جوان
صوبيدار صوبو پڪو پهلوان
ڏٺي تعلقي جو آهختيارڪار
زميندار ۽ برو به خدمت گذار
ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ته حاڪم حليم
عدالت جي پاران غفورالرحيم
پوءِ اهڙو پڙهين علم چونه ٿو
ملڻ جي پچا ڪو ڪري ڪونه ٿو

(۱)

مرحوم ثنائي پنهنجي شعر ۾ ڪامورن جي حوالي سان معاشي پستيءَ جو نقشو نهايت اثرائتي انداز ۾ چٽيو آهي. ان دور ۾ سرڪاري نوڪرين جو جائزو وٺندي ثنائي ٻڌائي ٿو ته سٽيون ۽ رعبدار سوريون نوڪريون هيٺن جي حصي ۾ هيون. مختيارڪار، ٻيلي ڪاتي جا صاحب، تپيدار، اوورسيئر، سرويئر ۽ انجينئر سڀ گهٽ ڪري هڏ وهونڊا هئا. مسلمانن جي حصي ۾ ڪوتواري ٻيلداري ۽ پٽيواليءَ جهڙيون معمولي نوڪريون هيون. مسلمان وڏي وڏي به ڏي

ص ۱۲ ص ۱۳

(۱) ثنائي ثناءالله: 'حليما' قلمي بياض

مقدّم يا آبدار بڻبوهو ۽ اهاوڏي گالهه ليکيبي هئي . لهٰذا مسلمان مجموعي طور معاشي لحاظ کان بدحالي ۽ جو شڪار رهيو . ثنائيَ ان حقيقت جو اظهار پنهنجي شعرن ۾ ريت ڪري ٿو :

هندن جي ڪيو نوڪري ۽ تي نظر
اتي پي اسان کان ڪري وياڪثر
جي ديوان هوندو ڪو مختيارڪار
ته آڏو مسلمان آ ڪو ٿوار
جي ٻيلي جو صاحب ڪو ديوان آ
پٽوالو ٻيو مسلمان آ
منگل مل تو نقشا ٽپي لاءِ ٽڪي
مسلمان ٻيو جهلي تو ڇڪي
هو ڏس هندن جا ٿون پائي پرسر
اوورسيئر ، سرويئر ۽ انجنيئر
مسلمان ڏسندين ته ڪل ٻيلدار
وڏووس ته مقدم پڪا آبدار (۱) الخ .....

مرحوم ثنائيَ گڏيل هندوستان واري دور ۾ مرڪتي هندن طرفان ساده لوح ۽ اڻ پڙهيل مسلمانن جي معاشي استحصال جا ڪيترائي لون ڪاندارينده نقشا چٽيا آهن . هو ٻڌائي ٿو ته هندو سيٺ جي اسانجي اوهڃ ڪوٺاڻي جي پڪل پوک تي نگاه هوندي هئي . اسانجو هاري خون پگهر جو پورهيو ڪري جيڪو حصي جو اَن آڻي گڏ ڪندو هو ، سود خور هندو ڪيس سڃي سال ۾ قرض متان گهاڻي ڪوياج چاڙهي ايترو ته مقروض بڻائي ڇڏيندو هو ، جو

(۱) ثنائيَ ثناء الله ا ، سرونو عرف صلح جو پيغام ، قلمي بياض ، ص ۲۹ ، ص ۳۰

هاري ۽ جي حصي جو اَنُ هندوءَ جي حوالي تي ويندو هو. پر اهڙن به اوڏر ڪانه لهندي هئي. پهراڙي ۽ جا ماڻهو عام طرح سڄو سال پلاوٽن تي ئي سودي سلف جي ڏاڏاڻن هٿ وائيٽن کان اوڏر ڪٽندا هئا. جنهن جي ادائگي فصل جي لهڻ تي ڪندا هئا. ثنائيَ هندو دڪاندار جي ٽڪي ۽ جو مثال ڏيندي پنهنجي شعر ۾ ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن مسلمان ٽڪي جو تماڪ ونڊو هوندو هندو سندس کان ٻه چار آنا لکي ڇڏيندو هو. ۽ ڏيري جيڪڏهن ميٽ ڏونگهي ۾ ڪٽل گهرايا ته هاسي مل سندس لئي ٻه نوٽ چاڙهي ڇڏيا. اهڙي ريت اڻپڙهيل مسلمان ويو ڏينهون ڏينهن معاشي طور بدحال ٿيندو ويو هندوءَ جو ٽجوڙيون ويون پُر ٿيندو. ثنائيَ جي لفظن ۾ ته:

مسلمان منهنجو پوک جي ٻي قرار
ته هندو به تنهنجو ٿيو آ انبار
ڪئي جا ڪمائي مسلمان سرد
ته هندو ڪٽي ويو بنا رنج درد
مسلمان ورتو ٽڪي جو تماڪ
ته هندو لکي چار آنا ٿيو چاڪ
وڏيري وتو ميٽ ڏونگهي ڪٽل
ته هاسي لکيا روڪڙا نوٽ ڏَل (۱) الخ.....

ثنائيَ هڪ عوامي شاعر هو. ۽ سندس ڪلام مان ڪي تاريخي حقيقتون اپري نه وارتين ٿيون. سنڌ ۾ غير مسلم برادري جيڪي اقتصادي استحصال جا مثال قائم ڪيا، انهن مسلمانن کي ڪانئ متنفر ڪري وڌو.

(۱) ثنائيَ ثناءالله : "سرونو عرف صلح جو پيغام" قلمي بيامن ص ۲۸ ص ۲۹

۽ هوا الگر ۾ن سان گڏ هم وطن هندن کي به پنهنجو رت چوسيندڙ جاڻڻ لڳاءِ پوءِ انهيءَ سوچ سياست تي گهرا اثر وڌا.

مرحوم ثنائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ هندن جي قناعت پسندي ۽ مسلمانن جي فضول خرچي جو ذڪر نهايت مؤثر انداز ۾ ڪيو آهي. هندوءَ کي ٽڪو هٿ ايندو تہ هو ان مان آنڪ بٽائڻ جي سوچيندو، مسلمان کي سئہ هٿ ايندو تہ نہ رڳو اهو کيل تماشي ۾ کپائي ڇڏيندو بلڪ ان سوَ جي آسري ڪيئي سوَن جو پاڻ کي مقروض بڻائي ڇڏيندو. مسلمانن جي اهڙي روش پڙهندڙ معاشي بدحالي کي دعوت ڏني جنهن جي تصوير مرحوم ثنائيءَ هيٺئَ ريت چٽي آهي:

جيا هندوءَ کي ٽڪو لڳو هٿ ڪٽي
تہ واپاريان جي مان آنڪ بٽي
مسلمان کي سئہ روپيو هٿ لڳو
تہ ميلو يا نانڪ ڏسڻ لاءِ ڳچ
ڏسي سئہ روپيو سوَ ڪمائين قرض
اڏو سئہ روپئي جي مٿي سئہ مرض (۱)

ثنائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ انهن ماڻهن جو به ذڪر ڪيو آهي، جيڪي معاشي طور ايترا آسوده حال هئا، جي گرمين جي موسم ۾ سنڊ لکي خير باد چئي هوا مٺائڻ لاءِ ڪوئٽا هلڻيا ويندا هئا، جتي ڪورين مسواڙ تي جايون ونيون گرمين جا ڏينهن آرام سان گذاريندا هئاءِ ڇهن پٺن جا ڪپائي موٽندا هئا. جنهن مان سنڊ جي هڪ مخصوص طبقي جي خوشحالي جي جهلڪ

(۱) ثنائيءَ ثناء الله ؛ سروتو عرف صلح جو پيغام، قلمي بياض ص ۳۱

نظر اچي ٿي . ثنائيَ پنهنجي دور جي ڳالهه ڪندي لکي ٿو :

تڪا سندءِ وارا ڪٽي آدمي
گذاريندا سانوڻ اتي هاسمهي
پسي سخت گرمي ۽ تاپش جو تاءُ
مٽائڙ هوا ويندا هڪاوٽڙ واءُ
ڪٽي جون ته ڪوٽي مرجايون ڏيون
ڪٽي ٽٽي وڻڙ جون صلاحون ڪيون (۱)

ثنائيَ اهڙن جذبن جو اظهار ڪري اقتصاديات جي هڪ اهم اصول جي پٽيرائي ڪئي آهي . ۽ اهو چوڻ چاهيو آهي ته ڏيهم جو ناڻو پر ڏيهه ۾ خرچ نه ڪجي ته ان سان پنهنجي ملڪي ترقي متاثر ٿئي ٿي .

انهن مختصر مثالن مان انهيءَ ڳالهه جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو ته مرحوم ثنائيَ پنهنجي دور جي ابتر اقتصادي حالتن کان نه فقط باخبر هو بلڪ انهن جي بهتريءَ لاءِ سوچ کان وٺي قلم جي لوچ تائين جدوجهد ڪئي . ان ڪري هو فقط ۽ فقط مذهبي مبلغ يا دنيا جهان کان ڪٽيل شاعر نه هو . پر هنجي حيثيت پنهنجي دور جي ڪيترن ئي شاعرن کان مٿاهين محسوس ٿئي ٿي .

---

(۱) ثنائيَ ثناءالله ، ’ڪوئتا‘ ص ۳

(ب) مولانا ثنائي جي دور جي معاشرتي حالتن جي سنڌس ڪلام ۾ جھلڪ

ثنائي جو وقت جي معاشرتي حالتن کان متاثر ٿيڻ ھڪ فطري عمل ھو. معاشرتي بدحالي ۽ افراتفريءَ جو ھو پاڻ به شڪار رھيو. جنھن سنڌس حساس طبيعت کي ھلجھوڙي ڇڏيو. ثنائي جي شاعريءَ مان اھڙا ثبوت ملن ٿا تہ ھڪي پٽھلجي والد محترم جي انتقال کانپوءِ پٽھلجن مائٽن ۽ عزيزن کان به بيحد رنج رسيا. ان کانسواءِ ترَ جي وڏيھ ۽ پاتار يدارن جي چرچ تي چورن ۽ بدمعاشن به سنڌس نند حرام ڪري ڇڏي. ڪڏھن مال اسباب جي چوري تہ ڪڏھن ڏيگي ڏور جي چوريءَ جي واقعن ثنائي کي بدخواھن لاءِ ڪوساڪلماڪيڻ تي به مجبور ڪيو ۽ الله سنڌس دانھن پڌي ۽ ورنائي. اھڙي ئي ھڪ موقعي تي مسجد جي ايوان ۾ ويھي ھيٺيون شعر جوڙيائين:

ٻني ڪرموٽ ، امن ڏي اوٽ ، وساءِ گھر گھوٽ گداگر جو
سچا سردار ، اڻين آڌار ، ڪيو ڪڌ تار ثنا گر جو
وڃي سپ سور ، پري ڪرپور ، ملي مون حور حقيقت جي
سورن ڪيوست ، رلي ويورت ، پلاڪر بخت سکندر جو
ڪيو جنھن بدوه ، چنوتن چوه ، اڌمي ڏ اندوه عطائيندو
سچا سلطان ، ملائي مال ، برو ڪر حال جڳاگر جو
ڪئي جنھن جاڙ ، پٽي تنھن پاڙ ، سڙي مٿي ساڙ حرامي ويو
مئو مر دود نحس نمرود ، سھو ويو سود سکندر جو
پيا جي ضد ، پھچي تياردِ ، تنين جو ردِ ڪيون راھون
سڙي تيار ڪ ، جئن ڪي ڪڪ رھيو اولوندي سنگر جو

(۱)

(۱) ثنائي ثناءالله : ، قلمي ديوان ، تان

ثنائيءَ جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن سماج ۾ روينا ۽ قدرن ۾ تبديلين جو تمام گهرو مشاهدو ڪيو آهي. مثال طور سندس غزل جون هيٺيون ٻہ سٽون ملاحظہ ٿين :

| مون ڏٺا اشراف اصلي ڪيترا ڪير ٿيا |
| ڪيترا ڪمذات اشرافن جا پاڙا ٿي ويا | (۱)

معاشري ۾ نظر ڦيرائڻ سان ان حقيقت جا ڪيئي مثال اسانجي آڏو اچن ٿا. اخلاقي قدر منجهڻ ڪري ڪيترن شريف خاندانن جڏهن ڏٺو تہ دنيا ۾ اهو ئي ماڻهو ڪامياب نهندڙ ڪي گذاري ٿو جيڪو وڏو حريف آهي تہ انهن شرافت جو دامن هٿان ڇڏي ڏنو ۽ اهي ڪُهيڙ گهر ۾ گهري پيا. ڪانون وڳا مور جي چال ٿي موهت ٿي پنهنجو چلڻ به ڪاري ڇڏيائون. جڏهن تہ ڪيترا ڪمذات ماڻهو ناجائز طريقن سان دولت گڏ ڪري ۽ سمورا اصول ۽ قانون پيمال ڪري دولت جي زور تي معزز شهري بڻجي ويا ۽ انهن ڪي معاشري ۾ وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏسڻ ۾ ٿي لاءِ تہ معاشري ۾ عزت جو معيار دولت ڪي تصور ڪيو وڃي ٿو.

انساني نفسيات جو مطالعو ڪرڻ سان اهڙي ئ نتيجي تي پهچون ٿا تہ هر دور جي انسان پنهنجي ماضيءَ کي سارا هيو آهي ۽ حال ٿي نڪتہ چيني ڪئي آهي. پوءِ اهي نقص معاشي، معاشرتي يا تہ ڌرمي مذهبي ٿي سگهن ٿا. گويا اهو گهاڻ انسان جي فطرت ۾ شامل آهي، معاشرتي قدرن جي

(۱) ثنائي ثناءالله : 'قلمي بياض' تان

تبديلين جي سلسلي ۾ مٿين حقيقت وڏي حد تائين سچي ثابت ٿي آهي. ثنائيَ پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙين نئي سماجي تبديلين جو ذڪر ڪيو آهي. ملاحظو ٿئي:

مٺا هاڻي محبت ۾ وفاداريون ڪٿي آهن
پيو آکوٽ اڄ ڪاهي مزيداريون ڪٿي آهن
ڦهريا ويو دور دنيا جو پٽي ڪلفت منجهس ڪاهي
ڪاڏي ويا قوم جا صوبا اٺهاريون ڪٿي آهن
آڻي ها قوم جا جهيڙا وڙهن هاڻي تا پياويڙها
چاچا، ماما، پائر پيڙا عزاداريون ڪٿي آهن
اميرن مان اميري وئي فقيرن مان فقيري وئي
سراسر ٿي ظهيري وئي، خيرداريون ڪٿي آهن
نه ڪنهن وٽ ڪا امانت آ نه ڪنهن وٽ ڪا امراءت آ
نه ڪنهن وٽ ڪا شرافت آ برد باريون ڪٿي آهن
هري جي پاڻ پيو پر هر نه پچندو ڪو اهڙي ڪان ٻيو
سالو سائو سنڊ وسيڪو مٺا چاريون ڪٿي آهن
رگو رشوت وين ڪاڻي، نڪا ڪاهي اٽن واڻي
دنيا سان سپ سگا پاڻي عملداريون ڪٿي آهن
لهي ويو سڀ هي سارو، ٿيو اونده انڌوڪار
پاڻ پاڻهن سنڊ و مارو، نظر ٿا رين ڪٿي آهن (۱)

ثنائيَ جي معاشري جي هڪ طبقي تي گهري نظر آهي. هيٺين شعر ۾ هن فقير، اميير، وڏيري ۽ ملا جي ماحول جو جائزو پيش ڪيو آهي:

(۱) ثنائي ثناء الله: "قلمي بياض" تان

فقيرن پر، اميرن پر، وڏيرن پر وڏا هيڙا
فروعي اعتقادن تي مُلن جا جا بجا ميڙا
وهن ابتاڙيگا هاڻي گلا جي نارَ کي گيڙا
هزارين هوڏ جي قلزم اندر آهن ٻڏا ٻيڙا (۱)

معاشري ۾ جيڪا بي راه روي ۽ بد امنيءَ جي باه ٻري رهي آهي، ٿنائيءَ جهڙي حساس ۽ عوامي شاعر جو ان کان بي خبر رهڻ يا کن لاتار کرڙ ممڪن نٿي نه هو. ٿنائيءَ پنهنجي شعر ۾ چوي ٿو:

هات حڪومت، ليڪ لياقت - ابتي سبتي عام عدالت
ڪورٽ ڪعبه دور ديانت - ساڻ امانت ساڻ خيانت
روڪڙ ساڻ نه ٿيست ندامت - خوفي ماڻي نرسان ماڻي
هي نه مٽائي کن مائي مائي (۲)

دنيا جي گورک ڌندي ۾ پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ انسان کيئي روپ اختيار کندو پيئي رهيو آهي. انهن مان وڄهي فقيرن جو روپ به هڪ آهي. ٿنائيءَ جي انهيءَ طبقي تي به نظر هئي. اهي فقير جيڪي فقيريءَ جو ڍنگ اختيار کري ابو جهل ماڻهن کي سبز باغ ڏيکاري لٽيندا پيئي رهيا آهن. فقط فقيري لباس پائڻ سان فقيري ملڻ محال آهي. ٿنائيءَ جي نظر ۾ فقير جي معنيٰ داور شناس يعني الله وارو آهي. سچا فقير نرجا طالب

(۱) ٿنائي ثناءالله ، قلمي بياض، تان
(۲) ـــــ ايضاً ـــــ ايضاً

کونہ هوندا آهن. یہ نہ ئي اهي انسان آڏو هت ٽنگيندا آهن، جيڪو انسان فقيري جي دعويٰ نہ ئي هڻي تہ سو ڪوڙو آهي. سچو فقير ڪڏهن بہ فقيري جي دعويٰ ڪانہ ڪندو آهي. ثنائيؒ جي لفظن ۾ :

عجب هن زماني جو ڏسجي تورنگ
دنيا لاءِ آهي فقيري جو ڍنگ
فقيري جون گالهيون تہ هر ڪو ڪري
ڪرو جو فقيري ۾ پيرا سري
فقيري جي دعويٰ ڪري ڪين فقير
اهو آهي شيطان ڪوڙو شرير
فقيري نہ آهي فقيري لباس
فقيري جي طلبن تہ داور شناس
فقيرن خدا ڪي لڏو ۾ سڏيو
تہ ڪوڙن کي ڪوڙن رهائي ڏيو (۱)

هڙي ۽ ريت بار هميشہ سڻن ڪاڻ ۽ ڪني پوندو آهي. اهڙي ۽ ريت دنيا جو بہ دستور آهي تہ هتي هر دور ۾ ظلم، ستم پرڻاڏجو نشانو فقط سادي، هيڻي، ڪمزور مسڪين ۽ دينداراڻسان کي بڻايو ويو آهي. ثنائيؒ جو شمار بہ اهڙن مظلومن، مسڪين ۽ دينداراڻن ۾ ٿئي ٿو جيڪي ڏاڍا ڏهڪايل هوندا آهن. چوندا آهن، "ملان جي مڏي، هڪ ڏنڊ ٻي ڏڏي" سو اهڙن مسڪين جي ملڪيت ۾ ڪو گهٽو ماڻ تہ هوندو ئي ڪونهي وڏيم وڏا ڏڳي ڪوڏاند يا پهن جي پيٽ قوت لاءِ هامينهن وغيره، پر چورن بي پيرن جي اٿي ۽ ئي بہ آڪ هوندي آهي هو موقعو تلاش ڪري جهٽ هڻي ولندا آهن.

---

(۱) ثنائي ثناء الله، 'ملان ۽ موالي'، دعوالوں، شڪارپور، منظور بوڪ ڊپو، ۱۹۸۲ء، ص ۶ ڪ

ثنائي سان اهڙي صورت حال کيئي پيرا پيش آئي. جنهن جوذکر اول به اڇي چکو آهي
ورهي دانهن جوداد کرڻ واروبه کوکونهي. ڀلا مسڪين جي فرياد تي کير ويٺو
کن ڏيندو. هيڻن ڇڻ ستن ۾ ثنائي معاشري جي اهڙي بي انصافيءَ ڏانهن ٿي
اشارو کيو آهي.

ڏسون پيا ته مسڪين ۽ ديندار
قهرون چورتن کي وڻن پيا هزار
غريبن جي دانهن سندو داد کونه
ٻڌي ٿو فقيرن جو فرياد کونه (۱).

جڏهن ثنائي جي نظر معاشري جي رشتن ناتن تي وڃي
ٿي ته هو پريشان ٿي وڃي ٿو. هو ڏسي ٿو ته پيءُ پٽ ۾ جنگ جاري آهي. پاڻ ۾
کان بيزار آهي. هر هڪ کي فقط پنهنجي مقصد سان سروڪار آهي. ماڻهن مان مهر
نڪري ويئي آهي. دين ۽ ايمان جي گٽي کان معاشرو بي بهره ٿيندو پيو وڃي.
ماڻهو زبان جو احساس وڃائي رهيو آهي ۽ پنهنجي پروردگار کي وساري ويٺو
آهي. اهڙين حالتون ڏسي ثنائي جو قلم جنبش ۾ اچي ٿو:

پٽ ۽ پيٽ ۾ جنگ گهٽي	-	وڏي جي نيڊيائن گاهه وٽي
پاڻ ۾ مٽي کائن گٽي	-	ڪل کي پنهنجي بات وٽي
دنيا وساريو پاڻ ڏٺي	-	سهرو ڇايو محبت مان
سخت زمانو زور زيان	-	نکو دين نکو ايمان (۲)

---

(۱) ثنائي ثناءالله : 'شاهنامو مشرفيه' لاڙڪاڻو، حاجي گل محمد شيخ، مدينه پريس، ۱۹۶۳ء، ص ۵۵

(۲) ايضاً — 'اشعار ثنائي' شڪارپور، مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب، ص ۱

عظيم عوامي شاعر جي اها وڏي سچائي آهي ته سندس حساس ذهن جي پرڏي تي معاشري جي هر هڪ طبقي جي تصوير منعڪس ٿي وڃي. تان جو هو انهن جي ڏکن ۽ سکن ۾ برابر جو پاڪٽي پائيوار ٿي وڃي. ٿنائي جو شمار انهن ئي عظيم شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هو عوامي شاعر هو، جنهن معاشري جي هر هڪ طبقي ۽ فرد جو بغور مطالعو ڪيو ۽ ان کي پنهنجي شاعري، جو موضوع بڻايو. هيٺين شعر ۾ هن سنڌ جي محنت ڪش طبقي جي مختلف ڏندن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن جي معاشي ابتري، جي ڪيفيت پڌ ٻڌائي آهي. هو پنهنجي هڪ شعر ۾ هن ريت رقمطراز آهي:

حجم، موچي، ڪنبر ڪاري
درزي، لوهر، ڏکڻ ناري
ميراثا شيخ شڪاري
لنگهالورا ڪرمي هاري
نيڏاوڏا خلقت ساري
پيٽ جي ڪارڻ هئي حيراني
هي ته مٽي ڪن مائي سائي (۱)۔

سنڌي معاشري جي گوناڻي ماحول جي سپ کان وڏي خامي وڏيرا شاهي نظام جي پيداوار چوراڪاري ۽ بدامني آهي. پاڻ ريدار چور پاليندا آهن ۽ جڏن ته انهن جو شمار تہ جي ڏاڍن مٿرسن ۾ ٿيندو آهي. سو ڪنهن کي مجال ناهي جو انهن تي آڱر کٽي، چور پڌرا پيا هوندا ته به گواهي ڏيڻ کان هر ڪو ڪنُ هٽندو. پلا پرائي آوهه ۾ ڪير پوندو! پنهنجا ڇا ڪير رلائيندو!!

(۱) ثنائي ثناءالله: ، 'اشعار ثنائي' شڪارپور، مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب، ص ۱۷

پر مظلوم ويچار ودل ٿئي دل ۾ ويٺو گهندو ۽ جُهندو ۽ ظالم کي پٺ پاراتا ڏيندو ته
ٽئال منصفجي دور جي پاپي چور جو پيٽ ڦاڙي ۽ ڪنوٽي مري.

مرحوم ٽنائيءَ معاشري جي مذڪوره حالتن کي هن ريت
قلمبند ڪيو آهي:

پهراڙيءَ جي هڏ هي ڪار - برپا چوريءَ جي بازار
پاتاريءَ جي وڏي درٻار - تن جو ملڪ تہ تن جو مال
ڏس تہ ڪياسي بد اعمال - تان ٿيا ڦهندي هئي هي حال
چوري ثابت ڪيهڪري - آوي ۾ پيو ڪيهڪري
دل ۾ پيو مظلوم مرگهري - روئي روئي دعا گهري
دور منصفجي جو چور مري - پيٽ پاپيءَ جو ڦاڙي شال (۱)

مولانا ٽنائيءَ پنهنجي دور جي معاشري ۾ حالتن جي
عڪاسي اهڙيءَ ريت ڪئي آهي، جو کنهن به اهم واقعي، حالت يا ڪردار کي
نظر انداز نہ ڪيو آهي. تان جو سندس شاعري کنهن حد تائين واقعاتي ڪلام جو
روپ ونڊي بيٺي آهي. ۽ هن جي ڪلام مان سندس دور جي واقعن جو وچور
پڌ ٿا هي سگهجي ٿو. ۱۹۱۸ع ۾ ڏکجون حالتون پيدا ٿيون تہ ٽنائي ان ۾
پرپور انداز سان شعر گوئي ڪئي. جنهن جو مثال هن باب جي الف حصي ۾
پيش ڪيو ويو آهي. ان کانپوءِ ۱۹۳۰ع ۾ هڪ اهم واقعو رونما ٿيو. سندس تر
۾ درياءَ کي کنڊ لڳو، جنهن جا تفصيل پنهنجي تصنيف 'اشعار ٽنائي' ۾ ٽنائي
ٻڌن ٿي مشتمل مسدس ۾ ڏنا اٿس. جنهن مان هڪ بند مثال طور پيش ڪجي
ٿو. ملاحظہ ٿئي:

(۱) ٽنائي ٽناءالله ۽، 'اشعار ٽنائي'، شڪارپور، مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب، ص ۳۴

پنج ٹيا سال مڪي هيئي ليٽ - بند ڳو ٽيا پاڻي هيٺ
ڪين ٻڌو ڪنهن ٿي ٿي پيٽ - ڪوٽر لائين ڪارڙ پيٽ
ملڪن منجهه مڪي هيئي ليٽ - خلق ڏنو پئي رئندي ساه
ٽون آن ڏاڍو بي پرواه (۱)

ان کانپوءِ ۱۹۳۵ع ۾ ڪوئٽا جو قهري زلزلو آيو. جنهن ٿي مولانا ثناءَ ٿي هن حصن ٿي مشتمل 'ڪوٽيا' جي عنوان سان منظوم ڪتاب لکيائين. جنهن مان ڪي مصراعون هيٺ ڏجن ٿيون :

لڏي رات اڌرات ۽ ٿي وڳا
اچي زلزلي جا ڏنگارا ولڳا
وڃون ٿي ڪريون ۽ ٿيا ٿي لڪاوَ
ڪيا گوٽر گجڪار، رستي ۾ گهاوَ
هندوري مثل زلزلي ۾ زمين
ٿي هيٺ جنبش ۾ ڪاپي هيئي ڪين
ٻيٽون ٿي ڳيون ٻنگلا ٿي ڏتا
ٽڪر ڏهون اُمڙَ ٿي هوائي لٽا
انڌاري اٿي واڄ واڪا ڪيا
خطا هوش هوڪوٽ ڏهندا ويا
الائي ته هي چا منجهئون چا ٿيو
الائي پڪو شهر ڪاڏي ويو
هئي ڪالهه بازار جاتي ٻپا
اتي موت ٻيلو ڏئي لو ٿپا
ڪيو ڪالهه جن ٿي تڪبّر تمام
اهي اڄ پيٽ هيٺ ٿي ويا حرام
هئو ڪالهه جنهن جاءِ تي ناچ ناز
اتي اڄ وڃي لو ٿنائي ۽ جوساز

ڪوڪالھ جنھن جاءِ تي عيش نوش
اتي اڄ آھ ماتام وار و خروش
ڪوڪالھ جنھن جاءِ تي نازنين
اتي اڄ درائي وئي آ زمين
غرض جي به ماڻھو بچي ھا ويا
تہ بي ھوش ۽ بي خبر ھا پيا
سائنس جا قائل خبر ڏي اھا
تہ ڏيندي نہ ڏيندي قيامت بپا
خبر ڏي تہ آھي نہ آھي خدا
ڏپائي آدرتي اھا ڪنھن ادا
ٺڪائي خدا پاڪ کي ڪر سوال
تہ مومن کي ڪلمي جو بخشي ڪمال
لا الہ الا اللہ محمد رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم (۱)

مولانا ٺٺائي معاشري جيا مادي خواہ غير مادي

پھلوئن کي پنھنجي شاعريءَ جي دامن ۾ محفوظ ڪيو آھي. ھو معاشري جي مختلف طبقن کي ڪھڙي ٿريت پيش ڪري لو، تنھن جو مثال سنجوگي شيخن بابت سندس ھيٺين شعرمان ملي لو. ملاحظہ فرمايو:

سدا سنڌ سھٽي سلامت وسي
نہ آسيب آفت مشر کو رسي
جنھين ۾ ھندو پي مسلمان پي
سنجوگي تيا شيخ شادان پي
مسلمان کي پي چون السلام
تہ ھندن سان گڏ جي ڪندا رام رام

(۱) ٺٺائي ثناء اللہ: 'ڪوتيا' (حمد پھريون) لاڙڪانو، ۱۹۳۵ء، ص ۲۴ ص ۲۸ ص ۳۲

مسلمان ٻڌجي پڙهن پيا نماز
ته هندن سندي رهم جارنگ ساز
مسلمان جي پي سڏ پرستا
پڙي پرهه پورا ٻنهي سان ٻڌا
مسلمانکو ويس مردن کيو
ته هندن مثل عورتن جو ٿيو
انهن کي ڏسي سمجهو خيرسان
ته هي شيخ آهن سنجوگي سنوان (۱) الخ.....

ٽين مثالن مان ثابت ٿئي ٿو ته مولانا ثنائيءَ پنهنجي دور جو هڪ باڪمال شاعر هو. هن پنهنجي شاعراڻي ذات جا اهڃاڻ ته جوهر ڏيکاريا آهن جو پنهنجي دور جي صحيح ۽ سچي تصوير اسانجي آڏيان آڻي پيش ڪئي اٿس. سندس ڪلام پنهنجي وقت جو آئينو آهي. هن جنهن واقعي، ڪردار يا طبقي جو ذڪر ڪيو آهي ته اهو ننڍن کان وڏي چوٽيءَ تائين نمايان ٿي اسانجي آڏيان اچي ٿو.

---

(۱) ثنائي ثناءالله، 'سرونو عرف صلح جو پيغام' قلمي بياض، ص ۷۷

(ث) مولانا ثنائيءَ جي دور جي سياسي حالتن جي سنڌس ڪلام ۾ جھلڪ

قومن جي تاريخ اھو ٻڌائي ٿي ته ادب ۾ سماءُ ھڪ ٻئي سڪي جي ھن پاسن برابر آھن. ادب اھوئي آھي جيڪو ذھني، فڪري ۽ نظرياتي انقلاب پيدا ڪري وقت ۽ حالتن تي اثر انداز ٿئي ٿو. اھڙي ريت سياسي حالتون ادب کي متاثر ڪري ٿات ۾ ڏاھپ کي ڪَرَ ڪَٽ ڪن ٻيوھ ٿي مجبور ڪري ٿي. اديب ۽ شاعر قوم جو حساس ۽ باشعور فرد ٿئي ٿو. ھو معاشري جي سياسي، سماجي، مذھبي ۽ معاشرتي حالتن جو گھرواٽر قبول ڪري ٿو، ۽ جڏھن ھو ڪنھن ڪاڻ ھي نظر اچي ٿي ته ان جي نشاندھي ڪري خوبين واري ماحول پيدا ڪرڻ جي ھر ڪوشش ڪري ٿو. ھو نيڪي، سچ ۽ سونھن جو مبلغ ٿئي ٿو، ۽ انھن اصولن تي ٻڌل معاشري قائم ڪرڻ لاءِ قلمي پورھيو ڪري ٿو. پوءِ سنڌس تعلق عملي سياست سان ڀل نه ھجي.

مولانا ثنائيءَ پڻ پنھنجي دور جو عوامي شاعر ۽ دانشور ھو. سنڌس ولادت انگريزي دور ۾ ٿي ۽ وفات پاڪستان جي قيام کانپوءِ ڪيائين. انھيءَ ڇوٽ ۾ ڪو به وڏاءُ نه ٿيندو ته ھن پنھنجي آئين سان ڏيڪ ڪنڊ جي تاريخ جو ھڪ ۽ نازڪ ترين دور ڏٺو. پھرين مھاڀاري لڙائي کان وٺي ويندي روس ۾ ڪميونسٽ نظام جي قيام تائين دنيا جيڪي رنگ بدلايا، ان وقت ثنائيءَ جي جوانيءَ کي رسيل ھو. ڏيڪ ڪنڊ ۾ روشن ايڪڙ جي لاھو ٿيڻ کان وٺي يورپ جيڪ جي ڇڏي سرگلون ٿيڻ تائين ھن ڪيترائي واقعن جو مشاھدو ڪيو. سنڌس ئي ڏھاڙن ۾ خلافت تحريڪ ڀلي ۽ پھاٽيءَ کي پھتي. ھن جي

هيانوءَ ۾ نئي آزاديءَ جي تحريڪ هلي ۽ پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو. هو انهيءَ گاڏ جو عيني شاهد هو ته پاڪستان جو قيام هڪ اسلامي معاشري قائم ڪرڻ واري آس جو نتيجو هو. پر ساڳي ئي پاڪستان ۾ هن پنهنجي اکين سان ڪيترائي رنگ بدلجندي ڏٺا. ملڪ ۾ مارشلائون لڳيون، هندوستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جنگيون لڙيون ويون ۽ هر ايندڙ حاڪم پنهنجي سوچ ۽ ويچار مطابق عوام کي آئين جي لٽ ڏيڪارڻ شروع ڪئي. انهي سموريون تبديليون ۽ سياسي حالتون مرحوم ثنائيءَ جي شخصيت ۽ فن تي فڪري اثر انداز ٿيون. جنهن جو اظهار هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي،

جيتري قدر مرحوم ثنائيءَ جي سياسي تحريڪن ۾ شموليت رهي ۽ ووٽ جو سوال آهي، ان جو ڪو به ثبوت نٿو ملي. هو ڪنهن به سياسي تحريڪ يا تنظيم جو ميمبر يا عهديدار نه رهيو. پوءِ هن پنهنجي مشاهدي جي بنياد تي عملي سياست لاءِ اهڙا راءِ قائم ڪري ورتي هئي ته:

جا سياست تا سڙن ڏوکي سندو درياه آ
اڄ عدالت نا مگر انڌو ۽ آ اونداهه آ (۱).

البته سندس ڪلام مان سياسي بصيرت جا واضح ثبوت ملن ٿا، جنهن جي مختصر هلڪ هيٺ پيش ڪجي ٿي.

مولانا ثنائيءَ جي ولادت کان اڌ صدي کن اڳ انگريز سنڌ تي قبضو ڪري چڪا هئا. يعني هن پنهنجي اکين سان انهن وڏڙن کي پٽ

(۱) ثنائي ثناء الله 'قلمي بياض' ٿان

ڏنو جن پنهنجي حياتيءَ جو ڪجهه حصو آزاديءَ ۾ گذاريو هو. انهن بزرگن پنهنجي نيٺ نسل کي آزاديءَ ۽ آزاد وطن جا اڻيڪ واقعا ٻڌايا هوندا. انهن وڏڙن جي زباني مرحوم ثنائيءَ پنهنجي وطن جي شاندار ماضيءَ بابت جيڪي گالهيون ٻڌيون انهن کي غلاميءَ جي دور ۾ هن ريت قلمبند ڪيو:

ڪڏهن هئاسي ڪاڻي خان
پاڻ اميرته خود سلطان (۱)

آزادي هئي، الڳ وطن هو ۽ پنهنجو هڪ مڪمل مذهبي، اخلاقي، اقتصادي، سياسي ۽ سماجي نظام هو. ان کري سنڌ کي تنهن دور ۾ جا حيثيت حاصل هئي تنهنجو ذڪر ثنائيءَ هن ريت ڪري ٿو:

سنڌ سنڌو هو ملڪ سلامي
هندوستاني، عجمي، شامي
همرهتان ويو تن ڏي تمامي
اڃ ويو اسان مان عقل اڏامي (۲)

پر آزادي ختم ٿي ۽ عوام جي گپچين ۾ غلاميءَ جا ڪٽ پيا. انهن حالتن کي مرحوم ثنائيءَ پاڻ ڏٺو ۽ پوگيو. ان کري سندس شاعراڻي ذات روئي ڏني:

---

(۱) ثنائي ثناء الله، قلمي بياض، تان ص ۳۰

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ۳۰

مات حڪومت ، ليڪ ليا قت
ابتي سبتي عام عدالت (۱)

مرحوم ثنائيءَ ان غلاميءَ جي دور ۾ حالتن تي
فقط دانهون نه ڪيون مگر انهن کي بدلائڻ لاءِ عوام کي بيدار ڪرڻ جي
پڻ ڪوشش ڪئي. ملاحظه فرمايو:

تون آن شينهن انتي ڪراڙ
بنديئي ڪين دنيا جي واڙ (۲)

پرتاري حڪومت ۾ 'ويڙهايو ۽ حڪومت ڪيو'
جي حڪمت عملي اختيار ڪئي هئي، ان ڪري غلام قوم ۾ ايڪي ۽ اتحاد جي
قوت ڪٿي پئي پيدا ٿئي! سڄو سماج رنگ، نسل ۽ ذات پات توڙي دين
درم جي خانن ۾ گروهن ۾ تقسيم ٿي چڪو هو. انهيءَ ڪري ثنائيءَ
جهڙو باشعور ۽ حساس شاعر کويو چاروناڏسي هيئن چوڻ تي مجبور
ٿيو ته:

ڪافرن جي پيچ ۾ قايو اچي آهن ويا
بي يها بانڪا بلالي، يا محمد الغياث
ڏنرد دشمن دين تنصبجي تي تيا آهن دليرَ
مار سي منڪر ملالي، يا محمد الغياث (۳)

---

(۱) ثنائي ثناء الله 'اشعار ثنائي' ص ۱۴
(۲) ـــ ايضاً ـــ ايضاً ـــ ص ۱۲
(۳) ايضاً ـــ 'ديوان نعتيه ثنائي' ـــ ص ۱۳

تان جو اهو وقت به آيو جو هن فاضل شاعر پنهنجي
خوشيءَ جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو:

| ويا هليا هندو، قُري هي پاڪ پاڪستان ٿيو |
| هي نئون نالو عجب ايجاد عالي شان ٿيو | (۱)

پاڪستان جڙيو ليڪن پاڻ سان ڏکن جا ڏينهن
به ڪٽي آيو. مرڪزي سطح تي قيادت جو فقدان ۽ صوبائي سطح تي اقتدار
جي باهمي چڪتاڙ ملڪ لاءِ سنگين سياسي حالتون پيدا ڪيون. ملڪ جي
بانيءِ قائداعظم سان حياتي وفا نه ڪئي. ۽ پوءِ مسلسل بحران رهيو. عوام
۽ سياستدان فقط اليڪشن جي وقتي رشتي ۾ گهڙي پلڪ لاءِ هڪ ٻئي جي ويجهو
رهيا. ٻي صورت ۾ ٻنهي جي وچ ۾ زمين آسمان جو فرق قائم رهيو. ادهوڻي
رشتي کي ثنائيءَ جهڙو حساس شاعر هيئن نمايان ڪري ٿو:

گرگٽ جامو شينهن جو پاتو
ووٽ ونڊ لئه هر کو آتو
مرکي هر کنهن پاکر پاتو
ووٽ ونڊي پوکنهن نه سيانتو (۲)

ون يونٽ جڙيو، جنگيون لڳيون ۽ اوڀر پاڪستان
الڳ ٿي ويو. اهو سڀ ڪجهه سياسي خلفشار ۽ مارشلائن جو نتيجو هيو. پر پوءِ
به جيڪڏهن ويهي ورهاست ڪبي ته ملڪ کي وڏيڪ مصيبتون مارشل لا جي دور
۾ ڏسڻيون پيون. جلگين جا سلسلا ۽ بنگلہ ديش جو قيام انهن دورن جا واقعا

(۱) ثنائي ثناءالله
(۲) ايضاً

آهن. ان کري مرحوم ثنائيَ هڪ باشعور شهري ۽ سياسي بصيرت رکندڙ شاعر جي حيثيت ۾ هر مارشل لا کي گندگي ۽ پاپ جو ڊير چاڻي پنهنجي نفرت جو اظهار هن ريت ڪيو :

نه گند کي گڏايو، نه پاپي پڏايو
نه کوڙا ڪڏايو، لچن کي لڏايو
عوامي اڏايو ، ماري مارشل لا
ٻڌي واڌهن دلجاءِ ڏي دلربا
سکهو سوال ورناءِ مرسل منا (۱) .

انهن چند مثالن مان معلوم ٿئي ٿو ته مولانا ثنائيَ پنهنجي پوري حياتي ملڪ جي سياسي مالڪ جو اٿر قبول ڪيو ۽ انهن کي عوام دوستيءَ واري رخ ڏيڻ لاءِ قلمي جهاد ڪيو . اهڙي ريت پاڻ کي پنهنجي قلمي پورهئي جي حوالي سان پنهنجي دور جي وڏن شاعرن جي صف ۾ آڻي بيهاريو .

---

۱) ثنائي ثناءالله ' قلمي بياض ' تان

پنجاٹي ، نتيجا ۽ تجويزون

پڄاڻي، نتيجا ۽ تجويزون

مقالي جي پڄاڻي پنهنجي جاءِ تي تحقيقي پورهئي جي ڪنوٽي ٿيندي آهي، جوته انهيءَ کي آئينو بڻائي اهو ڏسي سگهجي آهي ته تحقيقي حملاءِ مقرر ڪيل اغراض ومقاصد کيتري قدر حاصل ڪيا ويا آهن. انهيءَ لاءِ مناسب ٿيندو ته سڀ کان پهريون هن تحقيقي مقالي جي اغراض ومقاصد کي آڳيان رکي ڏسڻ جي ڪوشش ڪريون ته اهي کيترءِ کيتري قدر حاصل ڪيا ويا آهن. اغراض ومقاصد جي پهرين ڪڙيءَ طور اهو متعين ڪيو ويو هيو ته: 'هڪ باڪمال مگر ڪنهن حد تائين گمنام شاعر جي سوانح ۽ قلمي پورهئي کي منظر عام تي آڻي سگهجي'. انهيءَ ڇوڙ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته هن مقالي ذريعي مولانا ثناءالله ثنائيءَ جهڙي باڪمال مگر ڪنهن حد تائين گمنام شاعر جي سوانح ۽ قلمي پورهئي کي منظر عام تي آندو ويو آهي. هن کان آڳ انهيءَ سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪابه معياري تحقيقي ڪوشش نه ڪئي ويئي هئي.

اغراض ومقاصد جي پويان ڪڙي هيءَ هئي ته: 'منظر عام تي آڻڻ واري اها ڪوشش منظم نموني تحقيقي فن جي تابع هجي. جنهن کري هڪ طرف تحقيقي ترقيءَ جو سبب بڻجي ۽ ٻي طرف اها عام فهم ۽ ڪارج واري بڻجي سگهي'. هن مقالي کي مڪمل ڪرڻ ۾ تحقيق جي مڪمل طريقن کي ڪم آندو ويو آهي، ۽ اها ئي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته مرحوم ثناءالله ثنائيءَ جي سوانح ۽ خدمتن تي روايتي انداز سان ڪو ضخيم ڪتاب مرتب نه ڪيو وڃي، پر تحقيق جي فن سان انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

هن مقالي لکڻ لاءِ ٽيون مقصد اهو متعين ڪيو ويو هو ته :

'هن تحقيقي ڪوشش ذريعي علم ادب جي مجموعي تاريخ ۾ هڪ مستند باب جو اضافو ٿيڻ'. انهيءَ ڇوڙ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته تحقيق جي هن نماڻي ڪوشش ذريعي اهو مقصد حاصل ڪيو ويو آهي، ۽ علم ادب جي مجموعي تاريخ ۾ معمولي مگر مستند ۽ معياري باب جو اضافو ٿيو آهي. نه فقط هڪ شاعر جي سوانح جي سمورن پهلوئن تي روشني وڌي ويئي آهي. بلڪ ان جي شاعريءَ جو پورو تعارف ۽ تنقيدي جائزو ڏنو ويو آهي، ۽ هڪ شاعر جي حيثيت کي متعين ڪرڻ لاءِ نوان ڪسوٽيون تيار ڪري، انهن مطابق سندس شاعراڻي حيثيت ۽ عظمت جي ڪٿ ڪئي ويئي آهي.

هن مقالي لکڻ جو اهو مقصد پڻ مقرر ڪيو ويو هو ته :

'سندي شاعريءَ جي ابتداءَ ارتقا، ان جي مکيه صنفن جي مطالعي ۽ جائزي وٺڻ جي اهڙي ئي ڪوشش ڪئي وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ سندي تنقيدي ادب ۾ پڻ معياري اضافو ٿي سگهي'. مقالي ۾ تحقيق جي انهيءَ مقصد کي به مناسب حد تائين حاصل ڪيو ويو آهي. جو ته سوانح جي پاڻي کان سواءِ مقالي جا باقي ٻه پاڻا شاعريءَ جي تعارف ۽ تنقيد سان واسطو رکن ٿا. انهن مان هڪ پاڻي ۾ سندي شاعريءَ جي مکيه صنفن جون وصفون ڏينون ويون آهن ۽ انهن جي ارتقا تي روشني وڌي ويئي آهي. ان کان علاوه مقالي جي ٽئين پاڻي ۾ تفصيل سان مولانا ٽنائي جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي، ۽ اهو جائزو پڻ اهڙي قسم جو آهي، جو هڪ ئي وقت ۾ فني ۽ فڪري پهلوئن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي، ۽ شاعراڻي خوبين کان علاوه خامين جي پڻ نشاندهي

ڪٽي ڏيڻي آهي .

هن تحقيق جو اهو مقصد ۽ مطلب پڌ هيو ته : ' مولانا ثناءالله ثنائي جي شخصيت ۽ خدمتن جو تفصيلي مطالعو ڪري انهن حالتن ، سببن ۽ واقعن جي نشاندهي ڪري سگهجي ، جن سبب هن هڪ پلي انسان ۽ بهترين شاعر جي حيثيت ۾ زندگي گذاري . جڏن انهن نتيجن کي آڌار ڪري اسان پنهنجي زندگي سڌلي ۽ ڪارج واري بڻائي سگهون ! هن مقالي جو پهريون باب انهيءَ مقصد جي حصول جي ٿمائي ڪوشش آهي . جنهن جي مطالعي کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته اهي انسان ئي هن دنيا ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي خاندان جو نالو روشن ڪن ٿا ، جيڪي مولانا ثنائي جيان پنهنجي شخصيت جو ڪردار جي تعمير ۽ تڪميل لاءِ پنهنجي سر پاڻ ڪوشش ڪن ٿا . اهي ' پدرم سلطان بود ' جو اڄايو بار ڪٽي پنهنجي وجود کي خوش فهميءَ ۽ غلط انداز جي اونداهي غار ۾ ڏڪ کان پاسو ڪن ٿا ، ۽ جيڪي انسان دوست ئي وطن سان پيار ۽ لافاني قدرن ، نظرين ۽ اصولن کي پنهنجي زندگيءَ جو شعار بڻائين ٿا . انسان دوستي ۽ احترام سندن فطرت جو اٽوٽ حصو ٿئي ٿو ۽ هو جڏهن ڪائنات طرفان ڏنل ذات جي حوالي سان پاڻ کي سڃاڻن ٿا تہ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن دوڙي پنهنجي زندگي اجائين تجربن جو ڀل بڻائي وقت ضايع نٿا ڪن . ليڪن پنهنجي حياتيءَ جو هر هڪ پل انهيءَ ذات جي سڌاري سان ڪم آڻين ٿا ، ۽ پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن جو پورو پورو استعمال ڪن ٿا . اهوئي سبب آهي جو ثنائي کي جڏهن محسوس ٿيو ته هو بنيادي طور تي شاعر آهي تہ هن ديني عالم ، صحافي ، عملي سياستدان ۽ ڪٽڻ يا ڪنهن ٻي روپ ۾ ڪٽڻ وارا خيال ۽ وهم وساري هڪ شاعر جي حيثيت سان پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن جو پورو پورو استعمال ڪيو ۽ نتيجي ۾ اسان جي آڏو ڪهڙو مشق

۽ باڪمال عوامي شاعر جي حيثيت ۾ نمايان ٿي ٿيو.

هن تحقيق جو اهو مقصد پڻ متعين ڪيو ويو هيو ته :

'اهو مطالعو اهڙي نوعيت ۽ حيثيت وارو ٻڌجي پوي جو ان کي مثال بڻائي آسان طريقي سان انساني گهڻ جي مطالعي ۽ نشاندهي ڪرڻ جي سوچ پيدا ٿئي'. اميد ڪجي ٿي ته پارکو هن مقالي جي مطالعي ڪرڻ کانپوءِ اڻهيءَ راءِ سان نوازيندا ته هي مطالعو ڪنهن حد تائين هڪ مثالي مطالعي برابر آهي ، ۽ اڻهيءَ کي آڳيان رکي ٻين شاعرن جي شخصيت ۽ سوانح جي جهلڪ پيش ڪري سگهجي ٿي. اهڙي نموني هن مقالي جو اهو مقصد پڻ پورو ٿئي ٿو ته : 'ڪنهن ادبي شخصيت ۽ سندس خدمتن تي تحقيقي اصولن مطابق اهڙي ريت ڪم ڪجي ، جنهن کي نموني طور تسليم ڪيو وڃي ۽ آڳتي ان نموني کي آڳيان رکي باقي شخصيتن ۽ سندن خدمتن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ راهون هموار ٿي سگهن'.

مختصر طور تي ائين چئي سگهجي ٿو ته تحقيق لاءِ مقرر ڪيل سمورن اغراض ۽ مقاصد کي حاصل ڪرڻ جي نماڻي مگر پرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي ۽ اهو نتيجو اخذ ڪيو ويو آهي ته مولانا ثناءالله ثنائي هڪ ڏاهڻ مشق ۽ باڪمال شاعر هو. سندس قلمي پورهئي کي ڏسي سنڌي شاعري ۽ جي دنيا جي ڪيترين شخصيتن جي ياد تازي ٿي وڃي ٿي ، ڏاڍ ائين محسوس ٿئي ٿو ته هو اترسنڌ جو مولوي احمد ملاح آهي. ليڪن پوءِ به اسان جي هن قادر الڪلام شاعر جي حيثيت ۽ انفراديت بڻهڻ نراڻي آهي ، چوته مولوي احمد ملاح پاڻ کي گهٽي پاڪي مذهبي شاعري ۽ تائين محدود رکيو . ليڪن مولانا ثناءالله ثنائي جي شاعري ۽ جو دامن نهايت وسيع هيو ، جنهن ۾ موضوعن ۽ مضمونن جا انيڪ رنگ نظر اچن ٿا. مولوي احمد ملاح قرآن حڪيم جو منظوم ترجمو ڪري جڏي مذهبي شاعرن ۾

آلہ دتي بيتو آهي، انتي ثناء الله ثنائيءَ منظوم تاريخ اسلام، لکي پنهنجي ذات سان انصاف ڪيو آهي. مولانا ثنائيءَ پنهنجي شاعريءَ جي معيار خواه مقدار جي لحاظ کان ڪيترن ئي عوامن شاعرن کان مٿاهون مقام رکي ٿو. سندس چوڏهن ڪتاب انهيءَ گالهه جي پڪ پورا شاهدي ڏين ٿا.

اهڙي نموني مذهبي شاعرن کي ڇڏي، جيڪڏهن عوامي شاعرن کي ڏيان ۾ رکي مرحوم ثناء الله ثنائيءَ جي حيثيت متعين ڪريون تا ته انهيءَ سلسلي ۾ پڙهڻ ڪري ڪٽي بيهي ٿو. چوته دادن فقير، شيرل فقير، باداهي جهڙن شاعرن وٽ اندر جا اڏما ولوليءَ جي روايتي ۽ شاعريءَ تي دسترس تڏهن ۾ اچي ٿي. ليڪن جڏهن ته مرحوم ثنائيءَ ديني عالم پڙهيو هو ۽ هن جو مطالعو سندس شاعريءَ جي بيان ۽ مستند هڻڻ جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو. ان کانسواءِ عوامي شاعرن جي ڪنهن حد تائين پنهنجي اندر جي اڏمن ۽ وقت جي حالتن، پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن کانسواءِ قرآن حڪيم، حديث پاڪ ۽ اسلامي تاريخ جي ورڦن تائين پنهنجي شاعريءَ جي ذات ۽ صلاحيت کي پهچائي سگهيو آهي. هو عوامي شاعرن جيان طنز و مزاح ۽ پند و نصائح جي فن سان پڻ پورو انصاف ڪري ٿو.

مذهبي ۽ عوامي شاعرن کان پوءِ اسان جڏهن مولانا ثنائيءَ کي عروضي شاعرن جي صف ۾ آڻي بيهاريون تا ته هوائي پڙهنجي مناسب منزل ملي بيهي ٿو. سندس شاعري هن دنيا ۾ به معيار خواه مقدار، فن خواه فڪر جي لحاظ کان هن جي حيثيت ۽ عظمت کي متعين ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي، هو نه فقط صاحب ديوان شاعر آهي، پر ان کانسواءِ شاعريءَ جي باقي پنجويهن ڪتابن جو خالق پڻ آهي. اسانجي شاعريءَ جي چمن ۾ هر هڪ شاعر پنهنجي جاءِ تي هڪ گل جي حيثيت رکي ٿو.

پر ثنائي کي جيڪڏهن سدا بهار خوشبودار گل چئجي تہ کوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو، هن
ٻين ڪيترن شاعرن جيان ادبي تحريڪن ۾ مصوورتو، پنهنجي متقدمين کان مليل فني
۽ فڪري روايتن سان نياءُ ڪيو ۽ پنهنجي معاصرين سان ذات، لياقت ۽ صلاحيت
جي حوالي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺو. سندس دور جي ڪيترن عالمن، محققن ۽
اديبن هن جي فن ۽ فڪر جي ڇتا ڪئي آهي. وقت ۽ حالتن جي ڪسوٽي ۽ تي هو هڪ
برجستو، باڪمال، ڏهنڌ مشق، فی البديهہ ۽ قادر الڪلام شاعر ثابت ٿئي ٿو. انڪري
سندس حيثيت خواه عظمت کان انڪار ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو.

مواد جي ميڙي چونڊي، ان جي جاڙي ۽ پيشڪش کي
پارکن آڏيان هن متعالي جي صورت ۾ پيش ڪندي آءٌ انهيءَ راءِ قائم ڪرڻ ۾ حق بجانب
آهيان تہ سنڌ جي سڀ ڏرتي موتيءَ جهڙن ماڻڻ عالمن، اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن
سان پري پئي آهي. اسانجي قلم قبيلي جي هر هڪ فرد علم ۽ قلم سان پرپور انصاف
ڪيو آهي، ۽ اهڙي علمي پورهئي ڪندي هوائتر و تہ بي لوث ثابت ٿيا آهن جو ڪڏهن
۽ دولت، نالي ۽ شهرت جي لالچ ۽ طمع سندن ويجهو به نہ آئي آهي. نتيجي ۾ اسانجي
انهن عظيم انسانن مان ڪيترن نہ فقط گمنامي ۽ جي حياتي گذاري. ليڪن سندن خدمتن
جي سڃ تي پڻ وقت ۽ حالتن جا ڪارا ڪر ڇائجي ويا.

افسوس انهيءَ گالهہ تي آهي جو اسان اڄ گهٽيل ادارن
جي هوندي ڪو اهڙو طريقو ڪيو نہ سگهيا آهيون، جنهن ذريعي سنڌ جي وسيع ۽
واهٽ، گهڻ ۽ شهرن ۾ موجود علم ادب ۽ عوامي ادب جي اٿاه ساگرن ۾ مخفي شاعرن
۽ سگهڑن جي سينن جي خزينن مان ملهائتا موتي هٿ ڪري پنهنجي انهيءَ املهہ خزاني

کي محفوظ ڪري سگھون . ڏٺي ڄاڻي ته اسانجا ڪيترا احمد ملاح ۽ ٽنائي پنھنجو سڀ ڪجھ سڀ ۾ سانڊي وڃي مقامن ۾ آرامي ٿين ٿا .

جئن ته ھر ڪنھن شاعر تي تحقيق ٿئي ٿي يا ائين ڪٽي ڇڏجي ته تحقيقي فن اسان وٽ اڃان ترقي ۽ مقبوليت حاصل نه ڪئي آھي ، جنھن ڪري ھر ھو عالم ۽ ادیب گھر ويٺي پنھنجي تئر جي شاعر ، ادیب ۽ سگھڑن جي تعليمي ۽ تحقيقي بنيادن تي سيڙي محفوظ ڪري ، ان لاءِ ضروري آھي ته اسانجا تعليمي ۽ تحقيقي ادارا ھن ڏس ۾ ڪوشش ڪن ۽ گھٽ ۾ گھٽ پنھنجي اھڙي املھ خزاني کي سيڙي چوندي محفوظ ڪرڻ جو اھتمام ڪن ، ھتي انھي ءَ حوالي سان ا ھو ضرور ميڙو پوي ٿو ته منھنجي محترم استاد ڊاڪٽر محمد پٽاڻ صاحب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ ڊات ڊيٽا جي رٽائرمنٽ جو آغاز ڪري ان ڏس ۾ تعريف جوگيون ڪوششون ڪيون آھن . دعا آھي ته سندس اھڙي ڪوشش کي ھاتو ، سڀاتو ۽ محسوس ڪيو وڃي ، ۽ اھڙي قسم جون رٽائرمنٽ ٻين ادارن طرفان پڻ شروع ڪيون وڃن .

ھن سلسلي ۾ اھا تجويز پڻ پيش ڪري سگھجي ٿي ته اسانجا اعلیٰ تعليمي ادارا پنھنجي علم دوستي ، ادب پروري ۽ تحقيقي ترقي ءَ وارين ڪوششن ملھ سنڌ جي تاريخ کي مستفيد ڪرڻ لاءِ ھڪ جامع منصوبو تيار ڪري ڳوٺن ۽ شھرن ۾ موجود اھڙي علمي خزاني کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ايم - اي - جي سطح تي لازمي طور تي پنھنجي شاگردن کان ڪي مونوگراف لکرائين ۽ سندن اھڙي ڪوشش سندن ئي رھبري ءَ ۾ جيڪو رنگ لائيندي اھو اسانجي تاريخ جو

هڪ سو نصر جي باب ۾ ٻڌايو ويندو.

انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي جماعتن کي پڙهن ڏيڻ جي تجويز ذريعي گذارش ڪري سگهجي ٿي ته اهي روشنيءَ جي شهرن بدران سڀاڻهي سنڌ جي وسيٽن ۽ واهڻ طرف متوجه ٿين ۽ انهي گمنام شاعرن، سگهڙن ۽ اديبن کي ياد ڪن يا سندن همت افزائي ڪرڻ لاءِ پنهنجي علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين کي عام جام ڪن. مرحوم شخصيتن جا ڏينهن ملهايا وڃن. زنده شخصيتن سان ڪچهريون رچايون وڃن. آڊيو وڊيو ذريعي يا ڪتابي سلسلن جي روپ ۾ انهيءَ املهه خزاني کي ميٽرڻ ۽ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

ضمیمہ

شاعری کا ایک انتخاب

حمد باري تعالا

تون آن خالق خلق جو ۽ ملک جو مختيار تون
تون پلن کي ڪيو پلو ڏيڻهن سنڌو ڏاتار تون
سوهڻ کي ڪين تا ڪوجها ڪچا بيٺا وٽن
تون اهو آن جو ڪينون بيڙن سنڌو آبار تون
آپلن کي پر وسو پنهنجي پلائي ۽ تي پلو
عيبدار ن گنهگار ن جو فقط آن يار تون
تنهنجي رحمت جي اندر عاصي وڏو اميدوار
جيڏو وڏو هي تڏيندئي اوڏو ڏاتار تون
تنهنجي رحمت جي آڏيان شيطان جو شر ڇا ڪندو
نانوئن تنهنجو گر ڇه آ قهار پر غفار تون
ڇئي ثنائي تو مکو آ رحمة للعالمين
خلق ساري ۽ کي ٻڌايو بهشت جو حقدار تون

(۱)

(۱) ثنائي ثناء الله : قلمي بياض ، ص ۱۲ ص ۱۳

حمد باري تعالىٰ

ڈسي ٿو ، ڈئي ٿو ، ڏکي ٿو ، ٽکي ٽو
مدينو جو مولا ، رهي منجهه مکي ٿو
محمّد ۽ موسىٰ کي جنهن آ ٻڌايو
ابو جهل ، فرعون کي سو ڏکي ٿو
سخي ، پاڪ ، بي نياز آ لا اباليي
ڏسي ڏوه هر کو ڏري ۽ ڏکي ٿو
اڌاري ، ويهاري ، سڌاري ، اجاري
پيو پاڙ پالي ، سنياڻي ڏکي ٿو
وڪيلن ، وزيرن کان آزاد آ جو
ڏسي ڪونہ ان کي ، هو هر جا تکي ٿو
انهيءَ جونکو آ همراه سائين
ڳجهو آ مگر ڪين کائي لکي ٿو
لڳو عشق جو تنهن جي اندر ۾
سڀ ۾ سدائين چکيو پيو چکي ٿو
همدم مولىٰ رکي رمز اهڙي
ثنائي نہ زيارت کڻڻ سکي ٿو (۱)

(۱) ثنائي ثناء الله ، ’قلمي بياض‘ ، ص ۱۸

مولود شريف

منجھ عشق تنھنجي عربي الله تو ڏسان
ھادي ءَ ڏني ھدايت ھي ءُ راہ تو ڏسان
جامو منن جي روح کي تو روشني ڏني
اھڙو چنو نہ مھر ڏکي ماہ تو ڏسان
انعام عاشقن کي ٿي راہ۔ مستقيم
سارہ جي چوڻ سان سارہ تو ڏسان
حيران ٿي ويا حاتم تنھنجي سخا سڻي
قربان ڪر دھليل درياہ تو ڏسان
جن جي نہ جان ۾ آھ تنھنجي ھاشمي
منجھ قلب تن جي کارھن اونداہ تو ڏسان
سھڙن اندر ثنائي مسجد ۾ ري ءَ رفيق
تو ري ءَ نہ کوٽي تکيو ۽ دلخواھ تو ڏسان

(١)

---

١) ثنائي ثناء الله :، 'ھلمي بياض'

مولود شريف

عجيب عربي، حبيب حامي - توهان جو عالم سڄو سلامي
اوهان جي دَر جي ڪريان غلامي - قبول ڪاطر ڪجي دعا مي
نبي اعلىٰ، شفيع عقبىٰ، يتيم يڪتا دُر بيگانه
اوهانجي آئي ٿي روشنائي - الاڪڻ جا ويا وسامي
عمر اجائي اسان وڃائي - ڪري ڪچائي، نه سڌ آئي
اوهان جي گهر جي عطا عنايت - اسان کان ٿي آهي خطا ڪامي
لهي ڪفارت، ملي بشارت - ڪيان نه ڪيان ڪري ڪامي
سڪي منهنجي دل اوهان لئه پليل، پڪي هجان تان اچان ڊاڙامي
اڻين جي آدر ولهين جي واهر، غريب پرور سڄن جا ساڻي
سڪي ثنائي ضعيف عاجز، ڪيو ڪرم جي نگاه نامي

(۱)

(۱) ثنائي ثناءالله: شمع رسالت عرف انوار نبي ص ۸ ص ۹

مولود شريف

اسانجو پيشوا رهبر محمد آ ته غم ناهي
اسانجو پير پيغمبر محمد آ ته غم ناهي
دنيا ۾ دم جيئون تاجو، نه آهي خوف کنهنجو
خدا يار، ڏ نو دلبر محمد آ ته غم ناهي
امان توڙي جڏا آهيون، گناهن ۾ غرق آهيون
شفيع العاصيان انور، محمد آ ته غم ناهي
شفا سڪرات سوپاري، نڪي هوندي قبر ڪاري
نڪي ٿيندو ذڪيو محشر، محمد آ ته غم ناهي
ثنائي هت سنياسي آ، اداسي ۽ پياسي آ
پيارينڊو آڳيان ڪوثر، محمد آ ته غم ناهي

(۱)

(۱) ثنائي ثناء الله :، 'شمع رسالت عرف انوار نبي'، ص ۸

مولود شریف

اڄ جايو آ سردار ٻني - سڄي ملڪ سندو مختار ٻني
نڪو پورپيو نڪو سورٽيو - ائين حاصل پاڪ حضور ٽيو
گهر گوهرسان پرنور ٽيو - ري رنج آيو اظهار ٻني
سُرمينا ڪيون، وڏو وارمٿان - سورج سنبل جيان نروار نوان
بڌ پاڪ پليتي ڪان دوچوان، آيو سرس ڪري سينگار ٻني
ان رات اُلوٽي نور ائين - وسي چيٽ بهار جو منهن جيئن
جهولي چند جهليو لاتو حور هيئن - مٿي ماءُ سندو منڌار ٻني
ڏکڙ ڏور ويا، مرض معاف ٿيا - ڪل ڪدورت ڪان سيڪاف ٿيا
جهلڪ ڪونہ جهليو انصاف ٿيا - آيو دين سندو معمار ٻني
چائي جهام ثنائي سورليا - پڳا بي دين جا مغز مٽا
شڪ شرڪ سندا ڪاهه بدنا - آيو تهڙي ڪي تلوار ٻني

(۱)

---

(۱) ثنائي ثناء الله ؛ "گلشن عرف ميلاد النبوي" ص ۶ ص ۷ ص ۸

مولود شريف

شڪر جو امتي آهيون رسول الله اڪبر جا
اسان عاصين اگهائڻ تي هزارين ڏيب ڏاتر جا
پلي جا امتي آهيون، پلائي ۽ پلا ٻاسون
فقيري ۽ تي فخر آهي، ناهيون تابع تونگر جا
نبي آخر زماني جو مٿس ايمان آندو سي
اچان ٻيو چا پلا گهر جي، ڪري ڏين ڪهڙ قادر جا
ڏسون تا جي گناهن ڏي ته دوزخ جا شيا آهون
ڏسون تا جي شفاعت ڏي ته لائق حوض ڪوثر جا
حشر جي ڏينهن مان شافع محمد چئي پڪا پندس
اندو عربي سڀي آهون ليڪن توڙا پيغمبر جا
سيد ثقلين جا سائين، ثنائي کي فخر تو تي
نظر تنهنجي نظر تي آ، نظر ڪر دست داور جا

(١)

(١) ثنائي ثناء الله :: شمع رسالت عرف انوار نبي ص، ص ١١

مولود شريف

وڃان ملڪ عرب هن وقت هلي
اچان عربيءَ سان سور دل جا سلي
سکي سنڌ اندر منهنجو ساهه ويو
روئي رنجن ۾ هيٺو حال ٿيو
ڪندو ڪين قريشي ري ها جهڙ پيو
وئي جندڙي جدائيءَ ۾ آهه حلي
دلڙي درد ڪن ۾ فراق ڪٽي
عشق عربيءَ جي سورن ۾ آسٽي
نندنيٽن جي لچا دار لٽي
لهان لالڻ گولي سال گلي
سريون سهڙن ۾ ڪيو قيد قضا
ڪائي خون جگر جو غم ٿيو غذا
پوگي بيحد تو آ ٿنا ئي سزا
سڻي سڏڙا ويندو محبوب ملي

(۱)۔

(۱) ثنائي ثناءالله: 'گلشن عرف ميلاد النبوي' ص ۱۰ ص ۱۱

مولود شريف

شڪر جو اُمتي آهيون رسول الله اڪبر جا
اسان عاصين اگهارڻ تي هزارين ڏيب ڏاتر جا
پلي جا امتي آهيون ، پلائيءِ پلا ٿيا سون
فقيرياءَ تي فخر آهي ناهيون تابع تونگر جا
نبي آخر زماني جو مٿس ايمان آندو سين
هينئر وڏڪو نه ٻيو گهر جي ڪري ڏيئه ڪير قادر جا
ڏسون تا جي گناهن ڏي ته دوزخ جا ٿيا آهيون
ڏسون تا جي شفاعت ڏي ته لائق حوض ڪوثر جا
حشر جي ڏينهن مان شافع محمد چيئه پڪا ٻيڙس
ايندو عربي سٽي آهون ، لکين تو را پيغمبر جا
سيد ثقلين جا سائين ثنائيءَ کي فخر توتي
نظر تنهنجي نظر تي آ نظر ڪر دوست داور جا (١)

مولود شريف

محمد مٿي ميرکي شاه چئبو — خدا جو بندو آ نه الله چئبو
خدا پاڪ خالق ۽ مخلوق مرسل — ايئن جو نه سمجهي سو گمراه چئبو
خدا پاڪ جيان عالم الغيب کوٻي — مگر عالم اوٻي کان آگاه چئبو
بنين ولين جو سرتاج سائين — ٻيا واه ۽ ڪيڏو درياه چئبو
ثنائيءَ ثي جو فنا في الرسول — اٽي ءَ ساه جي ساه جو ساه چئبو (٢)

(١) ثنائي ثناء الله ، قلمي بياض تان درتل
(٢) ايضاً

مولود شريف

ر س يا رسول عربي، سپ ويا جدي وسيلا
منهنجو نه وس هلي ٿو، هيڪل ڪيان حيلا
ر حمت جو مينهن گهرجي، جو پوک ٿي نهرجي
مُنهِ آب عام پرجي، ٿي ويا تباه ٿيلا
ڪ قرب آءُ ڪاهي، نڪ چڏ شڪي ڳجالاهي
ر ستو وٺاءِ ٿاهي، الا ربه سبيلا
تنهنجو آهيان ثنائي، تنهنجي آوات وائي
تون ٻئي ڪندين سڀائي، قربان تيا قبيلا (۱).

محمد مصطفيٰ جي درسند وگولو گدا گر ڪر
نٿو چاهيان نه ڪو اولياء يا عالم ٿو نگر ڪر
بلالي بانگ جو آواز پهچي گوش منهنجي ٿي
غمن الله رمدد منهنجي، سچو صديق اڪبر ڪر
نه گهرجي جاءِ جنت جي، نه گهرجي حوض ڪوثر
فقط زيارت سچي سردار جي مون لئه مقرر ڪر
نٿو چاهيان سڪندر ڪر، نٿو چاهيان قلندر ڪر
ثنائي کي سچي سردار جي در جو ڀاور ڪر (۲)

---

(۱) ثنائي ثناء الله ، ' قلمي بياض ' تان

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ

مولود شريف

ڪر محمد مصطفيٰ مشتاق مضطر جو علاج
ڪونہ گھرجي تہ ارسطو توڙي اڪبر جو علاج
ڪابي ڦڪي، ڪابي پٽڙي، ھن جوش لئہ عاليءَ جڙي
توڪي چيم رڙئي رڙي، ڪر پنھنجي نوڪر جو علاج
ھر درد جي توڙت دوا چئنڊ ونہ ڪوتو ڪا سواء
نوڙت پيل آ پيشوا، بس حوض ڪوثر جو علاج
نوڪر تنھنجو لقمان آ، ھر دا ڪئہ حيران آ
درسن عجب درمان آ، ديدار ھلبر جو علاج
مرض روحاني تيو، تنھنجو اچي ڪوڙس ڏيو
سيد ثنائيءَ جي ڪيو، آزار اندر جو علاج (۱)

مولود شريف

ھجي نازل محمد تي صلوات الله سلام الله
سوئي رھبر رسول الله، لڏو ڏينھن تي ڪلام الله
جڏھن محبوب پنھنجي کي ڪيو پيدا سچي مولا
ايان مخلوق نہ عالم ھو، نہ آدم صفي الله
ثنا سرھار جي گائي، ثنائي تيو لقب منھنجو
وليڪن ماڻ لولي ۽ ھم ستڙيو موڪي ثناء الله (۲)

---

(۱) ثنائي ثناء الله :، 'قلمي بياض'، تان
(۲) ايضاً ——— 'ديوان نعتيہ ثنائي'، ——— ص ۷۸ ص ۷۹

مرحوم ثنائيءَ جي مداح جو انتخاب

خدا پاڪ آهي مٿيئي درد لاهي ـ تنا بادشاه وڏي کي ساراهي
نبي نزدڪ آهي، ڏيان داڻن ناهي ـ نبي ڪر نگاهه بحال خدا

سگهو سوال ورناءِ مرسل منا
ٻڏي داڻن ڏلجاءِ ڏي ڏر با

تون طاهر، مطهر، نذيرُ منذر ـ بشيرُ مبشر، مزمّل، مدّثر
مڪمل، منوّر، تون ناصر، مذڪر ـ تون ضامن، تون ظاهر تون مظهر خدا

سگهو سوال ورناءِ مرسل منا
ٻڏي داڻن ڏلجاءِ ڏي ڏر با

تون ڪلزم سخا جو، تون حامل لواجو ـ تون صاحب رداجو، تون مالڪ شفا جو
تون هادي هدىٰ جو، تون رهبر رضا جو ـ يحيي سهيلا جو، محيي التجا

سگهو سوال ورناءِ مرسل منا
ٻڏي داڻن ڏلجاءِ ڏي ڏر با

تون ضامن ضعيفن، تون يا ورثمين ـ تون حامي حبيبن، تون آڌر اصيلن
اجهو اوٽ هيٺن، امن بيوسيلن ـ پناهين سقيمن، دوا ڪانسوا

سگهو سوال ورناءِ مرسل منا
ٻڏي داڻن ڏلجاءِ ڏي ڏر با

تنھنجا يار چارئي، وفادار چارئي - مددگار چارئي، آئين تار چارئي
غضن تار چارئي، جڏن جيار چارئي - طرفدار چارئي، منور دنيا
سگھو سوال ورناء مرسل سنا
بڌي ڏانھن دلجاءِ ڏي دلربا

تون آباد رڳھر، وڏا منھنجا وڻ ھر - ماڻيا مال ڏڻ ھر، پيل ڪيھڻ ھر
منھجھون سير مڻ ھر، ڪپر ڏور ڪڻ ھر - غلامن پر گڻ ھر، مون ھيءِ ابھا
سگھو سوال ورناء مرسل سنا
بڌي ڏانھن دلجاءِ ڏي دلربا

نبيا نظر ھر، ڪٽي پر ڪشر ھر - پتي مان شھر ھر، ڦڙي مان بحر ھر
سين لٽ ھنر ھر، سڪي بدر ھر - ڏي مان شھر ھر، عجب خوشنما
سگھو سوال ورناءِ مرسل سنا
بڌي ڏانھن دلجاءِ ڏي دلربا

تون سردار سرور، تون مختار منور - اجواٽ انور، تون دلدار دلبر
سڀي جڳ جوجھر، تنھنجي پاس پھر - پٽين کي تون پار رھڻي پيو ضناء
سگھو سوال ورناء مرسل سنا
بڌي ڏانھن دلجاءِ ڏي دلربا

نہ ڪٽي ھنھنجو ڏور، نہ ڏور آڏور - ملي ڇيھ جور، تہ سوڻي سدور
ڳجھو يار ڳور، ڪٽي ھلوءِ ھور - ملي مون ھضور، لڏن لاڏلا

سگھو سوال وڃ ناءَ مرسل منا
ہڈي ڪانھن ڏيجاءِ ڏي ڏس با

ملي گھڻو جي زينت، مگر بافضيلت — قبولي نصيحت، صحبي باعليت
صفا صاف سيرت، پڙھي باطينت — شرم، باشريعت، حسن باحيا

سگھو سوال وڃ ناءَ مرسل منا
ہڈي ڪانھن ڏيجاءِ ڏي ڏس با

دواھر، دماھر، سماھر، عطاھر — غناھر، بناھر، ثناھر، صفاھر
وفاھر، بپاھر، جھجھاھر، اجاھر — لقاھر، بقاھر، جزاھر وڏا

سگھو سوال وڃ ناءَ مرسل منا
ہڈي ڪانھن ڏيجاءِ ڏي ڏس با

جوان مرد تنصبي، لعين موجھ منصبي — نہ ڏي پيش اصبي، ڪري ڪينھر سصبي
نہ ڏي ھاڻ ھنسبي، اڳرغرض تعجبي — الڳ گھڻ بنسبي، ملي سون اھا

سگھو سوال وڃ ناءَ مرسل منا
ہڈي ڪانھن ڏيجاءِ ڏي ڏس با

صبر شڪر نہ ڪندي سڪائي — فضل ڪير خدائي، ڪندي روشنائي
ڪندي ملائي، وڃي ڪوٽ واڪائي — بہ علمي عمائي ڪمي ڪئي ڪجا

سگھو سوال وڃ ناءَ مرسل منا
ہڈي ڪانھن ڏيجاءِ ڏي ڏس با (۱)

(۱) ثنائي ثناءَ الله ، قلمي بياض ، تان

٥ مداح ٥

آسري الله جي چرچو چرپرات چوريتون
ڏور ڏاهي جا وڏي، تنهن ڏورمان ڏک ڏوريتون
طلب جون تارون وهائي نڪو سنوت جو ٿوريتون
پهرت جا آٽي پچا، سڌ جي سگهي کي سوريتون
ڪٽ ڪچوا صدا گهاٽيندو، نڪي تڪ توريتون
عربي ڏمڻا صون ايٽ وانگر هر گهاٽي گهوريتون
حال حضرت سان سارو عاجزيءَ سان اوريتون
يارسول الله بيواهن سندي هاوه ڪر
مون وسيلن جو وسيلو ٿي نجيب نگاه ڪر
توسندي ٿيو صدق مان صديق اڪبر سرفراز
توعدالت جي ڏني عدل عمر ٿيو ڪارساز
توحيادار جي ڪئي عثمان ٿيو مسڪين نواز
توشجاعت شاه جي، حيدر علي ٿيو جانباز
توڏيجي سان هر ڏيهه روشن ٿيو باعزو ناز
توهاياواه تڪ درياه ٻڏجي نه بيٺا نياز
ان سبب مرڪن ٿيو آڏيم سارو جو جهان
يارسول الله بيواهن سندي هاوه ڪر
مون وسيلن جو وسيلو ٿي نجيب نگاه ڪر

تي صلي پيڙي اسان جي تار ۾ آتار تون
وڃھ ورائي مون نہ جاڻان ، سرت ڏي سيکار تون
زور ويٺي آھ ھيٺي لھر ھيٺي تار تون
گرداب جي گڙ گات جوڏک کوڙ کوڙ ڏيکار تون
واگھ واگھون ويڙ وارا ويڙ واگھون وار تون
نوح کان وڏ ناکٹان ، ھي امتي نہ وسار تون
واءُ وحدت جو منجي پَلَ ۾ پچائين پار تون
يارسول الله ٻيواھن سندي کا واه کر
ٻي وسيلن جو وسيلو تي نجيب نگاه کر
کوڙ شاعر شاد آھن شعر چوندڙ ھم چنا
تاوڏيرن ڏي وڃن ، پائي پلئه نار ي کنا
مون ثنائي توسندو آھيان رکو توکان پنا
دين دنيا ، شاه عالم جاکھان تو ٿو کنا
ڏيب ڏي مسڪين کي ، لک ڏيب ڏاتر تي ڏنا
ھي ثنائي جي ثنا مقبول کر پڙھندي پنا
اڄ اچي اوجار ڪر ٻي آھيون ميرا جھنا
يارسول الله ٻيواھن سندي کا واه کر
ٻي وسيلن جو وسيلو تي نجيب نگاه کر (۱)

(۱) ثنائي ثناء الله

۵ مدح ۵

تون اجھو ماصين سندو عالم اڌار — تون ضعيفن ۽ يتيمن جو آن يار
تون غريبن غمزدن جو غمگسار — بي وسيلن جو وسيلو نامدار

يا حبيب الله عربي الغياث

تنھنجي ڄائي ھڪ جوھر ھيو قلعو — ھوت ھستيءَ جي اندر ۾ زلزلو
تون خدا جو دوس آھين دادلو — تون آن اڪمل، تون آن افضل تون ئي ٻلو

يا حبيب الله عربي الغياث

تون پيارو، تون سڄڻ ۽ تون ڪريم — تون محمد، تون امي ۽ تون رحيم
تون بھادر، تون يگانو، تون يتيم — تو مٿي راضي رھي قادر ڪريم

يا رسول الله عربي الغياث

تون مزمل، تون مدثر تون امام — تون مڪمل، تون منور نيڪنام
تون سڀن جي سونھن ۽ خير الانام — تو مٿي صلوٰة ۽ تو ئي سلام

يا شفيع المذنبينا الغياث

لن ترانيءَ طور تي آئي ندا — منجھ تجلّيءَ خر موسىٰ صعقا
عرش، اعليٰ طور تنھنجو مصطفىٰ — تو ڏٺو انوار ذاتي احمدا

يا رسول الله عربي الغياث

جھڙو تھڙو تنھنجو آھيان يا نبي — دانھن تو ري أُمي طرف ھاڏي ڏي
تو سواجيءَ کو ڪيو ڪنھنکي ڪبي — دانھن در ڏن جي اوھانکي ئي ڏي

يا رسول الله عربي الغياث

کير ٿيندو ساڻ منهنجي توسوا — کير منهنجا درد نيندو توسوا
کير موڪي قرب ڏيندو توسوا — کير منهنجا غم ڪيندو توسوا
يارسول الله عربي الغياث

کير منهنجي سار لهندو توبنا — تو منجهان اميد مون چاکون جنا
در توها ٻي دلر باپلپل پنا — دين دنيا تو ڪران ٿئي تو ڪنا
يارسول الله عربي الغياث

حيف منهنجي حال تي مون چاهيو — وقت ويٺي پر سڃو گذري ويو
رات ڪاري پنڌ اوکو آ پيو — کو هدايت جو ڏيئو موڪي ڏيو
يارسول الله عربي الغياث

عيب وارو آيو بند و تنهنجي در — تنهن مٿان ڪو مهر وارو دست در
هي مدح منهنجي مٿا منظور ڪر — تان ثنائي ٿي ثنا ڪو سر بسر
يارسول الله عربي الغياث

ٿي هي سيد سوال پورا ڪر تمام — دين جي ڪم تي هجان سڀڪم مدام
ٿئي سخن مقبول منهنجو خاص عام — خاتمه بالخير ٿئي ڪلمو ڪلام
يارسول الله عربي الغياث (۱).

لا اله الا الله محمد الرسول الله صلى الله عليه وسلم

---

(۱) ثنائي ثناء الله : ، اُستحار ثنائي، شڪارپور ، مولوي محمد عظيم اينڊ سنز تاجران ڪتب ، ص ۴۲ کان ص ۴۶

۵ مدح ۵

الف الله جو يار محمّد — نينڊو ڪل آنهار محمّد
بيشڪ آ غمخوار محمّد — ڏيکاري ديدار محمّد
صلي الله عليه وسلم

بي نه ڇڏي بيمار محمّد — امت جو سردار محمّد
دارون ڏي دلدار محمّد — حاذق آهه هوشيار محمّد
صلي الله عليه وسلم

حي لئه حامي ميرمحمّد — وارث والي ويرمحمّد
پيران جو آ پيرمحمّد — تامي لئه اڪسيرمحمّد
صلي الله عليه وسلم

عين عجيب نجيب محمّد — طالب لاءِ طبيب محمّد
هردم آهه قريب محمّد — مولا نزد مجيب محمّد
صلي الله عليه وسلم

ميم منوّر ماه محمّد — ڏيکارينڊڙ آ راه محمّد
ملڪ سڄي جو ساه محمّد — هيٺ جو همراه محمّد
صلي الله عليه وسلم

بي آ ثنائي ياد محمّد — خصم ڪنڊو برباد محمّد
درس ڪنڊو سي داد محمّد — علمي سان دل شاد محمّد
صلي الله عليه وسلم (۱).

---

(۱) ثنائي ثناء الله : ’اشعار ثنائي‘ شڪارپور ، مولوي محمد عظيم بوءسيلر ، ص ۳۸ کان ص ۴۲

مرحوم ثنائيءَ جي مناجاتن مان انتخاب

يا الاهي ذات پنڌنجي ڪبريا جي واسطي
رحمت للعالمين خير الورىٰ جي واسطي

مرڻ ويلي ڪين ڪي اٽڪي اسانجي هيءَ زبان
ساهه ڪلمي سان ڏنڙي ، مصطفىٰ جي واسطي

دين ۽ اسلام تي پابند ڪر ۽ مستقيم
صدق ڏي صديق اڪبر رهنما جي واسطي

نفس ۽ شيطان ڪي دل سان دسي نحرا هڻون
فيض هادوقي عطا ٿئي ذوالعطا جي واسطي

يا خدا آخر زمانو ٿيو حشر جي عنقريب
مومنن ڪي شرم ڏي ڪان ، حيا جي واسطي

هٿ ڪٽي منهنجا ڏٽي پليل پنون پردو پنا ۾
حل ڪر مشڪل مٽ ٻئي مشڪل ڪشا جي واسطي

مومنن جي مان ڪي ڪر تير نشتر جان تڪي
هر مصيبت معاف ڪر آل علي جي واسطي

نور دل جو سو ثنائيءَ کي عطا ڪر اي ڪريم
جئن ڏسان تو ڪي ، هلان تنهنجي رضا جي واسطي

---

(1) ثنائي ثناءالله : ، شمع رسالت عرف انوار نبيءِ ، لاڙڪاڻو ، حاجي عنايت الله شيخ ، ص ۱

○ مناجات ○

فضل کر یارب محمد مصطفیٰ جي واسطي
سيّد الکونين شاه انبياء جي واسطي
يا الله العالمين هي عرض کر منهنجو قبول
استجب هٰذا دعاءِ مجتبیٰ جي واسطي
دور کر رنج والم سختيون سڀ آسان کر
تنهن سچي صديق اڪبر باصفا جي واسطي
هر طرف کان فوج غم جي آهه سڀ تي چڙهي
ڏي پناه يارب شهيد ڪربلا جي واسطي
سخت حيران آهيان کر رحم جي مونتي نظر
باقر و جعفر علي موسیٰ رضا جي واسطي
يا الاهي دور کر اندوه دل جا درد غم
غوث اعظم پير مرشد رهنما جي واسطي
آهيان عاصي گنهي تو خوف پر سارو بدن
هٿ ڪنڊ آهي شرم مونکي دعا جي واسطي

(۱) الخ .....

---

(۱) ثنائي ثناء الله : ، شمع رسالت عرف انوار نبي ' لاڙڪانو
شيخ عنايت الله پبلشر ، ص ۲

۵ مناجات ۵

مٹدا یا مون سنڈو آھي برو حال
گھڻن کھڙي طرح تو کان ڏٺي سوال
ھدايت ھوش ڏي آگاھ کر تون
لچي لي لائق درگاھ کر تون
سگھو ھست ھدايت جي عطا کر
بلائن کان بچايان پاڻ يکسر
برائين جي اندر بد نام آھيان
ڪچو کاھل، نڊ، ناڪام آھيان
پلائي سان پلا بخشي سپلائي
سگھوئي ميٽ مي منھنجي سڌائي
ائين آجو گناھن کان ٽپان پو
لٽي ٻڌ پاڪ صابٽ سان ٿئي تو
حقيقي جي وسائي بوند برسر
سگھو سرسبز منھنجي باغ ڪي ڪر
پيغمبر جي ڪرائي پيروي تون
ٿنائي ڪي سگھوئي ڪر قوي تون (۱)

---

(۱) ٿنائي ثناء الله :: محمود غزنوي، لاڙڪاڻو، دين محمد عبدالله خان مگسي پاڪستان پريس، ص ۶ کان ص ۹

٥ مناجات ٥

الاهي عبادت جي توفيق ڏي
عقيدي ستدارڻ جي تحقيق ڏي

اسانکي خبر نا خبردار ڪر
وڻندڙ غفلت جي هوشيار ڪر

نڪو علم آهي نڪو آ عقل
پوڻا نه ڪهڙو قبولين عمل

گهڻا مولوي ٿيا نه مذهب گهٽا
گهڻا آدمي ٿيا نه مطلب گهٽا

مجدد ٿياڪي نه ڪي ٿيا امام
ڏهيل دين جا ڪن ٿوان انتظام

مٽائڻ عقيد و ملن جي آوس
پيغمبر ۽ الله جو قول بس

جهين هم ٿون راضي رهين ياڪريم
ڏيڃ اهاوات جا مستقيم

---

(١) ثنائي ثناء الله : ، اعتقاد نامو' لاڙڪاڻو، حاجي گل محمد شيخ ، ص ٣

۵ مناجات ۵

خدایا خیر خوشنودي عطا کر
وڃي کل غير ، بهبودي عطا کر
اهوڏي عشق پر واري خدایا
مٿهين پر تون رهين راضي خدایا
ٿيان تنهنجو ته پو تنهنجو ٿيئن تون
پنا جاچين تو کان ساڏيئن تون
ٻين جو کين ڪر محتاج سائين
عطا ڪر بندگيءَ جو تاج سائين
ملي طاقت ته تنهنجو حمد گايان
پر يا کي بحر وحدت جا وهايان
اهو موڪان چوائڻ شعر سولي
مڃي مون واسطي جو خير هولي
نه مون پر آهر دانائي پلائي
خدایا بخش دل جي روشنائي

---

(۱) ثنائي ثناءالله ، محمود غزنوي ، لاڙڪاڻو ، دين محمد عبدالله مڪتبي پاڪستان پريس ص ۳

مناجات

خدایا مون خالي خوشامد نہ جاڻان
تون آن پاڪ پروردگار پري ڪرنہ پاڻان

تو وارث ، تون والي تون آن لا ابالي تون الله عالي
مون تو در سوالي ڇڏيندين نہ خالي منهنجا بخت تاڻا

تون آن پاڪ پروردگار پري ڪرنہ پاڻان

تون هوندين تون آهين تون ڏاهين تون ڏاهين مٿهئي درد لاهين
ڳجهو ڪنهن کان ناهين ونديندين ورهاهين اسان عيب ڌڪاڻا

تون آن پاڪ پروردگار پري ڪرنہ پاڻان

شهنشاه تون آن تہ الله تون آن جي آگاه تون آن
تہ همراه تون آن تہ هر گاه تون آن نہ مون جاڙ جاڻا

تون آن پاڪ پروردگار پري ڪرنہ پاڻان

تون مالڪ تون خالق تون رحمٰن رازق تون سائين تون صادق
عبادت جي لائق تو تي تنهنجو عاشق تو سيد سڃاڻا

تون آن پاڪ پروردگار پري ڪرنہ پاڻان

ثنائي جو تون آن ثنا کان فزون آن بلي بي چگون آن
سپ جو ستون آن بس تون ئي تون آن همي پر تاويڪاڻا

تون آن پاڪ پروردگار پري ڪرنہ پاڻان

مناجات

| رحمکر، رحمکر، رحمکر خدایا |
| عطا تئي پيغمبر سندي پير خدايا |
| غنن جا گھٹا مون کئن ڈينھن کاتيا - وڏو ظلم ظاھر ھا گھاتي تي گھاتا |
| درنگا دلاڻو تہ پر خدايا |
| رحمکر، رحمکر، رحمکر خدايا |
| رسن گوش منھنجي تي بانگا بلالي - کو صديق پارو ملائيئم مثالي |
| رھان روز دلدار جي در خدايا |
| رحمکر، رحمکر، رحمکر خدايا |
| پسيا پير کسيا ڪنب آھيان اداسي - ھمودين مثل لوک سارو لباسي |
| ڪجي خير سان باغ جي پر خدايا |
| رحمکر، رحمکر، رحمکر خدايا |
| بلآخر تہ مومن مسلمان آھيان - ثنا ئي سوالي نہ سلمان آھيان |
| صفا سون ٿئي سنگ مرمر خدايا |
| رحمکر، رحمکر، رحمکر خدايا |
| عيالي اداسي ڪچو ۽ ڪمينو - پسان ڪيئن پيغمبر، مڪو ۽ مدينو |
| اچي ميرمرسل گھري گھر خدايا |
| رحمکر، رحمکر، رحمکر خدايا (۱) |

(۱) ثنا ئي ثناء الله: "قلمي بياض" ص ۳۵ ص ۳۶

مناجات

خداوندا اسانجي قلب کاري کي منوّر کر
محمدؐ جي محبّت جو اسانجي جان ۾ گهر کر
محبّت غير جي ۾ کين کي قاساءِ يا مولا
نه تم دعویٰ قلندر کر، نه کي دارا سکندر کر
رسول الله جي سک ۾ رهون لاغرض بي فکرا
نه والي کر نه حاکم کر، نه خادم کر نه نوکر کر
اسانجي قلب تي نقش محمدؐ جو اکيري ڇڏ
نه عابد کر نه زاهد کر، نه کي ملان مجاور کر
نه تي نبيءِ سنڌ مان قسمت اسانکي جي مدينيا ڏي
تہ روضي جي زيارت خواب ۾ مون لئه مقرر ڏي
ثنائيءَ لئه ثنا سردار جي ٻٽجي غذا روحي
متو مضمون عالي ڪسان سدا منهنجو منور کر

(۱)

---

(۱) ثنائي ثناء الله :، ديوان نعتيه ثنائي، ص ۲۷

مولانا ثنائي جي كافين مان انتخاب

پارو چل آگ آپاري ، هٽي گهوران ويو گهائي
نند نهوٽ يو نه چاتم ، پيچ جتن سان پاتم
اولي ويا نه اتاري ، هلي چوري ويا چائي
باه پنيور كي ڏينديس ، واچوڙي ٿي ويندس
ويهنديس كانه وساري ، پيچ پنهون ويو پائي
آءُ نه آهيان اڪيلي ، سڪ آساڻ سهيلي
آب اكين مان هاري ويندس وات وسائي
جڏهن فنائي ثنائي ، تڏهن جداتي جدائي
آيس يار اوتاري ، پاڻهين پير وڌائي (۱).

○ كافي ○

گوكو نه اسان جيان قاسي - هن پاسي يا ته هُن پاسي
كنڌي واپار كئون وياسي - هن پاسي يا ته هن پاسي
رات ڪيڏي تاري - پر ڀات ڪٿي وئي پياري
سڪ ساڻ گهڙي نه سمهياسي - هن پاسي يا ته هن پاسي
هي مال خدا تو جاڻي - رب پاڪ پرين ڏي آڻي
جي ٻيائي ٿي نه مناسي - هن پاسي يا ته هن پاسي (۲)

(۱) ثنائي ثناء الله : ، 'قلمي بياض' تان ورتل
(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

ڪافي

سدا ڪونج ڪرڪي سگهر ڪي ساري
وگهر لئه ويچاري هنجون هاري

قضا ڪنهن ويچاري وطن کان پري ڪئي - فراق ۾ قيرون دوباره پهچا پئي
ڪيو روز ريهان پچي لئه هاڪاري
سدا ڪونج ڪرڪي سگهر ڪي ٿي ساري

جدائي جي جولان ۾ جان گهاري - رگون راگ گائن تندن سان تنواري
لکئي رب جي آندي اداسڻ اڏاري
وگهر لئه ويچاري هنجون ويٺي هاري

ڪٿي ديس سگهو ڪٿي ويس سگهو - ڏکن ڪئي آڏهري آئين ۾ او جاگهو
پئي پوءِ پرديس پاسي پکاري
وگهر لئه ويچاري هنجون ويٺي هاري

ثنائي چوي سوڻ بازي پلي آ - عجيب آکيان يار آڻي ملي آ
وصالت جو ڏلبر پيالو پياري
سدا ڪونج ڪرڪي سگهر ڪي ٿي ساري

(۱)

---

(۱) ثنائي ثناءالله : ’قلمي بياض‘ ص ۸۴ ص ۸۵

كافي

مرد پروڙج مام - قاتل آهين قاهيءَ ٻم
قابو منجهه قيد خاني آهين - ديد پٽي ڏس چو تو دانهين
غازي ڪٽي وڃ گام - شوق منجهئون باغ شاهيءُ ٻم
قاتل آهين قاهيءَ ٻم
پر زاکر هي پيرو خاکي - موت سان ٿي ڏس مرد ملاقي
الست جا انجام - پاڙ اٿيءَ پر واهيءَ ٻم
قاتل آهين قاهيءَ ٻم
هستيءَ ٻم تون پست به ٿي ڏس - هستي هاري هست به ٿي ڏس
خيال ڪٽي ڪر خام - اوج نه آوندا هيءَ ٻم
قاتل آهين قاهيءَ ٻم
سمجهه ثنائي راز رباني - فيض ڪندو ناڪنهڪي فاني
ڪامل اندر قيام - خلقت جي خير خواهيءُ ٻم
قاتل آهين قاهيءَ ٻم

(١)

(١) ثنائي ثناءالله ، 'قلمي بياض' تان

کافي

مينهن وٽي موکل بس ٽيون برساتيون
ڪرن ڪارن ڪي ڪيو هاشميءَ جي هڪل
ڪليا ڏينهن ۽ راتيون

سورج سڳو اپريو، ڦٽا گاه ۽ گل
ڏينون ڏاتر ڏاتيون

اڏامڪ آجا ٽيا باغن ۾ بلبل
لون تا پيالا تيون

بس ڪري بيهي رهيا پساڻ جا ٽل
محڪم ٽيون محلاتيون

گاج گڻگ ۾ هئي جاتي حشر هاڇا هل
بوندن جون ويون باتيون

مينهن ثنائيءَ بي مدد الله نه آٽي شل
ٻه پا نه ٽين ظلماتيون

(۱)

---

(۱) ثنائي ثناء الله :- 'قلمي بياض' تان

كافي

سيئي سور صدا منهنجي دل سهي ٿي
ٿهي وئي ٿهي وئي ٿهي وئي ٿهي وئي
انهيءَ رازجي رمز پرون رٿندي
رهي وئي، رهي وئي رهي وئي رهي وئي
مٿئي مونجهه من جي جدائي جي جهوري
لهي وئي لهي وئي لهي وئي لهي وئي
دغا باز دشمن ۽ دوهي جي دوهي
دهي وئي دهي وئي دهي وئي دهي وئي
ثنائي سنيالج پياڙيءَ پر و ر
وهي وئي وهي وئي وهي وئي وهي وئي

(١)

١، ثنائي ثناءالله :، 'قلعي بياض' تان

كافي

موت مٹا توں ميهر سائيڑي ٿي ءُ سير نيم
تو ٿڙ کي جان جسو عشق جي اوهير نيم
رات انڌاري آهي ڪڪرن جي ڪاڻي
واءُ وڏائي ويڙ چولين جي چوهاڻي
باجهه پرياهي ءَ پيڙي قابو ڪري نيم

دلبي جي لاءِ دلو ڪينهر جوڙ يو ڪوئي
پاڻي ءَ جي پوڻ ڪري سالم ناهي سوئي
هرگز ناهي حامي ميڙ بهر ميرنيم

توں آن ٽڪيو آڌر، توں آن وسيلو واهر
مار مٽا ماڙ ڪري، نانگ ندوڙ ناهر
آهي ثنائي سائل دانهين دلگير نيم

(١).

١، ثنائي ثناء الله ، 'قلمي بياض' تان

کافي

| گچيءَ پاند پائي پس پيش پرور |
| نہ توريءَ تکيو آ اسانجو نہ واهر |
| نہ توريءَ ٻيو آکو واهر وسيلو - مون مسکين جو کوهليءَ تو نہ حيلو |
| ڪندو ڪونہ توريءَ ولهيءَ ٻي ڪاواهر |
| گچيءَ پاند پائي پس پيش پرور |
| مئي بجد ٿيندي يون ڪلهم هي قربان - خدا ڪري ٻني گري لهي ڪير خبران |
| پٽ لئو وجهي پرڻ ڪندا چا مجاور |
| گچيءَ پاند پائي پس پيش پرور |
| شفا شاه تنهنجي وڏي واه تنهنجي - اسان لاءِ ڪافي آ درگاه تنهنجي |
| هٿي پي هُتي پي ڪندين داد دلور |
| گچيءَ پاند پائي پس پيش پرور |
| نہ طاقت نہ طاعت نہ آهي عبادت - ڪپي تو سندي ٿي اسانکي عنايت |
| ونگو وار منهنجو ڪندا ڪونہ ڪافر |
| گچيءَ پاند پائي پس پيش پرور |
| مدينيءَ مرسل ثنائيءَ لئہ سيّد - ڪندو ڪرم واريءَ نگهہ جوان جيّد |
| مسلمان مرسل جي دَر جا مجاور |
| گچيءَ پاند پائي پس پيش پرور (۱) |

(۱) ثنائي ثناءالله : ، ' قلمي بياض ' ص ۵

٥ كافي ٥

كر ياد الستي راز ميان - كين كيئي آواز ميان

هاڻي پورو كر پنهنجي واعدي كي
في الحال رسين تان فائدي كي
كر تڪ نه توڙ هن قاعدي كي
٥ دلبر سان دمساز ميان - كر ياد الستي .....

هكوار نظر كر سيني ۾
آيو پاڻ اندهيءَ آئيني ۾
ڏس بي رنگ رنگ رنگيني ۾
پڙهه ونحن اقرب باز ميان - كر ياد الستي .....

ٻن ٻيائيءَ كي ڏيئي ٽوڙ ميان
كل خيال خودي ءَ جا توڙ ميان
منهن غير سندس كان موڙ ميان
هٿ هر گهر كر هي ساز ميان - كر ياد الستي .....

چڏ خيال خودي ءَ جا ناسوتي
ڪر يار ثنائي[1] شابوتي
آهين مرغ چمن جو لاهوتي
پڇ پيرو كر پرواز ميان - كر ياد الستي .....

---

[1] ثنائي ثناءالله : قلمي بياض، تان ورتل

٥ كافي ٥

پيٽ وليون آهين پيو پيو - لا
حيف هجئي هن حال تي
لڄ شرم ۽ شان وڪيو تي
وات وهي شيطان چڪيو تي
ٽڪل تو ڪي چاٽيو تيو - لا حيف هجئي .....
مولا تنهنجو مان وڏايو
اشرف منجهه مخلوق بڻايو
حمد نه ان جو تو ڪيو ڪيو - لا حيف هجئي .....
تو ۾ آهي نور صفاتي
ذوق رکي تون گولڻ ذاتي
ميڙ مرشد جو تون چيو چيو - لا حيف هجئي .....
ماٺ ڪن ليڪي آدر ويشي
تون وٽ آهي اونده پيشي
پاڻ ۾ پائي ڏس ليئو ليئو - لا حيف هجئي .....
شهرت جي لئه شعر ٺهائي
سچو ڪوڙ و عشق اڙائي
وقت ٽنائي تنهنجو ويو ويو - لا حيف هجئي .....

(1)

(1) ٽنائي ثناء الله : ، قلمي بياض ' تان ورتل

۵ کافي ۵

الله لگ مون مٹيءَ کي تون ، مٿل منهنڙو ڏيکاري وڃ
آڱڻ منڌڻيي اچي هيڪر ، گهڙي هڪ يار گهاري وڃ
رلان نوليءَ رگوڙ ۾ ، هلان پئي هيڪلي سيج ۾
آهيان ڏاڍي سڙي اُڃ ۾ ، پنهل پاڻي پيٽاري وڃ
ڏنگا ڏونگر ڏکيا ڏاڪا ، وِنگا وَر پيچرا جهاڪا
ويچاري پئي ڪري واڪا ، ننگي نرمل نهاري وڃ
پٽ پپ جو پڪو پيچي ، ڪڙهان پئي ڪاهه ويو ڪيچي
پهان برَ ۾ پٽيءَ پيچي ، اچي اوٽي اتاري وڃ
ٿنائي عشق زوراور ، وڏو شوڪت پريو لشکر
ڪري حملو نوائي نر ، ڏونگر هن ڪي تون ڏاري وڃ (۱)

۵ کافي ۵

ڪمر نہ آکمڈات جو نپائڻ ناتو — الا
وسائن تا وڏ قدرا ، پيچ جني پاتو — الا
پاڻ وڃائي پاڏهنجو ، ڀاڻ انهن جاتو — الا
ملڻ لئہ محبوب جيءَ اندر ٿن آتو — الا
ٿنائي رکيج ساه ۾ ، اپر اوراتو — الا (۲)

---

(۱) ٿنائي ثناء الله : ، قلمي بياض ' تان ورتل

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

مولانا ثنائي غزلن مان انتخاب

خداري کو ماٺهوءَ کي ماريا نه سگهندو
جي ماري کو ظالم جياريا نه سگهندو
اهو سڄ ۽ چنڊ خلقيو خدا آ
ٻيو آدمي کو اپاري نه سگهندو
هدايت جو هادي به الله آهي
ستاريل کي شيطان کاري نه سگهندو
بنا ٿنڀ ٽوٽي ۽ جي جئن آسمان آ
خداري ۽ ٻيو کو ٻيهاريا نه سگهندو
بنا گهر خدا جي نه آ پار ٿيندو
متو ٻيو هٽي کو ڏياري نه سگهندو
متان مينهن پاڻي به مولا منجي ٿو
کو ماٺو وسائي ۽ تاري نه سگهندو
ثنائي آ جيئن هي قرآن قائم
ته رستو ٻيو کو ڏيکاري نه سگهندو

(۱)

۱) ثنائي ثناءالله :، ' قلمي بياض ' تان

٥ غزل ٥

دنيا جو بي بقا چو خو ، جهان آخر فنا آهي
حقان وند و هليو هرکو ، جهان آخر فنا آهي
لکين لشکر هئا جن وٽ ، عجائب تخت هاتن وٽ
چڏي سي کٽ وڃي پيا پٽ ، جهان آخر فنا آهي
جنين جا شوق هاشاهي ، لکين دَرَتي سندن گاهي
وٽي سي راه تيار اهي ، جهان آخر فنا آهي
عجب انصاف جن تي کيا ، پتو ناهي ته کاڏي ويا
وڃي سي خاک پر گڏيا ، جهان آخر فنا آهي
يقيناً ياد کر کُل من عليها فان رک تون من
دنيا جي دوستي پڻي ٻن ، جهان آخر فنا آهي
قبر تي روز هو کاري ، هلج روشن ڏيئو باري
کيو صالح عمل ساري ، جهان آخر فنا آهي
ثنائي کر فکر پنهنجو ، سفر آپيان اتي اهنجو
سمر ساري کٽ پنهنجو ، جهان آخر فنا آهي

(۱)

---

(۱) ثناءالله ثنائي ' قلمي بياض ' تان

۵ غزل ۵

ناگهان پئجي نظر ويم محب منور جي متان
روز شب رحمت وسي تي نور الور جي متان
پير توڙي ميرڪيئي انبياء ۽ اولياء
تيا سيئي عاشق رسول الله رهبر جي متان
حسن حضرت جي پسڻ لئه ملڪ سڀ مشتاق تيا
تيون پريون حورون به حيران سونهن سرور جي متان
شان ان جي ۾ ڪلام الله، ڪلمون ۽ صلواة
عام خاصن کي ڏنم پڙهندي پيغمبر جي متان
چو ثنائي جان من جي شوق ۾ شيدا نه ٿئي
ساه سر صدقي ڪيائين دوست دلبر جي متان (۱)

(۱) ثنائي ثناءالله 'قلمي بياض' تان

٥ غزل ٥

ملين دلدار توں مونکي ترمان تنهنجي کيان خدمت
وڃايان هنڊ ڳاليڀا ، سمهين سهڻا ڪرين فرحت

برهه جي باه پڙڪائي ، تپائي تئه محبت جو
پڇايان پرت جي ماني ، فراقن کان لهان فرصت

برين ٻڪرين ڏهي توکي ، خوشيءَ سان ڪيرمان پيارا ڀان
وري وڃوڙهڻ ۽ زور ڏئي ، دل جي ڪيان رحمت

ڦٽي ڏئي تنهنجي وارن کي ، سنواري سينڊ کي ٽاهيان
ڪڍي ارمان کل دل جا ، وري خوش تي کيان خلوت

ڏري ديدار ديدن جو ، ڏري پروان ڏسان جاڙيون
ڏري گفتو ٻڌان تنهنجو ، ڏري تنهنجي ڏسان حڪمت

کيان سر ساه ۽ املاڪ صدقي سئه دفعا توتي
ٿنائي ٿان سڄڻ سهڻا ، ڪرين جي هڪ گهڙي صحبت

(۱)

---

(۱) ٿنائي ثناء الله ، قلمي بياض ، تان

٥ غزل ٥

یادگیري یار جي ۾ رات گذري تي وڃي
هن زماني جي ڏکن جي گالهه وسري تي وڃي

زلف جي کاري بلا دل تي اچي تي دم بدم
او چتو هن وات مان پو دانهن نڪري تي وڃي

ساقيا نام خدا ڏي پُر پيالو ذوق جو
اڄ عشاقن کي عنايت جام خضري تي وڃي

جي اچي پاهر سڃڙ درسن ڪرايو پانهنجو
سڄ شرم کان منهن لڪائي چانڊ ڪري تي وڃي

جي چکين قتلي قهي پلجي دهن شيرين سان
عاشقن جي واسطي ناياب مصري تي وڃي (۱)

---

(۱) ثنائي ثناء الله : 'قلمي بياض' تان

غزل

ای صبا تو کی ورائی یار ڈی تو موکلیان
ڈی وجی نیا پو سجڑ سردار ڈی تو موکلیان

خون دل جی سان لکان تو درد جو هی داستان
چوتہ ظالم بیوفا خونخوار ڈی تو موکلیان

اج اکین مان لعل موتی ٹا وهن بی اختیار
چوتہ هی کاغذ هیئن جی هار ڈی تو موکلیان

دل گهری تی، دل لهی تی دل کری تی یاد یار
دانهن درد ن جی لکی دل نار ڈی تو موکلیان

کونہ قاصد کونہ کاغذ کونہ کانگل تو مکو
مون لکین نیا پا اوهان جی پار ڈی تو موکلیان

ای ثنائی درد دل جی جو کندو دلبر علاج
گالهہ هیٹی حال جی دلدار ڈی تو موکلیان

---

(۱) ثنائی ثناء الله ، 'مجاز ثنائی' ص ۸

غزل

کجي يار سو جو هجي يار هت هُت
جهانن هنڌهي ۾ وفادار هت هُت

ڇڏي حق کري جيکو صورت پرستي
اهو آدمي نيٺ ٿي خوار هت هُت

رکي جوان جيکو ٿو ياور سان يارهي
ته حاصل انهيءَ کي ٿي ديدار هت هُت

ڇڏي در ڏٺيءَ جو هيادر جو ويندي
ڏٺي پيا انهيءَ کان آبزار هت هُت

ثنائيَ سيني ۾ سدا رک سچائي
ٿو ميڙ مرسل مددگار هت هُت

(۱)

---

(۱) ثنائي ثناءالله ، ' قلمي بياض ' ص ۸۰ ص ۸۱

غزل (ناصحانہ)

اللہ لگ گھر سچو لتجي مگر مايا ڏيڻ مشكل
نندو كو پارتي پئجي مگر هي پي تيڻ مشكل
كو گهالهائي، كو سارهي، پلو چئي كو برو چئي كو
نكي كيجهي، نكي پچجي زهر جو ڊيڻ مشكل
مرڻ كان آب مري وڃجي، مرڻ پي آڏ كيو ڏاڍو
نه كنهن سان سور كو سلجي تہ جوش ۾ جيڻ مشكل
دغائن دشمنن جي ۾ برہ جي باه پئي ساڙي
سڙي پيو ساه سوڙن ۾ تڏ و جنهن جو ٿيڻ مشكل
كِرل بڌجي كبوتر جي پوڻ پيرن اندر چنبڙي
اڏائي نيڻ مدينو ڏي نيابت ري ڏيڻ مشكل
نه طاقت آ نه طاعت آ نه لياقت لائقي هون ۾
ثنائي ٿي سوالي ٿيان ادب پاران چوڻ مشكل

(۱)

(۱) ثنائي ثناء الله ، 'قلمي بياض' تان

غزل

کیان شڪرانا اڄ آيو پرين جي پار جو ڪاغذ
چمي چشمن متي لايان آئين جي نار جو ڪاغذ
لکيو مونڌي مٺي دلبر - لکايون تو پڙهان هر هر
چميا قاصد ڪليجي جا پهر - پڙهان پيو پيار جو ڪاغذ
هلي هدهد اڏي آيو - صبا ڏي جئن ڪڏي آيو
ڪري همت وڏي آيو - ڪٽي دلدار جو ڪاغذ
لکيل پر تئون پنو آهي - اچي قاصد ڏنو آهي
اندر جو غم چنو آهي - ملیو غمڪار جو ڪاغذ
سدا ڪٽ يار جا گايان - پلايون تنهن سنديو ڪانيان
ڪري تعويذ مان پايان - هميئن جي هار جو ڪاغذ
لکيو دلبر نڙ ايندا سي - ملاقي مست ٿيندا سي
ثنائي سور ٿيندا سي - ملیو اقرار جو ڪاغذ

(۱)

